## Digital E-Books of

# Ruk Sindhi



# رڪ سنڌي

## جا اليڪٽرانڪ ڊجيٽل ڪتاب


URL: http://geocities.com/ruksindhi
http://ruksindhi.8k.com
E-Mail: ruksindhi@yahoo.com
ruksindhi@hotmail.com
Phone: 022-2918519, Cell: 0333-2705529



انڊس اي بوڪ پبلشرز حيدرآباد

Indus E-Book Publisher

# سنڌ جي قومي تحريڪ
# ۽ سنڌين جو اتحاد

مصنف:

رڪ سنڌي

ڪمپوزنگ: سوجهرو ۽ سارنگ منگي، ميڊيا لنڪ ڪمپوزرس، حيدرآباد

اي – ايڊيشن 2008ع

# فهرست

1.سنڌ جي قومي تحريڪ ۽ سنڌين جو اتحاد
2.سنڌ قومي اتحاد ۽ پورهيت ڌريون
3.سنڌي مهاجر فساد
4.ڪاري رات جو سفر
5.موجوده فساد ۽ نيون حڪمت عمليون
6.سياڻي ڪنهن جو وارو آهي؟
7.اڪيلا نہ آهيون
8.آپريشن اڻ پورو آهي
9.اسان ۽ توهان لاءِ چئلينج
10.گهر جي بہ خبر لهو ......
11.ناراض نہ ٿيو تہ .... !
12.ڪراچي صرف اردو ڳالهائيندڙن جو شهر آهي؟
13.ايم ڪيو ايم طرفان ٻيهر هڙتال ۽ عوام جو ردعمل
14.سڄي ڪراچي دهشتگرديءَ جو شڪار آهي؟
15.ايم ڪيو ايم جي طوفاني پرچار جو توڙ ڪيڻ جي ضرورت
16.بدامني ڦهلائيندڙن کي انعام ڏيڻ جو اعلان
17.حڪومت ايم ڪيو ايم ڳالهين ۾ تعطل: گهرو ويڙھ جي سازش
18.اڪين ۾ قيد ٿي ويل شهر جي ڪهاڻي
19.سنڌ اندر وهندڙ رت ۾ فرق
20.سنڌي ۽ اردو ڳالهائيندڙن ۾ پنهنجائپ وڌڻ گهرجي
21.ٻهارين جي لڏپلاڻ ۽ غير فطري جوڙجڪ جي بقا جو سوال
22.مهاجرن جي لڏپلاڻي ذهنيت کي ڪو ٺاڪو لڳڻ گهرجي
23.ضلعي حڪومتون ۽ اختيارن جي ورڇ
24.سنڌ ۾ ٻوليءَ وارو تڪرار: پيرا ڪنهن ڏانهن وڃن ٿا؟

# سنڌ جي قومي تحريڪ ۽ سنڌين جو اتحاد

سنڌ ۽ سنڌي ڪڏهن بہ ختم نہ ٿيندا، اهو تاريخ جو فيصلو آهي. پر اهو فيصلو تيستائين برقرار رهي نہ ٿو سگهي، جيستائين اسان سنڌ ڌرتي جا سپاڳا فرزند پنهنجي مسلسل جهد ۽ جستجو، ڪوشش ۽ ڪاوشن ذريعي سنڌ کي اهو پنهنجو ساڳيو مقام نہ ٿا ڏياريون. جيڪو سنڌس اڄ کان ڏيڍ سو سال اڳ انگريزن جي فتح کان اڳ ٽالپرن جي دؤر ۾ هيو. يا ان کان اڳتي ڪلهوڙن، سمن، سومرن، ڏاهر، چچ، راءِ سهاسي جي دؤر ۾ هيو. جنهن وقت سنڌ پنهنجي قسمت جا فيصلا پاڻ ڪرڻ جي اهل هئي. هو ڪنهن ڌارئي حڪمران جي ذاتي پسند يا نا پسند جي محتاج نہ هئي. پر وارين رياستن ۽ قومن سان پنهنجا برادرانہ ۽ دوستانہ لاڳاپا رکڻ لاءِ مرڪز جي هڪ طرفن قانون، حڪمن، احڪامن جي محتاج نہ هئي. ان ئي دؤ ۾ سنڌ خوشحال هئي، سنڌ جا ماڻهو هر قسم جي ڌارئي يلغار ۽ قرلت جي خطري کان بي اونا ٿي، پنهنجي قسمت، پنهنجي ديس جي قسمت سنوارڻ لاءِ ڏينهن رات محنت ۽ مشقت ڪندا هيا. نيون تخليقون ڪندا هيا، پراڻين ۾ سدارا آڻيندا هئا. سنڌ جي پيڙهہ ۾ پنهنجو پگهر داخل ڪري، ان کي مضبوط ۽ مستحڪم ڪندا هئا. پر جڏهن سنڌ مٿان ڌارين قومن ۽ انهن جي جابر حڪمرانن دولت جي حرص ۽ هوس ۾ اچي، پنهنجين سرحدن کي ڦهلائڻ لاءِ مٿس قبضا ڪيا، ان جي آزادي ۽ خودمختياري ڇني ورتي تہ سنڌ جي ماڻهن جا تخليقي جوهر جنگ ۽ غلامي جي ڪارن ڪرن هيٺ پوساتجي تباهہ ۽ برباد ٿي ويا. هنن جو صلاحيتون جيڪي آزادي ۽ امن واري دؤر ۾ نسري ۽ نکري رهيون هيون، سي ختم ٿي ويون. خوشحال سنڌ ۾ بربادي‌ءَ جو ڀوت خوني ناچ نچڻ لڳو. ان ئي وقت ۾ ڌرتي‌ءَ جي ڏٽين پنهنجو تاريخي تسلسل ٻيهر واپس وٺڻ لاءِ، ڪجهہ وقت لاءِ تخليق ۽ تحقيق جا هٿيار هيٺ رکي، تخليق ۽ تحقيق وارن هٿن ۾ هٿيار مضبوطي سان جهلي ورتا تہ جيئن آزادي واپس اچي، جيئن امن واپس اچي، جيئن تخليق ۽ تحقيق تان پابندي ختم ٿئي ۽ جيئن خوشحالي اچي. ڇو جو خوشحالي، آزادي کان سواءِ، امن، آزادي کان سواءِ قائم ٿيڻ هڪ خواب آهي، جنهن جي ڪا بہ تعبير ٿيڻي ناهي.

اڄ منهنجي سنڌ، جيڪا اڄ کان ڏيڍ صدي اڳ پنهنجي آزادي ۽ خودمختياري وڃائي چڪي آهي، سا اڃا تائين ان ئي حالت ۾ آهي، جنهن وقت انگريزن جي فتح وقت هئي. سنڌين جا تخليقي جوهر، سنڌين ۾ اڳتي وڌڻ جا امنگ ۽ آرزو، سنڌن ذهني صلاحيتون، غلامي جي زنجيرن منجهہ زنگجي چڪيون آهن.

پورهيتن جا هٿ ڪٽجي چڪا آهن. تخليڪارن جون تخليقون اڻ پوريون رهجي ويون آهن. ڇو جو سنڌ جي تاريخ جو تسلسل غلامي جي ڪاري نانگ پنهنجي زهريلي ڦڻ جي ذريعي روڪي وڌو آهي. سنڌي ماڻهو روز روز نازل ٿيندڙ نين نين آفتن کي منهن ڏيڻ لاءِ ڊنل ٻار جيان چرڪ پري، هڪ ٻئي ڏانهن ان اميد ۾ آسري تي نهاري رهيا آهن تہ ڪو سنڌن والي واهي ٿئي، ڪو سنڌن واهرو ٿئي، ڪو ڪين آسرو ڏئي، ڪو سنڌن رهبري ڪري، ڪو سنڌن مسيحا ٿئي. پر ڪين خبر هجڻ گهرجي تہ هاڻ ڪو بہ وحي نہ ايندو، ڪو بہ نبي نہ ايندو، ڪو بہ رهبر نہ ٿيندو. ڪين پنهنجو مسيحا، پنهنجو رهبر، پنهنجو سهارو پاڻ ٿيڻ گهرجي. هو پاڻ رهبر آهن، هو پاڻ مسيحا آهن. ڪين ڪنهن ڏانهن نہ ڏسڻ گهرجي، ڪو بہ پرجهلو نہ ٿيندو. هنن کي پنهنجو ويساهہ پنهنجي اتحاد جي طاقت ۾ قوت ۾ رکڻ گهرجي.پاڻ پرو ٿي، هٿ هٿ ۾ ملائي اڳتي وڌڻ گهرجي. سڄي دنيا سنڌن اٿندڙ قدمن جي آجيان ڪندي، سنڌن سڏ جو پڙاڏو ٻنجندي. جيڪڏهن هو متحد ٿي پنهنجا هٿ دعائن لاءِ کڻڻ بدران هٿيارن ڏانهن وڌائيندا تہ آزاديءَ جي شهزادي سنڌن قدم چمندي. امن ۽ خوشحالي جا سدا ساوا ٻوٽا سنڌ جي اڱڻ تي پنهنجي سمورين تازگين ۽ سرهاڻين سان اپري پوندا. سنڌ جو چپو چپو انهن جي سرهاڻ سان واسجي ويندو.

اهو سڀ تڏهن ٿيندو، جڏهن سنڌي متحد هوندا. سنڌين جو اتحاد، سنڌ کي ڏيڍ سوءُ سالن جي غلاميءَ جي زنجيرن منجهان ڇوٽڪارو ڏياريندو.

سنڌي ماڻهو ڏيڍ سوءُ سالن کان پنهنجي غلاميءَ جا نيئر چنڻ ڪاڻ آتو آهي. سنڌي ماڻهن جي غلاميءَ جو هيءَ دؤر جيترو ڏگهو ۽ ٽڪائيندڙ رهيو آهي ۽ ان جي جڪڙ سنڌي ماڻهن مٿان هر طرف کان مضبوط ۽ مستحڪم ٿيندي رهي آهي. اوترو ئي سنڌي ماڻهن کي ان جڪڙ منجهان پاڻ کي ڇوٽڪارو ڏيارڻ ڪاڻ همت ۽ حوصلي، لاڳيتي جهد ۽ جستجو رستي پنهنجي راهہ تلاش ڪرڻي آهي.

ڪافي وقت کان سنڌي ماڻهو ان جڪڙ مان جند آزاد ڪرائڻ لاءِ مختلف تنظيمن جي مختلف پرگرامن رستي جهد ۽ جستجو ڪندو آيو آهي. پر اجا تائين هو اها وات ۽ ڏگ ڳولهي نہ سگهيو آهي، جنهن جي اختيار ڪرڻ سان هو پنهنجي غلاميءَ جا نيئر چني، آزاديءَ ۽ خوشحاليءَ جا ڏينهن ڏسي سگهي.

سنڌي ماڻهو گڏيل برصغير ۾ سنڌ جي مٿئين طبقي جي سياسي چالاڪين ۽ چالبازين جو شڪار بنجي آزادي جي ان جدوجهد کي غلط موڙ تي هلڻ کان روڪي نہ سگهيو، جنهن جدوجهد اڳتي هلي سنڌي قوم جي گڏيل اٿنت قومي وجود کي مذهب جي چڪيا تي چاڙهي ٻن حصن ۾ ورهائي ڇڏيو. جنهن ڪري سنڌ نہ صرف انگريزن جي سڌي غلامي مان نڪري، انهن جي دلالن پنجابين ۽ پناهگيرن جي ناهيل پنجوڙ يعني پاڪستان جي جبري الحاق ۾ جڪڙجي وئي. پر ان قدم سان سنڌي قوم جو هڪ اهم حصو صرف هندو مذهب جو پوئلڳ هجڻ ڪري، پنهنجا اباڻا ڪک ڇڏي سرحد پار هليو ويو. اهو صرف ان ڪري ٿيو جو هڪ تہ سنڌ اندر سياسي طور تي ڪا فعال ۽ متحرڪ انقلابي تنظيم ڪا نہ هئي، جنهن ڪري سڄو سياسي ميدان سنڌ جي وڏيرن ۽ زميندارن کي پيل ڪرڻ لاءِ کليو ملي ويو. ٻيو تہ سنڌ جا ماڻهو سياسي طور نہ باشعور هئا ۽ نہ متحد هئا. جيڪڏهن ان وقت سنڌي عوام باشعور ۽ متحد هجي ها تہ هوند هيءُ ڏينهن نہ ڏسڻا

پون ها، جيڪي پاڪستان جي جبري الحاق ۾ شامل ٿيڻ ڪان پوءِ سنڌين کي ڏسڻا پيا.

پاڪستان جي جبري الحاق ۾ شامل ٿيڻ ڪان پوءِ سنڌ اهڙي بدترين غلامي جي وَر چڙهي وئي، جيڪا ان ڪان اڳ انگريزن جي دؤر ۾ بہ نہ هئي. انگريزن جي دؤر ۾ سنڌي ثقافت ۽ ٻوليءَ کي انگريزن منجهان ڪو بہ خطرو ڪو نہ هيو، اٽلندو انگريزن جي دؤر ۾ سنڌي ٻولي وڏي پئماني تي ترقي ڪئي. ٻيو تہ انگريزن جي دؤر ۾ سنڌين کي اقليت ۾ اچڻ ۽ ان رستي پنهنجو قومي تشخص هميشہ لاءِ وڃائڻ جو ڪو بہ خطرو ڪو نہ هيو. جڏهن تہ پاڪستان ٺهڻ ڪانپوءِ سياسي ۽ معاشي غلاميءَ ڪان سواءِ اسان پنهنجو قومي تشخص ۽ پنهنجو الڳ ثقافتي تشخص وڃائڻ جي ويجهو اچي پهتا آهيون.

پاڪستان ٺهڻ ڪان پوءِ سنڌ کي مڪمل طور هڪ مفتوح ملڪ واري حيثيت ڏني وئي. ان جي وطني سرحدن، ثقافتي سرحدن ۽ سياسي ۽ اقتصادي مفادن جو ڪو بہ احترام نہ ڪيو ويو.

سنڌ جو سرحدون ٻهرين ڏينهن ڪان ڌارين ماڻهن جي آمد لاءِ ڏينهن رات کليل رهيون، جنهن ڪري نہ صرف ڀارت مان لکن جي تعداد ۾ اردو ڳالهائيندڙ پناهگير سنڌ ۾ اچي وارد ٿيا، پر پنجاب ۽ سرحد مان پڻ هر روز هڪ وڏي لوڏ اچي سنڌ تي قابض ٿيڻ لڳي. جنهن ڪري سنڌي ماڻهو تيزيءَ سان پنهنجي ڌرتي تي اقليت ۾ تبديل ٿيڻ لڳا. 1947ع ڪان اڳ سنڌ ۾ 2 سيڪڙو ڌاريا ماڻهو رهائش پذير هئا، هن وقت انهن جو تعداد وڌي 48 سيڪڙو ٿي ويو آهي. جيڪڏهن ان ٻوڏ جي آڏو بند نہ ٻڌو ويو تہ سنڌي ماڻهو واضح اقليت ۾ بدلجي ويندا. پوءِ ڌاريا ماڻهو سنڌين کي سنڌ ڇڏي وڃڻ تي مجبور ڪندا. جنهن قسم جا آواز هن وقت بہ ڌارين ماڻهن جي تنظيمن طرفان ٻڌڻ ۾ اچن ٿا.

پاڪستان ٺهڻ ڪانپوءِ نہ صرف ڌارين ماڻهن سنڌين کي اقليت ۾ آڻي، سنڌن وجود ختم ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي پر ان سان گڏوگڏ سنڌ جي اقتصادي وسيلن تي پڻ قبضو ڪري، انهن کي پنهنجي قبضي هيٺ آڻڻ جو عمل شروع ڪيو. پاڪستان ٺهڻ شرط سنڌي هندن جون ڇڏيل زمينون، دوڪان، صنعتون ۽ ڪاروبار ڀارت ڪان ايندڙن جي حوالي ڪيو ويو. سنڌ جي ٽنهي بيراجن سکر، گدو ۽ ڪوٽڙي بيراج جون تيار ٿيندڙ نيون زمينون لکين ايڪڙن جي حساب سان پنجابي جنرلن، چوڌرين ۽ مهاجر ڪليمينٽن منجهہ انعامن اڪرامن طور ورهايون ويون. سنڌ جي ٽن اهم شهرن ڪراچي، حيدرآباد ۽ سکر ۾ صنعتون لڳائي، انهن جو سڄو ڪنٽرول مالڪ ڪان مزدور تائين ٻاهرين ماڻهن جي حوالي ڪيو ويو. سنڌ جي معدنيات لوهہ، ڪوئلي، جپسم، ميٽ، لوڻ وغيره جون کاڻيون غير سنڌين جي حوالي ڪيون ويون. سنڌ مان ملندڙ تيل تي پڻ ڌارين ماڻهن کي قابض ڪرايو ويو. جن اتي سنڌي ماڻهن کي صرف مزدوري ڏيڻ بہ گوارا نہ ڪئي. سنڌ جون نوڪريون پڻ ونڊ ورهاست ڪري ترتيبوار پنجابين ۽ مهاجرن جي حوالي ڪيون ويون. جنهن جو نتيجو اهو نڪتو جو سنڌي هاري، هارپ جي حق تان بي دخل ٿي ويا، مزدورن کي ڪارخانن منجهہ داخل ٿيڻ ڪان روڪيو ويو، وچولو طبقو نوڪرين ڪان محروم رهجي ويو. جنهن ڪري سنڌي عوام جي هر طبقي ۾ بک ۽ بيروزگاري وڌڻ لڳي ۽ هو عمل جي ميدان مان ڌڪبو بي عمل ٿيندو رهيو.

سنڌ جي خوشحاليءَ ۽ شادابيءَ جو انحصار سنڌو درياهہ تي رهيو آهي. سنڌ بنيادي طور هڪ زرعي

ملڪ آهي. پنجاب جي استحصالي ٽولي سنڌ کان پنهنجي شادآبي ۽ خوشحالي کسڻ لاءِ، سنڌ جي زرعي معيشت کي تباهه ۽ برباد ڪري لولو لنگڙو ڪرڻ لاءِ سنڌ کان سنڌو درياهه جهڙي سوغات کسڻ جي ڪوشش ڪئي. پنجاب، سنڌ جو پاڻي روڪي، ان کي مڪمل طور پنهنجي رحم ڪرم جو محتاج بنائڻ لاءِ سنڌو درياهه مٿان ناجائز طور تي ڊيم ٺاهڻ، واهه ۽ بئراج ڪيڻ شروع ڪيا. جنهن ڪري سنڌ، جنهن کي سنڌو درياهه جي پاڻي تي 75 سيڪڙو حق هيو، سا ان حق کان محروم رهجي وئي. نتيجي طور سنڌ جي زرخيز زمين پاڻي نہ ملڻ ڪري غير آباد ٿي سم ۽ ڪلر جي ور چڙهي وئي. جنهن جي ڪري سنڌ جي زرعي معيشت تباهه ۽ برباد ٿي وئي. هوڏانهن سنڌ جي پاڻيءَ تي پنجاب سرسبز ۽ آباد ٿيڻ لڳو. اڄ وري سنڌ جو رهيل کهيل پاڻي ڦٻائڻ ۽ ان کي مڪمل طور برپٽ ۾ تبديل ڪرڻ لاءِ ڪالا باغ ڊيم جو منصوبو ٺاهيو ويو آهي. ان کان سواءِ ٿل ۽ دجل پراجيڪٽ پڻ ان سلسلي جي ڪڙي آهن، تہ سنڌ کي پاڻي جي ڦڙي ڦڙي لاءِ سڪائي پنجاب جو محتاج بنايو وڃي.

پاڪستان جي حڪمران ٽولي بس رڳو اتي ڪا نہ ڪئي پر اڳتي وڌي سنڌي قوم تي هڪ اهڙي وار ڪرڻ جو منصوبو سٽيو، جيئن نہ رهي بانس نہ وڄي بانسري. اهو هيو سنڌي ٻولي جو خاتمو. جيئن نہ رهي سنڌي ٻولي ۽ نہ ان بنياد تي سنڌي ماڻهو پنهنجي سڃاڻپ ڪرائي سگهن يا هن ڌرتي تي پنهنجي دعويداري داخل ڪري سگهن. ان ڪري پاڪستان ٺهڻ کانپوءِ سنڌي ٻوليءَ کي ختم ڪرڻ لاءِ ننهن چوٽيءَ جو زور لڳايو ويو. لياقت علي خان وزيراعظم ٿيڻ شرط هزارن جي تعداد ۾ سنڌي ميڊيم اسڪول ختم ڪري، ڪراچي منجهان عملي طور تي سنڌي ٻولي کي نيڪالي ڏئي ڇڏي. ان بعد ايوب خان جا تعليمي سدارا، سنڌي فائينل جو ختم ٿيڻ، 1972ع وارو لساني بل وغيره اهڙا عمل هيا، جن رستي سنڌي ٻوليءَ کي ختم ڪرڻ جي واضح حڪمت عملي اسان جي سامهون اچي ٿي. سنڌي ٻوليءَ کي پنهنجي وطن ۾ ٻئي درجي جي ٻولي جو درجو ڏنو ويو. ان کي سنڌ جي قومي ۽ واحد سرڪاري زبان بنائڻ بدران، ان مٿان اردو کي مڙهي ۽ ان ئي سنڌ جي ٻي ٻولي قرار ڏيئي اهڙو ماحول پيدا ڪيو ويو جو سنڌي ٻولي ڏينهون ڏينهن عمل جي ميدان مان ڌڪبي وئي سوڙهي ٿيندي. هن وقت بہ سنڌي ٻوليءَ کي ختم ڪرڻ ۽ آهستي آهستي ان جي جاءِ تي اردو کي آڻڻ لاءِ مرحليوار ڪم ٿي رهيو. مختلف ننڍن ۽ وڏن شهرن ۾ سنڌي ميڊيم اسڪول بند ڪري اتي اردو کوليا پيا وڃن. سنڌي ٻوليءَ جي ڪتابن، رسالن اخبارن سان ٻيائي واري ڪار جاري آهي.

سنڌ جي الڳ وطني حيثيت جيڪا ڪيس ممتاز ڪيو بيٺي آهي، ان کي آهستي آهستي مٽائڻ لاءِ پاڪستان جي وجود ۾ اچڻ واري وقت کان ئي ڪوششون ٿي رهيون آهن. ان منصوبي تحت پهريان ئي مرڪزي گادي جي هنڌ جي بهاني، سنڌ کان ڪراچيءَ کي زوري الڳ ڪيو ويو. جنهن خلاف سنڌين جي هر طبقي آواز بلند ڪيو، پر پاڪستاني حڪمرانن ان آواز کي گولين ۽ جيلن رستي دٻائي ڇڏيو. اهڙيءَ طرح سنڌي ماڻهو پاڪستان ٺهڻ کانپوءِ پنهنجي واحد وڏي شهر ۽ بندرگاهه کان محروم ٿي ويا. اهو سڀ ڪجهه اتي ختم ڪو نہ ٿيو، پر اڃان بہ اڳتي وڌي ونيونٽ جي منصوبي ذريعي، سنڌ کي زوري هڪ يونٽ ۾ شامل ڪري، ان جي علحده وطني حيثيت کي مڪمل طور ختم ڪيو ويو. جنهن ڪري سنڌ هڪ علحده وطن جي حيثيت

سان دنيا جي گولي تان في الحال غائب ٿي وئي. سنڌ جو نانءُ نشان نشري ۽ اشاعتي حوالي سان ماضيءَ جي ياد بنجي ويو. سنڌي ماڻهن جا فيصلا سنڌ ۾ ٿيڻ بدران لاهور منجهه ٿيڻ لڳا.اولهه پاڪستان هڪ يونٽ جي حيثيت ۾ عظيم تر پنجاب ٿي ويو. سنڌي ماڻهو پنهنجي گهر تي دعويداريءَ ۽ حقداريءَ واري تصور کان محروم رهجي ويا. جڏهن سنڌي عوام سنڌ جي ان طرح نيست و نابود ٿيڻ واري عمل خلاف سراپا احتجاج بنجي ويا ۽ متحد ٿي ان خلاف جدوجهد جي ميدان منجهه ڪاهي پيا تہ حڪمرانن لفظي طور پنهنجو اهو حڪم واپس وٺي سنڌ جي اڳين حيثيت بحال ڪئي. ان بعد بہ پردي جي پويان ساڳيو عمل جاري رهيو، سنڌ کي ٽڪر ٽڪر ڪرڻ لاءِ نيون سازشون تيار ٿيڻ لڳيون، نوان گهاٽ گهڙجڻ لڳا. اڄ وري حڪمران پنهنجي پراڻي منصوبي کي عملي جامو پهرائڻ لاءِ زور شور سان تياريون ڪري رهيا آهن. سنڌ کي ٽڪرن ۾ ورهائڻ لاءِ سنڌ اندر خانہ جنگي ڪرائي رهيا آهن.

سنڌ مٿان وڌل غلاميءَ جي سنگهرون اجان بہ سگهاريون ڪرڻ لاءِ، مستقبل ۾ سنڌي ماڻهن طرفان سنڌ دشمن عملن خلاف جدوجهد ڪرڻ واري خطري کي منهن ڏيڻ لاءِ حڪمران طبقا هڪ وڏي سازش سٽي رهيا آهن. جيئن جڏهن بہ سنڌي ماڻهو پنهنجو حق حاصل ڪرڻ لاءِ ميدان ۾ اچن تہ کين ڪچيءَ ۾ ئي تباهہ ۽ برباد ڪيو وڃي. سنڌ تي پنهنجو قبضو مستقل ۽ مستحڪم ڪرڻ لاءِ سنڌ منجهه فوجي ڇانوڻين جو ڄار وڇايو پيو وڃي. ان منصوبي تحت سڄي سنڌ ۾ 22 فوجي ڇانوڻيون ٺاهڻ جو پروگرام بڻايو ويو آهي. جنهن تحت پنين عاقل ۾ فوجي ڇانوڻيءَ جي تعمير مڪمل ٿي چڪي آهي ۽ ٻين هنڌ ابتدائي ڪم شروع ڪيو ويو آهي. نہ صرف فوجي ڇانوڻين جي تعمير جاري آهي پر 1977ع کان وٺي لاڳيتو سنڌ کي هڪ وڏي جنگي ميدان ۾ تبديل ڪري اسان جي هر ننڍي وڏي شهر منجهه فوجي ڪئمپون قائم ڪيون ويون آهن. جيئن وقت اچڻ تي سنڌي ماڻهن جو محاصرو تنگ ڪري کين گوڏا کوڙڻ تي مجبور ڪيو وڃي.

حڪمران ٽولن جي ان سڄي سنڌ دشمن عمل کي روڪڻ ۽ سندن سازشن ۽ مڪارين کي مٽي ۾ ملائڻ لاءِ سنڌي قوم جو ڪهڙو عمل رهيو. شروع کان اڄ تائين جي حالتن تي نظر وجهجي ٿي تہ خبر پوي ٿي تہ اسان جو عمل ان خلاف بلڪل سطحي ۽ نہ جهڙو رهيو. اسان وٽ ڪا بہ نظرياتي پارٽي ڪا نہ جڙي سگهي، جيڪا عوام کي صحيح ۽ سچو دڳ ڏسي، انقلابي سائنسي نموني جدوجهد جو آغاز ڪري سگهي. هر پارٽي ۽ تنظيم تي زميندار، وڏيرا ۽ انهن جي مفادن جا رکوالا ۽ پاسبان ڇانئيل رهيا. جيڪي ڪڏهن بہ اهو نہ پيا چاهين تہ عوام کي صحيح ۽ سچي انقلابي تعليم ۽ واٽ ملي. هنن پنهنجن مفادن جي سلامتيءَ لاءِ عجيب قسم جا نعرا ۽ پروگرام ڏئي عوام کي اصلي انقلابي جدوجهد جي ميدان تان ڪوهين دور ڌڪي ڇڏيو. عوام مٿئين طبقي جي غدارين ۽ بي ايمانين ڪري، ڌارين ڦورن آڏو چوڪنيو جڪڙجي تباهہ ۽ برباد ٿيندو رهيو.

سنڌ اندر وڏيرڪي سياست، محلاتي سازشن ۽ غير سائنسي پروگرام هجڻ ڪري، سنڌي ماڻهو مختلف ٽولين ۽ چونڪڙين منجهه ورهايل رهيا. اسان وٽ ڪا بہ اهڙي پارٽي ۽ تنظيم موجود ڪا نہ هئي، جيڪا اڪيلي سر انهن حالتن جو مقابلو ڪري سگهي. اسان جي سڄي قوم عجيب قسم جي ذهني مانداڻ ۽ اضطراب ۾ رهي، مايوسي جو شڪار ٿيڻ لڳي. هر طرف بي يقيني ۽ موت جهڙي ماٺ ڇانئيل رهي. سنڌ سطح

تي يا سنڌ جي مسئلن لاءِ ڪم ڪندڙ تنظيمن جو عمل، جيڪو اصل ۾ سنڌي ماڻهن کي متحد ۽ منظم ڪرڻ طرف هجي ها، ان اڻلندو سنڌي ماڻهن کي اڪيلو ڪري انتشار ۾ مبتلا ڪري ڇڏيو. اسان جي تنظيمن، جن جي جدوجهد جو رخ اسان جي گڏيل دشمن ڌاريئي حڪمران ۽ ڦورو ڌانهن هجڻ گهرجي ها، انهن جي زبانن، قلمن ۽ بندوقن جو رخ هڪ ٻئي طرف رهيو. جنهن ڪري سنڌ جو دشمن وچ مان پاڻ بلڪل صاف صاف بچائي، سنڌ کي وڏي اطمينان ۽ سڪون سان تباهه ۽ برباد ڪندو رهيو. ايترين گولين دشمن اسان کي ختم ڪرڻ لاءِ ڪو نه استعمال ڪيون، جيترين اسان هڪ ٻئي کي ختم ڪرڻ لاءِ هلايون. هر ڌر پاڻ کي سنڌ جو اڪيلو وارث ۽ مالڪ سمجهڻ لڳي. هر ڌر صرف پاڻ کي حق ۽ سچ تي ۽ باقي ٻين کي سنڌ دشمن، ڪوڙو، ڪذاب ۽ واجب القتل سمجهڻ لڳي. سنڌ سطح تي يا سنڌ جي حقن واري حصول جي پروگرام تحت ڪم ڪندڙ تنظيمن ۾ اصل ۾ هجڻ ته اتفاق ۽ اتحاد گهرجي ها. پر هنن ۾ ايڏو ته نفاق ۽ اڻبڻت رهي جو انهن جا ليڊر هڪ ٻئي جي ڳالهه ٻڌڻ ته ڇا پر منهن ڏسڻ به گوارا نه ڪرڻ لڳا. سياسي ۽ نظرياتي اختلاف، ذاتي دشمنين ۾ تبديل ٿي ويا. ائين محسوس ٿيڻ لڳو ته اسان هي تنظيمون پنهنجي دشمن کي شڪست ڏيڻ لاءِ ڪو نه ٺاهيون آهن، پر اُهي اصل ۾ هڪ ٻئي کي ختم ڪرڻ لاءِ ٺاهيون آهن. هر سياسي ۽ نظرياتي مخالف، ڌارين جو ايجنٽ ۽ سنڌين جو دشمن نظر اچڻ لڳو. سنڌ جا ڳڀرو جوان ۽ مستقبل جا معمار تنظيمن جي انهن اختلافن ۽ دشمنين جي ڪري پنهنجين حياتين تان هٿ ڌوئي ويٺا.

اسان جي انهن تنظيمي اختلافن ۽ ڇڪتاڻ جو نتيجو اهو نڪتو جو سنڌ اندر ڌاريو ڦورو پاڻ کي وڌيڪ مضبوط، منظم ۽ مستحڪم ڪرڻ لڳو. هن پنهنجي مڪارين ۽ سازشن جي ڄار کي اڃا به وڌيڪ ويڪرو ۽ وسيع ڪري ڇڏيو. اسان جي نفاق مان فائدو وٺندي، اسان جي دشمن ان کي خوب هوا ڏني، ان نفاق کي پنهنجي مفادن لاءِ خوب استعمال ڪيو. اسان جيئن پوءِ تيئن ويا‌سين نستا ۽ ڪمزور ٿيندا. ڪنهن به مسئلي تي حڪمران ڌر سان مهاڏو اٽڪائڻ جهڙا ڪو نه رهياسين. اسان جي ان انتشار ۽ نفاق، دشمن کي هر اهو سنڌ دشمن عمل ڪرڻ تي هرڪايو، جيڪو هوئنن هو اسان جي اتحاد ڪري هوند نه ڪري سگهي ها. سنڌ اندر ڏسندي ڏسندي ڌڙن ڪن ڌارين ماڻهن جون تنظيمون وجود ۾ اچي ويون، جن کي مسلح ۽ منظم ڪيو ويو. سنڌ جي حقن جي حصول لاءِ اٿندڙ آواز کي چٿڻ ۽ چيڀاٽڻ لاءِ رياستي طاقت جو بي انتها استعمال ڪيو ويو. 1977ع کان پوءِ لاڳيتو سنڌ اندر وسيع تر فوجي آپريشن ڪري ڳوٺن کي تباهه ڪيو ويو. سوين ماڻهن کي ڌاڙيل قرار ڏئي ماريو ويو. انهن جا گهر ساڙيا ويا، عورتون ۽ ٻار ٽاڻن ۾ واڙيا ويا. سنڌ جي ڳڀرو جوانن کي تعليمي ادارن اندر گولين سان اڏايو ويو. ڪيترائي نوجوان حق ۽ سچ جو آواز بلند ڪرڻ جي ڏوهه ۾ زندان جي حوالي ڪيا ويا، ڳريون سزائون ڏنيون ويون، ڪوڙا هڻيا ويا، بي دريافتا سالن جا سال قيد ڪيا ويا. ان سڄي صورتحال سنڌ جي ساڃهه وند طبقن کي ڪجهه سوچڻ ۽ ڪرڻ تي مجبور ڪيو.

سنڌ جي اديبن، شاگردن، استادن، مزدورن، هارين، ٻارن، ٻين، مردن عورتن ان ظلم خلاف هڪ ٿي جدوجهد ڪرڻ جو آواز بلند ڪيو. سنڌ جي ليڊرن کي، سنڌي جي تنظيمن کي سنڌ جي واسطي متحد ۽ منظم ٿيڻ جو سڏ ڏنو. عوام اتحاد لاءِ آتو هو، پر انهن جا ليڊر پنهنجي ذاتي انا، وڏ ماڻهپي، شخصي مفادن،

دشمن جي ڌپ ۽ لالچ کان نہ صرف هڪ ٻئي کان ڪوهين دور هيا پر هڪ ٻئي جا ذاتي دشمن ٿيو ويٺا هئا. عوام منجهہ اتحاد لاءِ جذبو ۽ اتساهہ ايڏو تہ چوٽ چڙهيل هو، جو ڪنهن بہ سنڌي قوم جي فرد سان ڪو بہ ظلم يا ناانصافي ٿيندي هئي تہ هو بنا ڪنهن تنظيمي حڪم جي، نظرياتي اختلاف جي هوندي بہ بنا ڪنهن ڳالهہ ٻولهہ واري اتحاد يا باضابطا فيصلي جي، ان ظلم ۽ ناانصافي خلاف هڪ آواز ٿي، هڪ وجود ٿي جدوجهد ڪرڻ لڳو. ان وقت ماڻهن پنهنجن ليڊرن، پنهنجن تنظيمن جي وچ ۾ اختلافن، پرگرام جي فرق ۽ ذاتي ٽڪرائن جي ذري برابر بہ پرواهہ ڪا نہ ڪئي. ان وقت هو صرف ۽ صرف سنڌي قوم جا فرزند هجڻ ناتي هڪ ٿي ويندا هئا.

سنڌي عوام جو اتحاد قائم ڪرڻ لاءِ جذبو ۽ اُتساهہ ان ڳالهہ مان چٽو ٿي بيهي ٿو تہ جڏهن بہ ڪو سنڌ سان هاڃو ٿيو، جڏهن بہ ڪا سنڌي عوام سان ويساهہ گهاتي ٿي تہ عوام تنظيمن ۽ انهن جي ليڊرن ڏانهن ڏسڻ بدران گڏيل نموني پڻ هرتو اڻ لکيل اتحاد قائم ڪري ٻاهر نڪري آيو. ان وقت اهو نہ ڏٺو ويو تہ اها ويساهہ گهاتي ڪهڙي ڌر سان ٿي آهي. پر صرف سنڌي هجڻ جي ناتي، ظلم خلاف، ظالم خلاف عوام پاڻ هرتو جدوجهد ۾ ڪاهي پيو. ان قسم جي اتحاد لاءِ پيدا ٿيندڙ پاڻ هرتي جوش ۽ جذبي جا اسان کي 1980ع کان پوءِ ڪافي مثال ملن ٿا. جڏهن 1983ع ۽ 1986ع ۾ ايم آر ڊي جي پليٽ فارم تان سنڌ ۾ جمهوريت جي بحاليءَ لاءِ تحريڪ هلائي وئي ۽ فوجي جنتا سنڌي ماڻهن تي ظلم ۽ تشدد شروع ڪيو تہ سنڌ جي مختلف تنظيمن جا ڪارڪن، تنظيمي حڪمن جي انتظار ڪرڻ کانسواءِ ميدان تي نڪري سنڌي ماڻهن جا پرجهلا ٿيا. ان وقت اهو ڪو نہ سوچيو ويو تہ اسان جون پارٽيون ايم آر ڊي ۾ شامل ڪو نہ آهن. ان ڪري ان جي پليٽ فارم تان ٿيندڙ جدوجهد ۾ ڪيئن ٽپي پئجي. پر سوچيو صرف اهو ويو تہ ان تحريڪ دوران حڪمران ٽولو سنڌ ۾ جيڪي ڪجهہ ڪري رهيو آهي، سو سنڌ دشمني تحت ڪري رهيو آهي. ان بعد وري جڏهن ٺوڙي ڦاٽڪ تي 17 آڪٽوبر 1984ع ۾ جيئي سنڌ اسٽوڊنٽ فيڊريشن جي نوجوانن جو فوجي جنتا قتل عام ڪيو تہ ان قتل عام خلاف سنڌ جو هر ماڻهو بنا ڪنهن پارٽي جي تفريق جي ٻاهر نڪري آيو. ان قتل عام خلاف سنڌ پيپلز اسٽوڊنٽ فيڊريشن پڻ احتجاج ڪيو ۽ ان جو مرڪزي صدر شهيد اقبال هيسباڻي ان احتجاج دوران هڪ سال قيد ڪاٽي آيو. سپاف بابت عام طور تاثر اهو ويٺل هو تہ ان جا جساف سان ايڏا تہ نظرياتي اختلاف ۽ دشمنيون آهن، جو انهن ٻنهي تنظيمن ۾ اتحاد ٿيڻ صرف هڪ خواب آهي، جنهن جي ڪا بہ تعبير ڪا نہ آهي. پر اهڙي ڏکئي وقت ۾ بنا ڪنهن ڳالهين ٻولهين يا باضابطا اتحاد جي، ان تنظيم جي ڪارڪنن جو جدوجهد ۾ شامل ٿي وڃڻ، ان ڳالهہ جو ثبوت آهي تہ سنڌي ماڻهن منجهہ اتحاد ۽ اتفاق لاءِ ڪيڏو نہ عظيم جذبو ۽ اُتساهہ موجود آهي. جڏهن عوامي نئشنل پارٽيءَ جي مرڪزي سينئر نائب صدر شهيد فاضل راهو کي شهيد ڪرايو ويو تہ ان وحشي قتل ۽ ڪلئي ظلم ۽ ناانصافي خلاف سنڌ جو چپو چپو سراپاً احتجاج ٿي اُٿي پيو. ان قتل خلاف بنا ڪنهن باضابطا ڏاهہ جي سنڌ جي هر سياسي پارٽي جي ڪارڪن احتجاج ڪيو. جيئي سنڌ محاذ کان پاڪستان پيپلز پارٽيءَ تائين، پاڪستان ڪميونسٽ پارٽيءَ کان سنڌ دوست انقلابي تنظيم تائين هر ڌر جي ڪارڪن ان احتجاج ۾ ڀرپور حصو ادا ڪيو. نہ صرف مٿيان واقعا پر هڪ اهم واقعي جنهن تي

سنڌ اندر هڪ ٻئي جي مخالف جماعتن جي ڪارڪنن عظيم الشان اتحاد جو مظاهرو ڪيو. جيڪو سنڌ جي عوام جي دلين ۾ اتحاد قائم ڪرڻ لاءِ پيدا ٿيل جوش ۽ جذبي جو زنده مثال آهي، سو آهي سائين جي ايم سيد جي گرفتاريءَ وقت جيئي سنڌ ۽ پيپلز پارٽي جي ڪارڪنن جو گڏيل احتجاج. هن احتجاج ۾ ٻنهي تنظيمن پنهنجن ٻن ڪارڪنن هر هڪ اعجاز ڪونهاري (پ پ) ۽ مستاني برهماڻي (جيئي سنڌ) جي سر جي قرباني ڏني، سنڌ ۾ اتحاد جي ضرورت ۽ ان لاءِ عوام جي دلين ۾ موجود تڙپ ۽ گڏيل احساس کي وڌيڪ زوردار ۽ پُر اثر انداز ۾ پيش ڪيو. بعد ۾ قادر مگسيءَ جي گرفتاري خلاف سنڌ ۾ 3 ڏينهن مڪمل هڙتال ۽ اهڙن ٻين واقعن تي ٿيل گڏيل احتجاج مان ثابت ٿئي ٿو ته مختلف تنظيمن جي ليڊرن ۽ اڳواڻن جي نسبت ۾ انهن جي ڪارڪنن جي دلين منجهه اتحاد جي قيام لاءِ ڪيڏو نه زبردست جذبو ۽ اُتساهه موجود هيو. ڪافي وقت کان سنڌي عوام جو گڏيل مطالبو صرف سنڌي قومي جو اتحاد قائم ڪرڻ متعلق رهيو. عوام جي مختلف حلقن، تنظيمن جي سچن ۽ باعمل ڪارڪنن جي دٻاءَ ۽ اڻٿڪ ڪوشش اتحاد جي عمل کي تيز کان تيز تر ڪيو. اتحاد لاءِ جيڪا پيش قدمي ليڊرن کي ڪرڻي هئي، سا عوام پاڻ هر تو تاريخ جي سڏ تي ڪري رهيو هو. عوام اهو سڀ ڪجهه ڪري رهيو هو، جيڪو هن کان اڳ ليڊرن کي ڪرڻو هو. عوام ليڊرن کان جدوجهد جي ميدان ۾ اڳتي هو ۽ ليڊر ان کان ڪوهين ميل دوُر هئا. جيڪي اصل ۾ اڳواڻيءَ ۽ رهبريءَ جا دعويدار هئا.

* * *

سنڌ جون انتهائي ڏکوئيندڙ حالتون، سنڌ ۾ ڪم ڪندڙ تنظيمن کي هڪ ٻئي جي ويجهو آڻي رهيون هيون. سنڌ ۾ وسيع تر اتحاد، تاريخي ضرورت بڻجي چڪو هئو. حالتن مختلف تنظيمن ۽ انهن جي اڳواڻن کي مجبور ڪيو ته هو پاڻ ۾ ٿيندڙ ويڙهه ۽ جنبدا پٽ چڏي، پنهنجن تنظيمي ۽ نظرياتي اختلافن کي پاسيرو رکي، تاريخي ضرورتن جي پورائي لاءِ ڪن اهڙن بنيادي مسئلن تي پاڻ ۾ اتحاد ڪن. جيڪي سيني لاءِ گڏيل ۽ فوري حل طلب مسئلا هجن. اسان جي تنظيمن جي وچ ۾ اهڙيون ڪيتريون ئي هڪجهڙايون هيون، جن جي بنياد تي اتحاد ٿي سگهي پيو. سنڌ جا ڪيترائي اهڙا مسئلا ۽ مشڪلاتون هيون، جيڪي فوري حل طلب هيون ۽ انهن جي حل لاءِ مڙني تنظيمن وٽ هڪجهڙو مؤقف هيو. ڪافي وقت کان اهڙن مسئلن لاءِ مختلف ذريون پنهنجن پنهنجن پليٽ فارمن تان اڪيلي سر جدوجهد ڪري رهيون هيون. پر جيئن ته انهن ذرين ۾ ڪا اهڙي اڪيلي ذر موجود ڪا نه هئي، جيڪا سنڌ سطح تي عوام جي وسيع قوت پاڻ سان رکندڙ هجي، جو ٻين جي سهڪار کان سواءِ اڪيلي سر اهي مسئلا حل ڪرائي سگهي. ان ڪري ضرورت ان ڳالهه جي هئي ته ٽڙيل پکڙيل قوت کي هڪ هنڌ متحد ۽ منظم ڪجي. جيئن گڏيل طاقت ۽ قوت سان سنڌي قوم جو وجود بچائي ان کي آزادي ۽ خوشحالي سان همڪنار ڪري سگهجي.

اتحاد جي سلسلي ۾ پهريون پر هڪ اهم قدم ان وقت کنيو ويو. جڏهن محترم جي ايم سيد نظربندي جي حالت ۾ جناح اسپتال ۾ زير علاج هيو ۽ اتفاقاً ان ئي وقت سنڌ جا ٻه رهنماءَ جناب رسول بخش

پليجو ۽ جناب ڄام ساقي پڻ ان ئي اسپتال ۾ قيدي هجڻ جي حالت ۾ زير علاج هيا. سنڌي اڳواڻن اهو موقعو غنيمت سمجهندي، سنڌي عوام جي اتحاد لاءِ پهريون قدم جناح اسپتال ڪراچي منجهان کنيو. جناح اسپتال ۾ جناب جي ايم سيد (جيئي سنڌ تحريڪ)، جناب رسول بخش پليجي (عوامي تحريڪ)، جناب ڄام ساقي (ڪميونسٽ پارٽي) ۽ جناب ڊاڪٽر ارباب کهاوڙ (وطن دوست انقلابي پارٽي) گڏجي اتحاد جي قيام لاءِ پهرين گڏجاڻي ڪئي. هن پهرين گڏجاڻي ۾ مڙني رهنمائي پنهنجن پارٽين جي وچ ۾ No War Pact (جنگ بندي) ڪئي. جنهن تحت فيصلو ڪيو ويو ته ڪا به تنظيم يا ان جي ذيلي تنظيم هڪ ٻئي خلاف بهتان بازي نه ڪندي، هڪ ٻئي جا پروگرام خراب نه ڪنديون، هڪ ٻئي مٿان تعليمي ادارن ۾ هٿياربند حملا نه ڪنديون. هر تنظيم کي پنهنجي پروگرام پيش ڪرڻ ۽ ان لاءِ اسٽيج استعمال ڪرڻ جي آزادي هوندي. تنظيمن وچ ۾ پيدا ٿيندڙ اختلاف بندوق بازيءَ بدران ڳالهين ٻولهين رستي محبت ۽ ڀائيچاري واري ماحول ۾ نبيريا ويندا. اتحاد لاءِ انهن گڏجاڻين کي جاري رکڻ ۽ ڳالهين کي اڳتي وڌائڻ لاءِ وڌيڪ ڳالهين جا دؤر شروع ٿيڻا هئا، پر پنجابي حڪمران طبقي سنڌي اڳواڻن جي ان اتحاد کان بدحواس ٿي، انتهائي خوف ۽ هراس ۾ اچي جناب جي ايم سيد کي بيماريءَ جي حالت ۾ سن موڪلي ڇڏيو ۽ جناب ڄام ساقي ۽ جناب رسول بخش پليجي کي اسپتال مان ڪڍي جيل اماڻي ڇڏيو. جنهن ڪري اتحاد لاءِ ٿيندڙ ابتدائي ڪوششون اڌ ۾ رڪجي ويون. پر پوءِ به اتحاد طرف اهو بظاهر ننڍڙو قدم، انهن ڏکوئيندڙ حالتن ۾ هڪ اهم قدم ثابت ٿيو.

اتحاد طرف کنيل هن ننڍڙي قدم، عوام ۾ سرهائي جي لهر پکيڙي ڇڏي، مايوسي ۽ بددلي کي يقين ۽ محڪم ارادي ۾ بدلائي ڇڏيو. سنڌ جي تعليمي ادارن اندر هلندڙ خونريز جنگ، جنهن ڪيترن ئي سنڌي ڪونڌرن کي هڪ ٻئي جي خون جو پياسو بڻائي ڇڏيو هو، سا بند ٿي وئي. مختلف تنظيمن جي ڪارڪنن منجهه هڪ ٻئي ڏانهن ويجهڙائي پيدا ٿي. جنهن اڳتي هلي اتحاد لاءِ اڃا وڌيڪ سازگار ماحول پيدا ڪيو.

وقت جي تقاضا کي محسوس ڪندي، سنڌ اندر مختلف سطحن تي اتحاد لاءِ ٻيهر ڪوششون ڪيون ويون. شروع شروع ۾ اتحاد قائم ڪرڻ لاءِ باضابطا ڪوششون انهن تنظيمن شروع ڪيون، جيڪي سنڌ جي آزادي ۾ يقين رکن پيون ۽ سنڌن ڪم جو دائرو فقط سنڌ تائين پکڙيل هيو. انهن تنظيمن ۾ جيئي سنڌ تحريڪ، سنڌ دوست انقلابي تنظيم، سنڌ ساگر پارٽي، سنڌ نيشنل ڪانگريس ۽ سنڌ انقلابي تحريڪ شامل هيون. انهن 5 تنظيمن وڏي جفاڪشيءَ بعد 1986ع جي شروع ۾ هڪ اڻ لڪيل راڄوٽي اتحاد قائم ڪري ورتو. هي اتحاد صرف هڪ نقطي ”سنڌ جي آزادي“ تي قائم ڪيو ويو. ان سان گڏ هن اتحاد سنڌ اندر ڌاري آبادڪاري روڪائڻ، فوجي ڇانوڻين ۽ ڪالاباغ ڊيم جا منصوبا رد ڪرائڻ ۽ سنڌي ٻولي کي قومي ٻولي جو درجو ڏيارڻ ڪاڻ پڻ مهم جو آغاز ڪيو. انهن تنظيمن جي اڳواڻن انهن نقطن کي بنياد بڻائي سچي اندر جدوجهد جي شروعات ڪئي، انهن مسئلن تي پمفليٽ، اسٽيڪر، هينڊ بل ڇپائي، سنڌ جي ماڻهن کي صورتحال کان آگاهه ڪيو ۽ جدوجهد لاءِ ميدان تيار ڪرڻ شروع ڪيو. هنن تنظيمن انهن نقطن جي بنياد تي سنڌ جي 9 ضلعن اندر جلسا منعقد ڪري، سنڌي ماڻهن کي متحرڪ ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. پر پوءِ به اهو

اتحاد پنهنجا بنيادي مقصد ماڻي نہ سگهيو. ڇو جو هڪ تہ ان اتحاد ٻن سالن جي وڏي عرصي اندر هڪ مستقل ۽ باضابطا اتحاد جي شڪل اختيار ڪا نہ ڪئي ۽ ٻيو تہ ان منجهہ باقي ٽڙيل پکيڙيل سياسي ڌرين کي شامل ڪري، ان کي وسيع ڪرڻ جي ڪوشش ڪا نہ ڪئي وئي. ان ڪري هي اتحاد سنڌ اندر خاطر خواهہ مقبوليت حاصل ڪري ڪو نہ سگهيو ۽ نہ وري وڏي پيماني تي ماڻهن کي پاڻ سان ملائي ۽ منظم ۽ متحرڪ ڪري سگهيو. هن راڄوٽي اتحاد ۾ شامل ڪيترين پارٽين جو اتحاد ڏانهن گهرو ۽ جذباتي لڳاءُ نہ رهيو. پر پوءِ بہ هن اتحاد جا ڪيترا مثبت پهلو بہ سامهون آيا. هڪ تہ هن اتحاد، آزادي پسند تنظيمن ۾ گهرو رابطو پيدا ڪيو، جنهن ڪري سندن وچ ۾ هڪ ٻئي لاءِ پيدا ٿيل بدگمانيون ۽ شڪ دور ٿيا. انهن تنظيمن جي ڪارڪنن منجهہ ويجهڙائي پيدا ٿي ۽ اٿٻٿ وارو ماحول مانو ٿيو. هن اتحاد باقي ٻاهر رهيل پارٽين ۽ تنظيمن کي مجبور ڪيو تہ هو بہ سنڌي قوم کي متحد ڪرڻ لاءِ پنهنجون قوتون صرف ڪن. هن اتحاد اڳتي هلي هڪ وسيع تر اتحاد لاءِ ميدان تيار ڪيو.

جڏهن عوامي نيشنل پارٽيءَ جي مرڪزي سينئر نائب صدر جناب فاضل راهو کي جنوري 1987ع ۾ وحشيانہ نموني شهيد ڪيو ويو تہ ان وحشيانہ قتل خلاف سنڌ جون مڙئي تنظيمون ۽ پارٽيون هڪ آواز ٿي احتجاج ڪرڻ لڳيون. سنڌ جي هر فرد پارٽي اختلافن کان بالاتر ٿي ڳنڍيل احتجاج ڪيو. جنهن مان سنڌي قوم ۾ ٻڌي قائم ڪرڻ جي ضرورت جو احساس وڌيڪ شدت سان محسوس ٿيو. جڏهن شهيد فاضل راهوءَ جي چاليهي تي سندس ڳوٺ راهوڪيءَ ۾ سنڌ جي مڙني پارٽين جا اڳواڻ ڪٺا ٿيا تہ اتي جناب رسول بخش پليجي مڙني دوست ڌرين کي اتحاد جي ڪوٺ ڏني ۽ ان لاءِ محمد ابراهيم جويي کي ماڊريٽر مقرر ڪيو ويو. پر اهو سڏ صرف اسٽيجي سڏ ٿي رهجي ويو ۽ ان جي وڌيڪ پوئواري نہ جناب پليجي ۽ نہ جناب جويي صاحب ڪئي. ان بعد اتحاد جي سڏ کي وري ٻيو دفعو نهايت وزندار نموني 21 مئي 1987ع تي سنڌ هاري ڪاميٽيءَ طرفان ڪامريڊ جتوئي جي ورسي جي موقعي تي ڇمبڙ ۾ ورجايو ويو. اتحاد لاءِ وڌيڪ پيش قدمي جو ڪم سنڌ هاري ڪاميٽي تي رکيو ويو. سنڌ هاري ڪاميٽي جي رهنماءِ جناب غلام رسول سهتي نهايت سچائيءَ ۽ خلوص سان اتحاد لاءِ ڪم شروع ڪيو ۽ مختلف پارٽين جي رهنمائن سان مليو، انهن کي اتحاد ۾ شامل ٿيڻ تي رضامند ڪري ورتو. اجان هن اتحاد جي قيام لاءِ ابتدائي ڪوششون هلندڙ هيون تہ جناب پليجي صاحب جيئي سنڌ تحريڪ کي هن اتحاد کان پري رکڻ ۽ اتحاد کي پنهنجي ذاتي مقصدن ۽ پنهنجن ٺهيل رخن تي هلائڻ لاءِ اخباري بيانن، تقريرن ۽ انٽروين رستي جيئي سنڌ تحريڪ تي حملا ڪرڻ شروع ڪيا. ان کان سواءِ پليجي صاحب ان اتحاد کي پنجاب مخالف رخ ڏيڻ بدران مهاجر مخالف رخ ڏيڻ لاءِ چالاڪين ۽ چالبازين جو وسيع ڄار وڇائڻ شروع ڪيو.

جناب رسول بخش پليجي صاحب جي ان لائين اختيار ڪرڻ ڪري جيئي سنڌ تحريڪ، سنڌ ساگر پارٽي، سنڌ دوست انقلابي تنظيم، سنڌ انقلابي تحريڪ ۽ سنڌ نيشنل ڪانگريس سميت ڪيتريون ئي هارين، مزدورن ۽ شاگردن جون جماعتون ان اتحاد ۾ شامل ٿيڻ کان رهجي ويون.

اتحاد جي قيام لاءِ ٿيندڙ پهرين گڏجاڻي ۾ صرف وفاقي سطح جون 9 پارٽيون شامل ٿي سگهيون.

اهڙي طرح انهن 9 سياسي پارٽين ۽ مختلف ادبي، سماجي ۽ شاگردن، هارين جي فرنٽن گڏجي ”سنڌي عوام جو قومي اتحاد“ وجود ۾ آندو. هن اتحاد ۾ شامل اهم ڌريون هي هيون:

(1) عوامي نيشنل پارٽي (2) وطن دوست انقلابي پارٽي

(3) ڪميونسٽ پارٽي (4) پاڪستان نيشنل پارٽي

”سنڌي عوام جو قومي اتحاد“ جي جدوجهد جو بنياد هيٺين چئن نقطن تي رکيو ويو.

(1) سنڌ ۾ ڌاري آباد ڪاري روڪائڻ

(2) ڪالا باغ ڊيم منصوبو رد ڪرائڻ

(3) فوجي ڇانوڻين خلاف جدوجهد ڪرڻ

(4) سياسي قيدين جي آزادي.

جناب رسول بخش پليجي صاحب اتحاد کي پنهنجي مقرر ڪيل لائين تي هلائڻ لاءِ شعوري طور هيٺيون ڪوششون ورتيون:

هي اتحاد صرف نج سنڌي ماڻهن جو هجي.

هن اتحاد جو پهريون نمبر دشمن مهاجر کي بنايو ويو.

هن اتحاد کي آزادي پسند تنظيمن خلاف رخ ڏنو ويو.

جناب پليجي صاحب جي ان مؤقف سان اتحاد ۾ شامل ٿيندڙ ڪجھ تنظيمن اختلاف ڏيکاريو. انهن ۾ وطن دوست انقلابي پارٽي شامل هيون. هنن ٻنهي ڌرين جو مؤقف هيو ته اتحاد کي صرف نج سنڌي ماڻهن جو اتحاد بنائڻ بدران ان ۾ سنڌ ۾ رهندڙ اردو آبادي جي ان حصي کي به شامل ڪيو وڃي، جيڪي پاڻ کي سنڌي سمجهن ٿا ۽ سنڌ جي مفادن خاطر اسان سان گڏ جدوجهد ڪرڻ لاءِ تيار آهن. هنن ٻنهي ڌرين اتحاد جو پهريون نمبر دشمن مهاجر کي قرار ڏيڻ بدران، اصل دشمن پنجاب جي حڪمران طبقي، فوجي جنتا ۽ سندن آقا آمريڪي سامراج کي قرار ڏيڻ گهريو. هنن ٻنهي ڌرين اتحاد کي آزادي پسند تنظيمن خلاف رخ ڏيڻ جي شديد مخالفت ڪئي ۽ اتحاد ۾ آزادي پسند تنظيمن سميت سنڌ نيشنل فرنٽ ۽ پيپلز پارٽيءَ کي شامل ڪرڻ تي زور پريو.

جڏهن جناب پليجي صاحب ڪميونسٽ پارٽي ۽ وطن دوست انقلابي پارٽي جي ان مؤقف کي مڃڻ کان سخت انڪار ڪيو ته اهي ٻئي ڌريون اتحاد مان ٻاهر نڪري آيون. هاڻ باقي اتحاد ۾ وڃي جناب پليجي صاحب جي عوامي نيشنل پارٽي ۽ پاڪستان نيشنل پارٽي بچيون. جنهن بعد ”سنڌي عوام جي قومي اتحاد“ کي ميدان عمل ۾ لاٿو ويو. هن اتحاد سنڌ ۾ ڪالا باغ ڊيم ۽ فوجي ڇانوڻين خلاف هزارين ماڻهن جا مظاهرا ۽ جلسا ڪرايا. سنڌ جي هر ننڍي وڏي ڳوٺ ۾ اتحاد جي چار نقاطي پروگرام تحت جلسا ٿيا ۽ جلوس نڪتا. هن اتحاد پهريون دفعو سنڌ جي ٽن وڏن شهرن سکر، حيدرآباد ۽ ڪراچي ۾ لکين سنڌي ماڻهن جا مظاهرا

ڪري، سنڌي عوام منجهه خوداعتمادي، ڀروسو ۽ يقين پيدا ڪيو. هن اتحاد سنڌي ماڻهن کي پهريون دفعو خالص سنڌ جي مسئلن تي وڏي پيماني تي تحرڪ ۾ آندو. جيڪو اڳ قومي حوالي سان تمام گهٽ اڳتي آيو هو.

هي اتحاد پڻ تاريخي ضرورتن جو پورائو نه ڪري سگهيو. ان جا هيٺيان سبب هيا:

ته هي اتحاد نج سنڌي ماڻهن جو هجڻ ڪري، سنڌ ۾ رهندڙ اردو ڳالهائيندڙن کي پاڻ منجهه سمائي نه سگهيو. ان ڪري اردو ڳالهائيندڙ اسان جي اصل دشمن يعني پنجاب جي ڪئمپ ڏانهن ڏڪجڻ لڳا. هن اتحاد پنهنجا اتحادي پيدا ڪرڻ ۽ دشمن کي اڪيلو ڪرڻ بدران دشمن کي اتحادي ڏاهي پاڻ کي اڪيلو ڪري ورتو. اڻ سڌي طرح هي اتحاد پنجاب جو ڪم آسان بنائي رهيو هو. ته جيئن هو سنڌ ۾ مستقل طور آباد ٿين ڌرين کي ويڙهائي، ڪمزور ڪري، پاڻ کي صاف صاف بچائي، پنهنجي ڦرلٽ کي جاري رکيو اچي.

هن اتحاد، پنهنجو پهريون نمبر دشمن مهاجر کي بنائي سنڌي ماڻهن جو پنهنجي اصل دشمن پنجاب تان توجهه هٽائڻ جي ڪوشش ڪئي. جنهن ڪري سنڌي ماڻهن جي جدوجهد متاثر ٿي. ٻيو ته مهاجر کي پنهنجو دشمن بنائڻ ڪري سنڌ اندر خانه جنگي ٿيڻ جو خطرو پيدا ٿي ويو.

هن اتحاد کي آزادي پسند تنظيمن جو مخالف رخ ڏيئي محدود ڪيو ويو ۽ ان ۾ باقي تنظيمن جي شموليت کي ٻنجو ڏنو ويو. شعوري ۽ لاشعوري طور تي آزادي پسند تنظيمن جي اثر کي گهٽائڻ ۽ سنڌي ماڻهن کي قومي جدوجهد تان هٽ ڪٽي صرف چند مسئلن واسطي جدوجهد ڪري رعايتون وٺڻ ۽ مصلحت پسندي اختيار ڪرڻ لاءِ تيار ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي.

مٿين سببن ڪري ”سنڌي عوام جو قومي اتحاد“ سنڌي ماڻهن جي صحيح طرف رهنمائي ڪرڻ کان قاصر رهجي ويو. ان ڪري ضرورت پيدا ٿي ته انهن مٿين ٻنهي اتحادن يعني آزادي پسندن جو راڄوٽي اتحاد ۽ سنڌي عوام جو قومي اتحاد بدران هڪ اهڙو وسيع تر قومي اتحاد ٺاهڻ لاءِ ڪوششون ڪيون وڃن، جيڪو سنڌي عوام جي صحيح طور رهنمائي ڪري سگهي ۽ انهن جي بنيادي گهرجن ۽ ضرورتن جو پورائو ڪري سگهي.

* * *

سنڌ ۾ وسيع تر اتحاد قائم ڪرڻ لاءِ، آزادي پسند تنظيمن سان گڏ ”سنڌي عوام جي قومي اتحاد“ مان نڪتل ٻه ڌريون، ڪميونسٽ پارٽي ۽ وطن دوست انقلابي پارٽي ڪوششون وٺڻ شروع ڪيون. نيٺ گڏيل ڪوشش سان مڙئي سنڌ دوست ڌريون وسيع تر اتحاد قائم ڪرڻ لاءِ 4 اپريل 1988ع تي سن ۾ گڏجاڻي ڪرڻ تي متفق ٿي ويون. سنڌي عوام جو قومي اتحاد (سپنا) ۾ شامل هڪ ڌر پاڪستان نيشنل پارٽي پڻ ان گڏجاڻي ۾ شامل ٿيڻ تي رضامندي ڏيکاري. جنهن ڪري رسول بخش پليجو صاحب پنهنجي عوامي نيشنل پارٽي سميت ”سپنا“ ۾ اڪيلو رهجي ويو. جنهن بعد پليجي صاحب ان گڏجاڻي کي ناڪام ڪرڻ لاءِ مختلف ڌرين وٽ پنڌ ڪيا، پر مڙئي پارٽيون ۽ انهن جا رهنماءَ سنڌ جي حقيقي دشمن خلاف اتحاد ڪرڻ لاءِ تيار هيا.

جنهن ڪري مجبورن پليجي صاحب 3 اپريل تي سن اچي سائين جي ايم سيد سان ملاقات ڪئي ۽ گڏجاڻي ۾ شموليت جي خواهش ظاهر ڪئي. پليجي صاحب جي هاڻ اها ڪوشش هئي ته ڪنهن نه ڪنهن نموني ان نئين ٺهندڙ اتحاد تي پنهنجي گرفت مضبوط ڪئي وڃي ۽ ان کي پنهنجن مقصدن ۽ مرادن لاءِ استعمال ڪيو وڃي. ان لاءِ ضروري هيو ته جناب جي ايم سيد کي پنهنجي مقصدن ۽ مرادن لاءِ استعمال ڪيو وڃي. ان لاءِ ضروري هيو ته جناب جي ايم سيد کي پنهنجو هم خيال بنايو وڃي يا ان مٿان پنهنجا اثر وهاريا وڃن.

4 اپريل 1988ع تي سن ۾ سنڌ جي نمائندگي ڪندڙ مختلف پارٽين جا هيٺيان اڳواڻ شريڪ ٿيا.

جيئي سنڌ تحريڪ: عبدالواحد آريسر ۽ ٻيا
عوامي نيشنل پارٽي: رسول بخش پليجو ۽ ٻيا
سنڌي بلوچ پختون فرنٽ: يوسف ٽالپر ۽ ٻيا
وطن دوست انقلابي پارٽي: ڊاڪٽر ارباب کهاوڙ
پاڪستان ڪميونسٽ پارٽي: جام ساقي
سنڌ ساگر پارٽي: مولانا عزيزالله ٻوهيو
سنڌ نيشنل ڪانگريس: قاسم پٽر
سنڌ دوست انقلابي تنظيم: ادريس چانڊيو
سنڌ انقلابي تحريڪ ۽ ٻيون تنظيمون.

اتحاد قائم ڪرڻ لاءِ ٿيل هن پهرين گڏجاڻيءَ ۾ جدوجهد ڪرڻ لاءِ هيٺيان چار نقطا طئہ ڪيا ويا.

(1) ڪالاباغ ڊيم ٺهڻ نه ڏبو
(2) سنڌ ۾ فوجي ڇانوڻيون ختم ڪرائڻ
(3) سنڌ ۾ڌاري آبادڪاري بند ڪرائڻ
(4) سنڌ جي سياسي قيدين جي آزادي

هن اتحاد کي اڃان بہ وسيع ڪرڻ لاءِ ان ۾ رهيل پارٽين ۽ گروپن کي شامل ڪرڻ لاءِ اتحاد طرفان جناب رسول بخش پليجي ۽ مئڊم حميده کهڙو تي ٻڌل هڪ ڪاميٽي جوڙي وئي ۽ ان تي اهو ڪم رکيو ويو تہ هو رهيل پارٽين جن ۾ پيپلز پارٽي، نيشنل پيپلز پارٽي، قومي محاذ آزادي سميت مختلف هم خيال شخصيتن، اديبن، دانشورن وغيره کي اتحاد ۾ شامل ٿيڻ لاءِ دعوت ڏئي. اتحاد جي ايندڙ گڏجاڻي 20 مئي 1988ع تي سن ۾ رکي وئي. اتحاد جون باقي گهرجون پوريون ڪرڻ ۽ جدوجهد جو رخ مقرر ڪرڻ لاءِ ساڳي تاريخ مقرر ڪئي وئي.

جناب رسول بخش پليجي صاحب دعوتن ڏيڻ جو اهڙو طريقيڪار اختيار ڪيو جو هوڏانهن غلام

مصطفيٰ جتوئي کي تہ دعوت ڏني وئي پر ممتاز ڀٽي ۽ مخدوم طالب موليٰ کي دعوت ڏيڻ جي ضرورت محسوس نہ ڪئي. اتحاد جي گڏيل فيصلي هوندي بہ قومي محاذ آزادي کي باضابطا دعوت نہ ڏني وئي. اهڙيءَ طرح اردو ڳالهائيندڙن جي ترقي پسند ۽ سنڌ دوست ترين کي اتحاد کان پري رکڻ جي شعوري ڪوشش ڪئي وئي. جناب پليجي صاحب اتحاد ۾ پنهنجي مضبوط لابي پيدا ڪرڻ ۽ ان رستي اتحاد جي پاليسين تي اثر انداز ٿيڻ لاءِ عوامي نيشنل پارٽي جي هٿ ٺوڪين ننڍين ننڍين فرنٽن کي الڳ الڳ دعوتون ڏنيون، اتحاد جي جنرل ڪائونسل ۾ 9 غير اهم ميمبرن جو اضافو ڪيو. جڏهن تہ ٻين تنظيمن پنهنجن هارين، مزدورن، شاگردن، ٻارن، شاگردياڻين جي فرنٽن کي جنرل ڪائونسل ۾ علحده علحده ميمبر شپ ڪا نہ ڏياري. پليجي صاحب 20 مئہ 1988ع جي گڏجاڻي کان اڳ جناب جي ايم سيد سان گهاٽا لاڳاپا پيدا ڪرڻ لاءِ وٺس هر روز پنڌ ڪيا ۽ پنهنجن مختلف فرنٽن جا وفد سن موڪلي سائين جي ايم سيد تي اثر انداز ٿيڻ ۽ ان کي پنهنجين پاليسين تي هلائڻ لاءِ وڏا جتن ڪيا. پليجي صاحب ڪوشش ڪري سيد صاحب کي سنڌ جي باقي ترقي پسند ترين کان پاسيرو ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. پر هو وڏي پٺماني تي ايئن ڪرڻ ۾ ڪامياب وڃي نہ سگهيو.

نيٺ 20 مئہ 1988 جو اهو ڏهاڙو بہ آيو، جنهن لاءِ سنڌ جي هر ماڻهو جو اکيون آسروند هيون. 20 مئہ تي سنڌ جي مڙني جمهوريت پسندن، ترقي پسندن، قومپرستن جو منهن سن ڏانهن هيو. جتي اڄ سنڌن مستقبل لاءِ هڪ تاريخي فيصلو ٿيڻو هو.

20 مئہ تي سن ڪانفرنس ۾ سنڌي قوم جو وسيع تر اتحاد ٺاهڻ لاءِ سنڌ ۾ ڪم ڪندڙ سياسي، ادبي، ثقافتي تنظيمن سان گڏ هارين، مزدورن، شاگردن، عورتن ۽ ٻارن جي تنظيمن جي 88 نمائندن شرڪت ڪئي. هن ڪانفرنس ۾ سنڌ ۾ ڪم ڪندڙ مڙني تنظيمن جي نمائندن شرڪت ڪئي. صرف پاڪستان پيپلز پارٽي ۽ نيشنل پيپلز پارٽي صرف ان ڪري شامل ٿيڻ جي سعادت کان محروم رهجي ويون، جو هنن کي ”وفاق“ جي دلربا نعري ۽ پنجاب طرفان اقتدار جي تحفي ملڻ ايئن ڪرڻ کان روڪي وڌو.

سن ڪانفرنس ۾ 12 سياسي جماعتن سان گڏ انهن جي مختلف هارين، شاگردن، مزدورن، ٻارن، عورتن جي فرنٽن ۽ مختلف ادبي، سماجي تنظيمن ۽ فردي طور تي 9 صوبائي ۽ قومي اسيمبلي جي ميمبرن سميت مختلف اهم شخصيتن شرڪت ڪئي. هن ڪانفرنس ۾ جن سياسي جماعتن شموليت اختيار ڪئي سي هيءُ آهن:

(1) جيئي سنڌ تحريڪ — (2) عوامي نيشنل پارٽي
(3) وطن دوست انقلابي پارٽي — (4)ڪميونسٽ پارٽي آف پاڪستان
(5) سنڌي بلوچ پختون فرنٽ — (6) سنڌ دوست انقلابي تنظيم
(7) پاڪستان نيشنل پارٽي — (8) نيشنل ڊيموڪريٽڪ پارٽي
(9) جمعيت علماءِ سنڌ — (10) سنڌ ساگر پارٽي
(11)سنڌ انقلابي تحريڪ — (12) سنڌ نيشنل ڪانگريس

ڪانفرنس ۾ پليجي صاحب ۽ سندس ذر جو مؤقف هيو تہ هي صرف سنڌي ماڻهن جو اتحاد هجي ۽ ان ۾ ڪنهن بہ اردو ڳالهائيندڙ کي شامل نہ ڪيو وڃي. ان ڪري اتحاد جو نالو "سنڌي قومي اتحاد" رکيو وڃي. جڏهن تہ اڪثريت راءِ ان جي هئي تہ اتحاد ۾ اردو ڳالهائيندڙن کي پڻ شامل ڪيو وڃي. جيئن هو دشمن جي ڪئمپ ۾ داخل ٿيڻ کان روڪي سگهجن. متفق راءِ سان اردو ڳالهائيندڙن لاءِ اتحاد ۾ شموليت لاءِ شرط رکيا ويا تہ هو ڏار قوميت جو نعرو هٽڻ بند ڪن، پاڻ کي سنڌي سمجهن، مذهب کي سياست کان جدا رکن، سنڌ جي مفادن کي پنهنجن گروهي مفادن مٿان ترجيح ڏين. سنڌين جي اتحاد جي نقطن جي حمايت ڪن. اتحاد جي نالي متعلق گرماگرم بحث ٿيو. ان ڪري ان مسئلي تي ووٽنگ ڪرائي وئي. جنهن جي نتيجي ۾ 73 ووٽن مان 53 ووٽ "سنڌ قومي اتحاد" جي حق آيا ۽ 20 ووٽ "سنڌي قومي اتحاد" جي حق ۾ پيا. پليجي صاحب دشمن جو تعين ڪرڻ وقت پڻ مسئلو اٿاريو. پليجي صاحب جي ذر جو مؤقف هيو تہ اسان جو دشمن نمبر پهريون مهاجر آهي، ان ڪري اتحاد ان خلاف جدوجهد ڪري. جڏهن تہ اڪثريت ان راءِ کي رد ڪندي، پنهنجو دشمن نمبر پهريون پنجاب کي قرار ڏنو. اهڙي طرح 20 مئہ جي تاريخي اجلاس ۾ "سنڌ قومي اتحاد" وجود ۾ اچي ويو.

(مختلف اخبارن ۾ ڇپيل 20 جون 1988ع)

✶✶✶

# سنڌ قومي اتحاد ۾ پورهيت ڌريون

سنڌ قومي اتحاد ٺهڻ کان پوءِ، جلد ئي پنجاب جي حڪمران ٽولي، اتحاد خلاف نوان گهاٽ گهڙڻ شروع ڪيا. فوجي حڪمران آمر ضياءَ، اتحاد ٺهڻ کان 9 ڏينهن پوءِ جوڻيجي حڪومت کي ڊاهي نين چونڊن ڪرائڻ جو اعلان ڪيو . ان اعلان کان اڳ اتحاد کي سنڌ ۽ ان کان ٻاهر سياسي، سماجي، ادبي حلقن ۾ جيڪا مخالفت توڙي موافقت ۽ اهميت ملي رهي هئي، سا نين چونڊن جي اعلان، ايجيٽيشن جي واٽ بدران پارليامينٽري راهه کلي پوڻ ڪري گهٽ ٿيڻ لڳي. عوام 11 سالن جي طويل آمريت کانپوءِ آزادانه اليڪشن جي راهه کلي پوڻ ڪري، ان رستي پنهنجن مسئلن ۽ مشڪلاتن جو حل نڪري اچڻ واري واٽ ڏانهن متوجه ٿيڻ لڳو. اليڪشن جي اعلان کان اڳ پيپلز پارٽي جيڪا بظاهر خاموش هئي، سا پڻ سياسي ميدان ۾ زور شور سان حصو وٺڻ لڳي. سنڌي ماڻهو جيڪي اليڪشن جي اعلان کان اڳ، اتحاد کي پنهنجن اميدن جو مرڪز سمجهي رهيا هئا ۽ پنهنجي قيادتن ۽ تنظيمن کي اتحاد ۾ شامل ٿيڻ ۽ ان کي مضبوط ڪرڻ لاءِ دٻاءُ وجهي رهيا هئا. انهن کي چونڊن جي صورت ۾ نئون ماحول ملي ويو. اليڪشني سياست جي شهسوارن، پڻ نئين صورتحال ۾ اقتدار تائين رسائي حاصل ڪرڻ، اقتدار جي اصل وارث پنجاب جي خوشنودي حاصل ڪرڻ لاءِ اتحاد کان پاسيرو ٿي ڪري، پنهنجا پرڙا ساهڻ شروع ڪيا. اهڙي ريت اتحاد ۾ اقتدار پرست ٽولن، فردن ۽ پارٽين جا اليڪشن ڪري راتو رات موقف تبديل ٿي ويا. هو اتحاد ۾ دلچسپي وڌائڻ بدران، ايجيٽيشن جي سياست ڪرڻ بدران، پارليامينٽري قسم جي سولي جدوجهد ۽ اقتدار تائين رسائيندڙ واٽ کي وڌيڪ اهميت ڏيڻ ۽ ان ۾ ڀرو وٺڻ لڳا. اتحاد اندر موجود سومرا فئملي ۽ هارون خاندان، جيڪي متئين طبقي جي نمائندگي ڪندڙ فرد هئا، انهن پنهنجي روايتي غداري ۽ سنڌ دشمني جو ثبوت ڏيندي وجي آمر ضياءَ جي ڪئمپ ۾ داخل ٿيا. انهن ويڪائو سنڌ دشمن ماڻهن جي ان قدم، اتحاد کي ٺهڻ سان ئي پهريون دفعو هڪ وڏي بحران ۽ اٿل پٿل جو شڪار بڻائي ڇڏيو. عوام منجهه اتحاد بابت شڪ شبها وڌڻ لڳا. اتحاد جي سياسي حريف پاڪستان پيپلز پارٽيءَ ان ڳالهه کي بنياد بڻائي، اتحاد خلاف سخت پروپيگنڊا جو طوفان ڪڙو ڪري ڏنو ته اتحاد جنرل ضياءَ جي روايتي دشمن پ پ جو اثر ختم ڪرڻ لاءِ برپا ڪيو ويو آهي. سومرا فئملي ۽ هارون خاندان کي اتحاد اندر وٺي اچڻ جو سهرو جناب جي ايم سيد ۽ جناب رسول بخش پليجي جي سر تي

هو. جن ماڻهن اتحاد تي پنهنجي گرفت مضبوط ڪرڻ لاءِ ان ڪي مٿئين طبقي جي هٿن ۾ ڏيڻ لاءِ ڪميونسٽ ڌرين ڪي اتحاد اندر غير موثر ڪرڻ لاءِ فيصلا پنهنجي منشا مطابق ڪرائڻ لاءِ اتحاد اندر بنا ڪنهن تميز جي مٿئين طبقي جي ماڻهن ڪي ججهي تعداد ۾ نمائندگي ڏيڻ شروع ڪئي.

سنڌ قومي اتحاد ۾ شامل اليڪشني سياست ڪندڙ پارٽين ۽ فردن اليڪشن جي اعلان کان پوءِ اتحاد جي جدوجهد کان هٽي، اليڪشني سياست تي وڌيڪ توجهه ڏيڻ شروع ڪيو. اتحاد جي تنظيم ڪاري رڪجي وئي ۽ سنڌ قومي اتحاد کي پڻ اليڪشني اتحاد ۾ تبديل ڪرڻ جون ڪوششون ڪيون ويون. اتحاد ۾ شامل جاگيردارن ۽ وڏيرن اتحاد کي اقتدار تائين پهچڻ لاءِ ڏاڪڻ طور استعمال ڪرڻ شروع ڪيو. سنڌ قومي اتحاد ۾ شامل اقتدار پرست پارٽين ۽ فردن باضابط طور اليڪشن ۾ بهرو وٺڻ جو فيصلو ڪيو. نہ صرف ايترو پر اتحاد کان ٻاهر جي ماڻهن جي پڻ حمايت ڪئي وئي، جن جو ماضي داغدار هو ۽ هو ويجهڙائيءَ واري دور ۾ آمر فوجي حڪمران جا ساٿي رهڻ ڪري، سنڌ دشمنيءَ کان مشهور هئا. اتحاد جي ان عمل ڪري سنڌ جي عوام منجهہ اهو تاثر پختو ٿيڻ لڳو تہ هي اتحاد، سنڌ جي مسئلن تي جدوجهد لاءِ نہ پر اليڪشن لڙڻ ۽ پ پ مخالفت ۾ جڙيو آهي. اهو تاثر ان وقت وڌيڪ پختو ٿيڻ لڳو، جڏهن اتحاد طرفان حمايتي اميدوار اتحاد جي پروگرام بدران، پيپلز پارٽي جي مخالفت ۾ وڌيڪ وجڻ لڳا. اليڪشن واري دور ۾ اجا اتحاد تازو جنم ورتو هو. ان جي ڪا بہ تنظيم ڪاري ڪا نہ ٿيل هئي ۽ نہ وري اليڪشن ۾ حصو وٺڻ لاءِ ڪا مناسب مرڪزي رٿابندي ڪئي وئي هئي. جنهن ڪري اتحاد جا حمايت يافتہ اميدوار پيپلز پارٽي جي بهتر رٿابندي، منظم ڪاري، اليڪشن مهم جي مضبوط منصوبابندي، پيٽي جي شهادت ۽ سندس نياڻي جي مظلوميت هٿان شڪست فاش ٿيا. جنهن ڪري ويتر تازو جنم ورتل اتحاد، ڪجهہ وقت لاءِ غير موثر رهجي ويو.

اتحاد ۾ شامل، عوامي نيشنل پارٽي، اليڪشن کان اڳ ئي سنڌ قومي اتحاد کان ان بنياد تي الڳ ٿي وئي تہ جيئن، اتحاد کان ٻاهر رهي، پ پ پ سان سوديبازي ڪري سنڌ ۾ ڪجهہ سيٽون حاصل ڪيون وڃن ۽ ٻيو تہ پنجاب جي حڪمران طبقي وٽ پنهنجي پوزيشن واضح ڪئي وڃي. جيئن اقتدار ۾ رسائي حاصل ڪرڻ ۾ پنجاب طرفان ڪا رنڊڪ پيش نہ اچي سگهي. پر جن آسرن اميدن ۽ خواهشن تحت عوامي نيشنل پارٽي اتحاد کان علحده ٿي هئي، سي پ پ پ ۽ پنجاب جي شاطر حڪمران طبقي مٿي ۾ ملائي ڇڏيون. پارٽيءَ جو رهنماءُ رسول بخش پليجو صاحب، اليڪشن مهم ۾ پ پ پ جي غير مشروط حمايت ڪرڻ، پنجاب جي ظالم حڪمران طبقي جي ثنا خواني جا ڍڪ پرڻ، سنڌ جي قومي ڪيس کي ڪمزور ڪرڻ، پنجاب جي استحصالي، ظالمانہ ڪردار جي پرده پوشي ڪرڻ، سنڌ جي حقن لاءِ جدوجهد ڪندڙ تنظيمن تي پنجاب کي خوش ڪرڻ لاءِ جارحانہ حملا ڪرڻ بعد بہ اليڪشن ۾ هڪ پنهنجي سيٽ بہ حاصل ڪري نہ سگهيو. پليجي صاحب اتحاد ڇڏڻ وقت، جيڪي الزام اتحاد مٿان هنيا هئا، انهن جو حقيقتن جي دنيا سان ڪو بہ واسطو نہ هو. اصل ۾ شروع کان پليجي صاحب جا اتحاد ۾ اچڻ جا جيڪي مقصد هئا سي وقت اڳتي هلي ثابت ڪيا. پليجي شروع ۾ اتحاد ۾ سرگرم بهرو وٺي اتحاد تي قبضو ڪري، ان رستي پنهنجو سياسي قد وڌائڻ تي چاهيو ۽ ان رستي پنجاب آڏو پاڻ کي سنڌ جو اڪيلو وارث تسليم ڪرائڻ تي گهريو. ٻئي طرف اتحاد کي

اقتدار جي ڪرسي تي پهچڻ لاءِ پنجاب جي حڪمران طبقي سان سودي بازي ڪرڻ لاءِ استعمال ڪرڻ گهريو ٿي. ٻيو ته پليجو صاحب، حاڪم پنجاب جي خوشنودي حاصل ڪرڻ ۽ انهن اڳيان پاڻ کي سچو ۽ پڪو پنجاب دوست ثابت ڪرڻ لاءِ اتحاد کي پنهنجي منشا مطابق هلائڻ ٿي چاهيو. يعني اتحاد کي پنجاب مخالف رخ ڏيڻ بدران مهاجر مخالف رخ ۾ هلائڻ ۽ سنڌ جي عوام طرفان ٿيندڙ جدوجهد مان پنجاب کي بچائي ڪيڻ ۽ جدوجهد کي منجهائي ٽڪائي فنا ڪرڻ. جڏهن پليجو صاحب اتحاد ۾ شامل ٻين ترقي پسند، سنڌ دوست تنظيمن جي آڏو ايئن ڪرڻ ۾ ناڪام ويو ته هن پنهنجي آقا جي اشاري تي بي بنياد الزام گهڙي اتحاد کان پنهنجو پلئه آجو ڪرايو.

سنڌ دشمن، پنجاب دوست ٽولن اتحاد کي اصل مقصد تان هٽائڻ ۽ ان جي جدوجهد کي غلط موڙ ڏيڻ لاءِ وڏي پئماني تي هڪ منظم رٿابندي تحت سنڌ ۾ سنڌي مهاجر فساد ڪرايا ويا. جنهن ڪري سنڌ قومي اتحاد پنهنجي اصل ٽارگيٽ تي جدوجهد ڪرڻ بدران نسلي ۽ لساني فسادن جي ڏبڻ ۾ ڦاسي ويو. پنجاب جي حڪمران ٽولي اتحاد طرفان پنجاب مخالف جدوجهد کي مهاجر مخالف جدوجهد ۾ تبديل ڪري ڇڏيو. جنهن ڪري جن مقصدن لاءِ اتحاد جوڙيو ويو هو. انهن مقصدن لاءِ جدوجهد ڪرڻ بدران، اتحاد نئين پيدا ٿيل صورتحال کي منهن ڏيڻ ۾ پنهنجي توانائي ضايع ڪرڻ لڳو.

اليڪشن ٿيڻ کان پوءِ، جڏهن پاڪستان پيپلز پارٽي ملڪي اقتدار جون واڳون پنهنجن هٿن ۾ ورتيون ته سنڌ قومي اتحاد پڻ نئين صورتحال سان منهن ڏيڻ لاءِ پاڻ کي تيار ڪرڻ لڳو. پ پ پ اقتدار ۾ اچڻ کان پوءِ مهاجر قومي موومينٽ سان ناهه ڪيو ۽ ٻئي طرف گڏيل حڪومت جي پاليسين تي ٿورڙي ڦير گهير سان عمل ڪرڻ شروع ڪري ڏنو. ڪالا باغ ڊيم لاءِ ڪو واضح موقف اختيار نه ڪرڻ، فوجي ڇانوڻين جي تعمير جيئن پوءِ تيئن جاري رهي، سنڌ ۾ ڌاري آبادڪاري روڪڻ لاءِ ڪا به ڪوشش ڪا نه ورتي وئي، سنڌ جي شهرن ۾ سنڌي ماڻهن جو قتل عام بند ڪرائڻ ۽ قاتلن کي ڪيفر ڪردار تائين رسائڻ بدران، انهن سان ناهه ڪري کين سياسي ۽ انتظامي تحفظ ڏنو ويو. پنجاب ۽ ايم ڪيو ايم جي خوشنودي حاصل ڪرڻ لاءِ سنڌ قومي اتحاد طرفان سنڌ جي حقن لاءِ هلندڙ جدوجهد کي ڪچلڻ شروع ڪري ڏنو. جمهوري آزاديون هڪ طرفيون جاري رهيون.

چونڊيل حڪومت اچڻ کان پوءِ سنڌ قومي اتحاد، نئين صورتحال هيٺ، پنهنجون نيون پاليسيون جوڙڻ شروع ڪيون. نيون پاليسيون جوڙڻ تان سنڌ قومي اتحاد ٽن مختلف خيال ڪئمپن ۾ ورهائجي ويو. هڪ ڪميونسٽ پارٽي آف پاڪستان، جنهن پ پ پ حڪومت جي غير مشروط حمايت ڪرڻ شروع ڪئي. نه صرف غير مشروط حمايت پر پ پ پ جي غلط قدمن جي مخالفت ڪرڻ، سنڌ جي مسئلن تي جدوجهد ڪرڻ کي به جمهوريت ۽ چونڊيل حڪومت جي مخالفت تصور ڪرڻ لڳي. ڪميونسٽ پارٽي، پ پ پ ڏانهن جمهوريت جي خوشيءَ ۾ اصولي موقف اختيار ڪرڻ کان به لنوائڻ لڳي. سي پي جي ان موقف کي سنڌ قومي اتحاد ۾ شامل ڌرين اڪثريت راءِ سان مسترد ڪيو. جنهن جي ڪري ڄام ساقي، سنڌ قومي اتحاد کان علحدگي جو فيصلو ڪيو. اصل ۾ جنوري 1989ع ۾ ڄام ساقي جو اتحاد مان نڪري وڃڻ، اتحاد کي هڪ

پارٽي ۾ تبديل ڪرڻ واري سوال تي نہ هو، ڇو جو ڪن ڏرين طرفان پيش ڪيل اها رٿ اڪثريت راءِ سان مسترد ٿي چڪي هئي. ڄام ساقي جو اتحاد مان نڪرڻ ۾ وڏو دخل، ڪميونسٽ پارٽي جي روائتي مظلوم قومن جي دشمن سياست تي ٻڌل هو. ڪميونسٽ پارٽي، جيڪا شروع کان پنجابي مهاجر موقعي پرست ۽ پاڪستاني شاونزم جي شڪار دانشورن جي موقعي پرست پارٽي رهي آهي. ان جو هميشہ مظلوم قومن جي جدوجهد ڏانهن منفي رويو رهيو آهي. ان ڪري ڄام ساقي جو اتحاد کان نڪرڻ ڪن بہ اصولي بنيادن تي ڪو نہ هو، پر پنجابي ۽ مهاجر قيادت کي خوش ڪرڻ ۽ انهن آڏو پاڻ کي سچو ۽ پڪو پاڪستاني ثابت ڪرڻ لاءِ اتحاد کان علحدگي حاصل ڪرڻ هو.

سنڌ قومي اتحاد جي اندر ٻي ڪئمپ جي نمائندگي جيئي سنڌ تحريڪ ۽ ڪجھ جاگيردار ۽ زميندار ڪري رهيا هئا. جيئي سنڌ تحريڪ ۽ انهيءَ جي حمايتن طرفان غير اصولي، غير سائنسي بنيادن تي چونڊيل حڪومت خلاف سخت موقف اختيار ڪرڻ ۽ پ پ جي مخالفت ۾ اڇي ان جي دشمن سان (جيڪي ساڳي وقت سنڌ جا دشمن پڻ آهن.) هٿ ملائڻ ۽ اتحاد قائم ڪري تحريڪ هلائڻ لاءِ سنڌ قومي اتحاد کي استعمال ڪرڻ لاءِ ڪوششون ڪيون ويون. هن ڪئمپ جي قيادت پ پ جي مثبت قدمن جي پڻ مخالفت ڪرڻ شروع ڪري ڏني. شروع کان جيئي سنڌ تحريڪ، جيڪا عملاً مٿئين طبقي جي مفادن جي نگهباني ڪندڙ جماعت آهي، ان اتحاد نهڻ کان وٺي اها ڪوشش ڪرڻ شروع ڪئي تہ اتحاد کي پورهيت طبقي ۽ هيٺئين طبقي جي نمائندگي ڪندڙ تنظيمن جي هٿن ۾ وڃڻ کان روڪيو وڃي. ان ئي خيال کان تحريڪ جي سرواڻ محترم جي ايم سيد، اتحاد تي پنهنجي گرفت مضبوط ڪرڻ لاءِ هميشہ اتحاد ۾ ويٺل تنظيمن بدران وڏيرن، جاگيردارن ۽ ٻين مٿئين طبقي سان واسطو رکندڙ فردن کي وڌيڪ اهميت ڏيڻ شروع ڪئي. ان ڏس ۾ هن پنهنجي تنظيم جي بااصول، سچن ۽ کرن قومي ورڪرن کي پڻ پوئتي ڌڪڻ ۾ ڪا ڪسر ڪا نہ ڇڏي. اتحاد اندر ٿيندڙ فيصلن مٿان اثر انداز ٿيڻ، فردي آمريت قائم ڪرڻ، جمهوري اصولن جي ڀڃڪڙي ڪرڻ جي ايم سيد جو پراڻو شيوو رهيو آهي. ان کان وڌيڪ خطرناڪ ڳالھ جيڪا اتحاد لاءِ بڻي، سا هئي محترم جي ايم سيد جي انتقامي سياست. سيد صاحب جي اتنقامي سياست، جيڪا ڀٽي خاندان ۽ پ پ پ مخالفت ۾ ايتري تہ وڌي وئي جو محترم سيد، ايتري تہ وڌي وئي جو محترم سيد، اتحاد کي سنڌ جي مسئلن لاءِ جدوجهد ڪرڻ بدران ان کي پ پ ۽ ڀٽي مخالف رخ تي جدوجهد ڪرڻ لاءِ استعمال ڪرڻ لاءِ ڪوششون وٺڻ شروع ڪيون. هاڻي حميده کهڙو، محترم سيد جو آشيرواد حاصل ڪرڻ ڪانپوءِ اتحاد کي انتهائي رجعت پرست، سنڌ دشمن ۽ پنجاب دوست وڏيرن ۽ جاگيردارن جي حوالي ڪرڻ لاءِ اتحاد اندر پير پاڳاري، غلام محمد مهر ۽ سلطان احمد چانديو جهڙن ماڻهن کي نمائندگي ڏيڻ لاءِ هٿ پير هڻڻ شروع ڪيا. پ پ مخالفت ۾ اڇي مائي حميده کهڙو، نواز شريف، سرور اعواڻ ۽ اڪبر بگٽيءَ جهڙن ڪٽر رجعت پرست ماڻهن سان اندروني طور تي اتحاد ڪرڻ جون ڪوششون شروع ڪيون ۽ عملاً سنڌ قومي اتحاد کي اسلامي جمهوري اتحاد جي جهولي ۾ ڪيرائڻ جهڙو ڪدو ڪم ڪرڻ شروع ڪيو. سندس مڙني اهڙين ڪوششن کي اتحاد ۾ شامل ترقي پسند، سنڌ دوست ڌرين سختي سان مسترد ڪري ڇڏيو.

سنڌ قومي اتحاد اندر ٽئين فڪر يا ڪئمپ جي نمائندگي ڪندڙ ڌر سنڌ دوست انقلابي تنظيم آهي. جنهن پيپلز پارٽي جي حڪومت ڏانهن پنهنجو اصولي موقف پڌرو ڪيو. سندس ان موقف موجب، چونڊيل حڪومت کي مارشل لا ۽ آءِ جي آءِ کان ڪجهه قدر بهتر سمجهيو ويو ۽ ان جي مثبت قدمن جي حمايت ڪرڻ ۽ ان جي منفي ۽ سنڌ دشمن قدمن ۽ عملن جي مخالفت ڪرڻ جي پاليسي جوڙڻ تي زور ڏنو ويو. سنڌ دوست انقلابي تنظيم، اتحاد کي پنهنجي اصلي مقصدن تحت هلائڻ ۽ ان کي ري ايڪشنري اتحاد ۾ تبديل نه ڪرڻ جي پاليسي تي ثابت قدميءَ سان جنگ ڪئي. سنڌ دوست جي قيادت وقت سر سجاڳ ٿي ۽ پنهنجو آواز بلند ڪري، انهن مڙني مڪارين، منافقتن، چالاڪين ۽ چالبازين جو پاندو ڦاڙي وڌو. جيڪي ڳجهه ڳوهه ۾ اتحاد ۾ شامل رجعت پرست ڌريون ڪري رهيون هيون. سنڌ دوست انقلابي تنظيم، پنهنجن ٻين اتحادين جن ۾ وطن دوست انقلابي پارٽي، سنڌ هاري ڪاميٽي، سنڌ انقلابي تحريڪ ۽ جيئي سنڌ اندر موجود ترقي پسند عنصرن جي مدد سان نه صرف اتحاد کي ٽٽڻ يا غلط هٿن ۾ وڃي تباهه ٿيڻ کان بچائڻ لاءِ ڪوشش ڪرڻ شروع ڪئي ۽ سنڌ قومي اتحاد کي حقيقي پنجاب مخالف رخ ڏيڻ، مهاجر مسئلي جو سائنسي حل ڳولڻ، سنڌ جي قومي مسئلن تي جدوجهد هلائڻ ۽ اتحاد کي رجعت پرست قوتن کان بچائڻ لاءِ پڻ وڏي پئماني تي ڪوششون وٺڻ شروع ڪيون.

هن وقت سنڌ قومي اتحاد، مختلف خطرن ۽ ويساهه گهاتين منجهه وڪوڙيل آهي. هڪ پاسي رجعت پرست، مفاد پرست، مفاهمت پسند ڌريون، سنڌ قومي اتحاد کي ڳڙڪائڻ لاءِ واڳون وارو وات ڦاڙيو بيٺيون آهن ته وري ٻئي طرف ترقي پسند، عوام دوست ڌريون سنڌ قومي اتحاد کي پنهنجو اصل ڪردار ادا ڪرڻ لاءِ جدوجهد جي ميدان ۾ آهن. هاڻ خاص ڪري هن موڙ تي اتحاد ۾ شامل تنظيمن ۽ پارٽين جي ڪارڪنن ۽ ٻين پورهيتن جو فرض آهي ته هو مٿئين طبقي جي چالاڪين ۽ چالبازين تي نظر رکندي، پنهنجي دائمي سجاڳي، ترقي پسند، جمهوريت دوست شعور ۽ عوامي جي طاقت سان اتحاد جي سفر کي اڳتي وڌائين ۽ حقيقي طور تي اتحاد کي سنڌي ماڻهن جي تاريخي ضرورت مطابق سامراج دشمن، جاگيردار دشمن ۽ آزادي پسند اتحاد بنائڻ لاءِ جدوجهد ڪن.

سنڌ قومي اتحاد، چند جاگيردارن، پيرن ۽ وڏيرن جو اتحاد نه آهي، پر ان جي تشڪيل ۾ سنڌي پورهيتن، هارين، مزدورن، شاگردن ۽ ٻارن جو رت ۽ پگهر شامل آهي. سنڌ قومي اتحاد قائم ڪرڻ جو سهرو، چند تنظيمن جي ليڊرن ۽ اڳواڻن تي نه آهي، پر ان جا خالق اهي ڪارڪن ۽ عام ماڻهو آهن، جن پنهنجي پارٽين جي ليڊرن جو گهيراءُ ڪري، ڪين ان ڳالهه تي مجبور ڪيو هو ته هو سنڌ جي آجپي واري جدوجهد لاءِ متحد ٿين. ان ڪري هن وقت به مڙني تنظيمن جي ڪارڪنن ۽ عوام جو فرض آهي ته پنهنجي تخليق کي بچائڻ لاءِ اڳتي وڌن.

اصل ۾ اتحاد ناهڻ ايتري وڏي ڳالهه نه هوندي آهي، جيترو ان کي بچائڻ ۽ پنهنجي صحيح وات تي ثابت قدمي سان هلائڻ. اهو سڀ تڏهن ٿي سگهي ٿو. جڏهن اتحاد ۾ شامل ڌريون ڪشاده دلي سان اهو اصول قبول ڪن ته اتحاد ڪو تنظيمن جو پاڻ ۾ ضم ٿي وڃڻ جو نالو نه هوندو آهي. پر اتحاد اصل ۾ مخصوص

حالتن ۾ ڪن اپريل مسئلن تي، جن بابت مختلف ڌرين ۾ هم خيالي پيدا ٿيل هجي، انهن مسئلن تي گڏجي جدوجهد ڪرڻ لاءِ ڳاهيو ويندو آهي. اتحاد جي ڪم جو دائرو صرف انهن گڏيل نقطن تي جدوجهد ڪرڻ تائين پڌل هوندو آهي. اتحاد ۾ شامل تنظيمون اتحاد جي پروگرام کان سواءِ باقي پنهنجي تنظيمي ڪم ڪرڻ لاءِ آزاد ۽ خود مختيار هونديون آهن. اتحاد ۾ شامل ڌريون ڪشاده دليءَ سان پنهنجي پارٽي جو پروگرام اتحاد مٿان مڙهڻ بدران گڏيل نموني سهڪاري بنيادن تي اتحاد کي مضبوط ۽ مستحڪم ڪنديون آهن. پنهنجن تنظيمي پليٽ فارمن تان اهڙو عمل ڪرڻ کان پرهيز ڪنديون آهن، جنهن سان اتحاد جو ڪم متاثر ٿئي يا اتحاد ۾ شامل ڪنهن ڌر کي تڪليف پهچي. پر سنڌ قومي اتحاد ۾ شامل هڪ قومپرست ڌر مٿين مڙني اصولن جي مٽي پليت ڪئي. قومپرست ڌر ۽ سندس رهبر، سنڌ قومي اتحاد کي پنهنجي پارٽي مفادن لاءِ استعمال ڪرڻ شروع ڪيو ۽ اتحاد جي پليٽ فارم تان پنهنجو قد وڌائڻ، ٻين کي پوئتي رکڻ، پاڻ کي اتحاد جو اڪيلو وارث ۽ محافظ سمجهڻ جي شعوري ڪوشش ورتي. جنهن ڪري اهو ليڊر ۽ سندس تنظيم اتحاد لاءِ سخت هاڃيڪار ثابت ٿي ۽ اتحاد کي ٻيڃ ڊاهه جو شڪار ڪيو. جيڪڏهن اها ڌر اتحاد سان ٿوري به سچي هجي ها ته اتحاد ۾ شامل پارٽين سان گڏجي صلاح مشوري سان فيصلا ڪرڻ، ڪنهن به فرد کي هڪ طرفا فيصلا ڪرڻ جو اختيار نه ڏيڻ جي اصول تي عمل ڪري، قومي اتحاد کي هن وقت جهڙي بحران جو شڪار بنجڻ نه ڏئي ها.

هن وقت جڏهن سنڌ قومي اتحاد، هڪ وڏي بحران جو شڪار آهي ۽ منجهس ٻيڃ ڊاهه جو عمل جاري آهي. اهڙي ڏکئي وقت تي مڙني جمهوريت پسند، قوم پرست ۽ ترقي پسند تنظمين، فردن ۽ گروهن جو فرض آهي ته اتحاد کي بچائڻ لاءِ اڳتي اچن. ڇو جو سنڌ قومي اتحاد، سنڌي قوم جي امانت آهي، ان ڪري ان کي صحيح رخ تي هلائڻ سان ئي اسان پنهنجي منزل ماڻي سگهون ٿا. سنڌ قومي اتحاد جنهن پنهنجي بنيادي دشمن يعني پنجاب جي حڪمران طبقي جو تعين ڪيو آهي.اتحاد کي پنهنجي ان اصل دشمن رخ تي هلائڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪرڻ گهرجي. جيڪڏهن ڪنهن به ڌر ان رخ کان ٿيندڙ جدوجهد کي ٿورو به موڙ ڏنو ته اتحاد جو نه صرف مقصد فوت ٿي ويندو. پر سنڌي عوام مايوسين جو شڪار بنجي ويندو. پاڪستان اندر بنيادي تضاد، قومي تضاد جي شڪل ۾ پنهنجي صحيح رخ کان سامهون اچي چڪو آهي. پاڪستان ۾ رهندڙ ٻي مظلوم قومون سنڌي، بلوچ ۽ پختون، پنجاب جي بالادستيءَ جي چڪيءَ ۾ پيسجي رهيون آهن. ان ڪري سنڌ قومي اتحاد، پنجاب جي بالادستيءَ ۽ ظلم خلاف باقي ٻن مظلوم قومن جي قومي تحريڪن سان پنهنجو واسطو وڌائي ۽ گڏيل مسئلن تي گڏيل جدوجهد لاءِ راهه هموار ڪري. جيئن نه صرف اسان ملڪي ليول تي پنجاب جي بالادست گروهه کي اڪيلو ڪري ڪمزور ڪيون. پر ان سان گڏ پنهنجا اتحادي وڌائي، پنهنجي قوت ۽ طاقت کي وڌيڪ سگهارو ڪيون. اتحاد کي نه صرف بلوچن ۽ پختونن جي قومي تحريڪ سان واسطا وڌائڻ گهرجن، پر سرائڪي علائقن جي عوام کي پڻ، پاڻ سان ملائڻ ۽ پنجاب جي بالادست گروهه خلاف گڏيل جدوجهد ۾ شامل ڪرڻ گهرجي.

سنڌ قوم اتحاد کي سنڌ اندر رهندڙ لساني گروهن ڏانهن پڻ سنڌ جي قومي مفادن تحت غير

لچڪيدار ۽ واضح پاليسي جوڙڻ گهرجي. سنڌ قومي اتحاد کي سنڌ ۾ رهندڙ پختونن جي ترقي پسند ۽ قومپرست ڌرين کي پنهنجو اتحادي بنائي، ڪين پنجاب جي استحصالي ٽولي جي جکڙ ۾ وجڻ ۽ انهن طرفان استعمال ٿيڻ کان بچائڻ گهرجي. اهڙي طرح سنڌ ۾ رهندڙ اردو ڳالهائيندڙن لاءِ پڻ اتحاد طرفان جيڪو شروع کان موقف اختيار ڪيو ويو آهي. ان تي ثابت قدمي سان ڄمي بيهڻ گهرجي. اردو ڳالهائيندڙن جي اهڙن ڌڙن کي جيڪي پاڻ کي سنڌي سمجهن ٿا ۽ سنڌ جي مفادن کي پنهنجا مفاد سمجهن ٿا ۽ انهن لاءِ سنڌي قوم سان گڏجي جدوجهد ڪرڻ لاءِ تيار آهن، پاڻ سان ملائڻ گهرجي. جيئن اسان سنڌ اندر پڻ پنجاب جي بالادست گروهن کي اڪيلو ڪرڻ، ان جا اتحادي گهٽائڻ ۽ پنهنجا اتحادي ۽ هم خيال وڌائڻ ۾ ڪامياب وڃي سگهون. سنڌ قومي اتحاد کي سنڌ ۾ رهندڙ پنجابي ڦورو ٽولن ۽ گروهن جي هر سنڌ دشمن عمل خلاف ثابت قدمي سان جدوجهد ڪرڻ گهرجي ۽ انهن کي ڪنهن قسم جي رعايت ڏيڻ نه گهرجي. سنڌ اندر سنڌي عوام جي مفادن خلاف قائم ٿيل تنظيمن جهڙوڪ: پنجابي پختون اتحاد، پنجابي يونائيٽڊ فرنٽ، سنڌ پنجاب آبادگار ايسوسيئيشن، مهاجر اتحاد تحريڪ، مهاجر رابطه ڪائونسل، مهاجر قومي موومينٽ وغيره جهڙين تنظيمن خلاف جدوجهد تيز کان تيز ڪرڻ گهرجي ۽ انهن کي پورهيت عوام آڏو ننگو ڪري، پورهيت عوام کي ڪانئن ڇني ڌار ڪجي. سنڌ قومي اتحاد کي سنڌ اندر رهندڙ ڪڇين، خواجن، گجراتين ۽ ٻين ننڍن وڏن گروهن کي سنڌي قوم جو حصو سمجهي جدوجهد ۾ گڏ وٺي هلڻ لاءِ پنهنجون سموريون توانائيون استعمال ڪرڻ گهرجن.

جيستائين سنڌ قومي اتحاد کي سامراج دشمن ۽ جاگيردار دشمن رخ نه ڏنو ويندو، تيستائين هو پنهنجي اصل مقصد تحت صحيح نموني پيش قدمي ڪري نه سگهندو. اسان جي جدوجهد، هر قسم جي ظلم ۽ ناانصافي خلاف آهي. اسان جي جدوجهد دنيا ۾ هلندڙ عالمي امن، خوشحالي لاءِ ۽ ظلم ۽ ناانصافي خلاف ٿيندڙ جدوجهد جي هڪ ڪڙي آهي. اسان دنيا جي مظلوم پورهيت عوام ۽ مظلوم قومن جا ساٿاري آهيون. ان ڪري اسان جي جدوجهد جو رخ عالمي سامراج جي مخالفت ۽ عالمي پورهيت جي حمايت ۾ هجڻ گهرجي.

اسان ڪارڪنن ۽ پورهيت عوام کي قومي اتحاد اندر اهڙين ڌرين تي ڪرڙي نظر رکڻ گهرجي، جيڪي اتحاد کي سامراجي دلالن جي اشارن تي ناس ڪرڻ گهرن ٿيون. اتحاد ۾ شامل جاگيردار ۽ مٿئين طبقي جا فرد، ان کي پنهنجن ذاتي ۽ گروهي مفادن لاءِ استعمال ڪرڻ جون ڪوششون ڪري رهيا آهن ۽ هو عوام کي متحرڪ ڪرڻ ۽ ان کي جدوجهد جي ميدان ۾ اڳتي وٺي اچڻ ۾ ڪنهن به طرح مخلص ناهن. هنن طرفان هر وقت دشمن سان سوديبازي جو خطرو رهندو ٿو اچي. ڇو جو سنڌ جي مٿئين طبقي تاريخ جي هر دور ۾ پنهنجي ڪميٽپ جو ثبوت ڏيندي، هميشه عوام جي وڏيل شعور کي محلاتي سازشن ذريعي پوئتي هٽائڻ ۽ تباهه ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. ان ڪري قومي اتحاد ۾ شامل حقيقي عوام دوست قوتن ۽ خاص ڪري ڪارڪنن تي فرض عائد ٿو ٿئي ته هو اتحاد کي مٿئين طبقي جي چالاڪين، چالبازين، غدارين ۽ منافقتن کان بچائڻ لاءِ اهڙن ماڻهن کي صرف اتحاد قائم رکڻ جي شوق ۾ بنا ڪنهن تميز جي ميمبر ڪرڻ واري عمل کان نه صرف پاسو ڪن پر شامل ڌرين ۽ فردن جي ڪار گذارين تي پڻ ڪرڙي نظر رکن. سنڌ قومي

اتحاد کي مفاد پرست جاگيردارن، وڏيرن ۽ سرمائيدارن بدران سنڌ جي حقيقي قوتن يعني هارين، مزدورن، شاگردن، وچولي طبقي جي مخلص ماڻهن تي وڌيڪ ڀاڙڻ گهرجي. فردن ۽ شخصيتن تي ڀاڙڻ بدران پنهنجن ننڍين وڏين ترقي پسند ۽ قومپرست پارٽين ۽ تنظيمن تي دارومدار رکڻ گهرجي ۽ پنهنجي تنظيمي ڪارڪنن ۽ نظرياتي ساٿين تي وڌيڪ ڀروسو ڪرڻ گهرجي. ان طريقي سان ئي سنڌ قومي اتحاد بچي سگهي ٿو ۽ سنڌ جي قومي تحريڪ وڌيڪ سگهاري ٿي سگهي ٿي.

(ڇپيل، ڪتاب "سنڌ-آزادي ۽ انقلاب" مصنف: رک سنڌي، جنوري 1990ع)

★★★

# سنڌي مهاجر فساد

سنڌ قومي اتحاد نهڻ کان پوءِ جڏهن پنجاب جي حڪمران ٽولي ڏٺو ته، سنڌي قوم جي ان گڏيل پليٽ فارم تان ويجهڙائي ۾ سنڌن خلاف هڪ وڏي تحريڪ شروع ٿيڻ واري آهي ته هنن ان خلاف مختلف مورچن تان ڪم ڪرڻ شروع ڪري ڏنو. سنڌ قومي اتحاد جي جدوجهد ڪي سبوتاز ڪرڻ لاءِ مختلف طريقن سان ڪوششون ڪرڻ شروع ڪيون ۽ قومي اتحاد جي جدوجهد جو رخ پاڻ کان ڦيري ڪنهن ٻئي طرف ڪرڻ لاءِ پنهنجن ايجنٽن جو هڪ چار وچائڻ شروع ڪيو.

سنڌ قومي اتحاد پنهنجي جدوجهد کي وڌيڪ مستحڪم ۽ وسيع ڪرڻ لاءِ سنڌ ۾ رهندڙ مهاجرن کي اتحاد ۾ شامل ڪرڻ لاءِ پڻ هڪ واضح پروگرام جاري ڪيو. جنهن ڪري مهاجرن جا ڪيترائي ترقي پسند حلقا ۽ ٽولا اتحاد ڏانهن پنهنجائپ وارو رويو اختيار ڪرڻ لڳا. جنهن ڪري امڪان پيدا ٿيو ته اڳتي هلي مهاجر ڏريون جيڪي پنجاب جي بالادستيءَ ۽ ڦرلٽ خلاف سنڌين سان اتحاد ڪرڻ گهرن ٿيون، سي پڻ ان ۾ شامل ٿي وينديون. جيڪا ڳالهه پنجابي حڪمران ٽولي لاءِ وڏي پريشانيءَ ۽ ڳڻتيءَ جو باعث هئي. هنن ڪنهن به طريقي سان اردو آبادي کي اتحاد کان پري رکڻ لاءِ مختلف سازشون ۽ مڪاريون ڪرڻ شروع ڪري ڏنيون. هنن اردو آبادي کي سنڌين کان پري ڪري، پنهنجي ايجنٽ طور هلائڻ ۽ سنڌين خلاف استعمال ٿيڻ لاءِ سنڌ اندر سنڌي مهاجر فساد ڪرائڻ لاءِ پنجاب جا گهڻائي اهم مقصد هيا. هڪ ته انهن فسادن ڪري مهاجرن جي سنڌين سان اتحاد جا جيڪي ٿورا گهڻي امڪان هيا، سي به ختم ٿي وڃن، ٻيو ته ان طرح سنڌ قومي اتحاد طرفان پنجاب خلاف هلندڙ جدوجهد جو رخ مهاجرن ڏانهن موڙي، پنجاب کي صحيح سالم بچايو وڃي. ٽيون ته انهن فسادن جي آڙ وٺي سنڌ ۾ وسيع تر فوجي آپريشن ڪري سنڌ قومي اتحاد جي جدوجهد کي ڪچيءَ ۾ ئي تباهه ۽ برباد ڪيو وڃي، چوٿون ته انهن فسادن کي بهانو بنائي، سنڌ کي ٻن ٽڪرن ۾ ورهائڻ وارو پنهنجو شرمناڪ خواب پورو ڪيو وڃي.

نيٺ جنهن سازش جو شروع کان ئي انديشو هيو. اها سازش قومي اتحاد نهڻ کان هڪ مهينو پوءِ جون 1988 جي ٻئي ڏهاڪي ۾ سنڌي مهاجر فسادن جي روپ ۾ ظاهر ٿي پئي. ان جا ظاهري سبب ڪهڙا به هئا پر ان جي پس منظر ۾ جيڪي ڳجها هٿ ڪم ڪري رهيا هئا، اسان هن مضمون ۾ انهن تي ڳالهائڻ گهرون ٿا.

اسان هنن فسادن جو ذميوار آمريڪي سامراج، ان جي مقامي ايجنٽن يعني پنجابي حڪمران طبقي سان گڏوگڏ، انتها پسند مهاجر قيادت کي سمجهون ٿا. اسان هيٺ پهريان انهن فسادن پويان ڪم ڪندڙ آمريڪي سازش کي بي نقاب ڪنداسين ۽ ان بعد پنجابي حڪمران طبقي ۽ سندن رجعت پسند مهاجر ايجنٽن جي ٺڳين ۽ مڪارين تان پردو هٽائينداسين.

جڏهن ايران جي عوام شهنشاهه رضا شاهه پهلوي خلاف هڪ وڏي ويڙهه وڙهي، اتان نه صرف شهنشاهه کي ڪيڏي ٻاهر ڪيو پر اتي آمريڪي سامراج جي مڙني اڏن جو خاتمو آڻي، آمريڪي اثرن کي وڏي حد تائين ختم ڪيو ته آمريڪي سامراج ڏکڻ ايشيا ۾ پنهنجا مفاد سلامت رکڻ لاءِ پنهنجي ٻئي نمبر اڏي يعني پاڪستان تي وڌيڪ توجهه ڏيڻ شروع ڪيو ته جيئن پاڪستان جي پنجابي حڪمرانن رستي اهو پنهنجا مفاد ڏکڻ ايشيا ۾ نه صرف بچائي سگهي. پر انهن کي وڌائي ۽ ويجهائي سگهي. ايران جي سامونڊي ساحل وڃائڻ کان پوءِ آمريڪا لاءِ پاڪستان جي سنڌ ۽ بلوچستان واري ساحلي پٽي وڏي اهميت واري بڻجي وئي ۽ ان جي حصول لاءِ مختلف نمونن سان رٿا بندي ڪرڻ شروع ڪئي.

آمريڪا لاءِ ايران مان ٽپڙ ويڙهڻ کان پوءِ پاڪستان هڪ اهم ۽ ڪارائتي چوڪي وارو ڪم ڏيئي رهيو آهي. جنهن جي ئي معرفت آمريڪا ايراني نار منجهه پنهنجا مفاد وڌيڪ عرصي لاءِ سلامت رکي سگهي ٿو ۽ پاڪستان جي ساحلي پٽي رستي هندي وڏي سمنڊ ۾ پنهنجي طاقت جو توازن برقرار رکي سگهي ٿو. ان سان گڏوگڏ پاڪستان اندر آمريڪا جون مضبوط چوڪيون سوويت يونين، افغانستان، ايران ۽ هندوستان لاءِ جارحيت جي مستقل اڏن طور استعمال ٿي سگهن ٿيون. نه صرف ٿي سگهن ٿيون، پر آمريڪا پاڪستان جي پنجابي فوج ۽ ڪامورا شاهي رستي ڪافي عرصي کان افغانستان ۾ افغان پکوڙن رستي ۽ ڀارت ۾ دهشتگرد سکن رستي پنهنجي مفادن تحت مداخلت ڪرائي رهيو آهي.

آمريڪي سامراج پاڪستان اندر اچا به وڏي پئماني ته مضبوط ۽ مستحڪم ٿيڻ لاءِ هتان جي ساحلي علائقن خاص ڪري ڪراچي، مڪران ۽ لسٻيلي تي پنهنجو نجو ڪنٽرول حاصل ڪرڻ، اتي پنهنجا جنگي اڏا قائم ڪرڻ ۽ ڪراچي پورٽ کي فري پورٽ ڪرڻ لاءِ ڪوششون وٺي رهيو آهي. پاڪستان جا پنجابي حڪمران، نمڪ حلالي جو حق ادا ڪرڻ لاءِ اهي علائقا آمريڪي آقا جي حوالي ڪرڻ لاءِ انهن علائقن ۾ اتان جي اصل رهواسين بلوچن ۽ سنڌين کي غير مستحڪم ڪري اتي پنهنجو ڪنٽرول حاصل ڪرڻ لاءِ ڏينهن رات مڪارين ۽ سازشن ڪرڻ منجهه مشغول آهن. پنجابي حڪمران سنڌ ۽ بلوچستان جي ساحلي علائقن منجهه اهڙي صورتحال پيدا ڪري رهيا آهن، جيئن ڪين اهي اڏا آمريڪي سامراج جي حوالي ڪرڻ وقت ڪنهن به قسم جي رنڊڪ يا مزاحمت سان منهن نه ڏيڻو پوي. پنجابي حڪمران پنهنجي ان منصوبي جي آڏو ايندڙ سڀ رنڊڪون دور ڪرڻ لاءِ ڪراچي کي باقي سنڌ کان جدا ڪري هڪ الڳ صوبي جي حيثيت ڏيڻ ۽ ٻئي طرف ان صوبي ۾ بلوچستان جي ساحلي پٽي شامل ڪرڻ لاءِ ڪافي وقت کان منظم رٿا بندي ڪرڻ ۾ مشغول آهن. سندن ان رٿا بندي جو ڏس اسان کي جنوري 1988 ۾ ان وقت مليو ٿو. جڏهن هانگ ڪانگ مان نڪرندڙ رسالي "فار ايسٽرن ايڪانامڪ رويو" پنهنجي 14 جنوري 1988ع واري اشاعت ۾

ان ڳالھ تان پردو کڻنيو تہ پاڪستاني حڪمران ملڪ کي 12 صوبن ۾ ورهائڻ چاهين ٿا،جنهن جو هڪ صوبو ”ساحلي“ هوندو. جنهن ۾ ڪراچي، مڪران ۽ لسبيلي وارو ساموندي علائقو شامل هوندو. ان ڳالھ جي وڌيڪ تصديق اڳوڻي وفاقي وزير نسيم اهير جي آگسٽ 1988ع ۾ سنيٽ ۾ ڪيل تقرير مان ٿئي ٿي. جنهن ۾ موصوف اعلان ڪيو هو تہ ملڪ کي 18 صوبن ۾ ورهايو ويندو. ان وقت ان منصوبي تحت سنڌ جو نئون غير سنڌي گورنر رحيم الدين شروعاتي ڪاروايون مڪمل ڪرڻ لاءِ سنڌ موڪليو ويو هو. جنهن پنهنجي رٿابندي تحت ڪراچي کي هڪ الڳ صوبي ڪرڻ لاءِ مختلف ادارن جي جوڙجڪ شروع ڪري ڏني هئي، ان ڏس ۾ سندس پهريون قدم اهو هو تہ هن ڪراچي پوليس باقي سنڌ جي پوليس کان ڌار ڪرڻ جو حڪم جاري فرمايو هو. اهو مرحليوار ڪم ان ڪري ڪيو پئي ويو تہ سڌو سنئون صوبي جي اعلان ڪرڻ سان سنڌ ۾ بغاوت اپري پوي ها. ان ڪري آهستي آهستي ضروري ڪاروايون پوريون ڪرڻ ۽ گهربل صوبائي ادارا جوڙڻ کان پوءِ وقت اچڻ تي جدا صوبي جو اعلان ڪيو وڃي ها.

سنڌ ۾ ڪرايل سنڌي مهاجر فسادن کي ان پس منظر منجھ ڏسڻ گهرجي. سنڌي ۽ بلوچ قومن جو شروع کان ئي سامراج دشمن ڪردار رهيو آهي. آمريڪي سامراج ۽ سندس نمڪ حلال پنجابي حڪمرانن کي پنهنجي سامراجي ۽ رجعت پسند مقصدن جي پورائي لاءِ سنڌين ۽ بلوچن ۾ تمام گهڻ ايجنٽ مليا آهن. آمريڪي سامراج ۽ سندن پاليل پنجابي حڪمران روز اول کان سنڌين جي قومي تحريڪن کان وڏي پئماني تي خائف ۽ پريشان رهيا آهن. جنهن ڪري هميشہ کان سندن اها ڪوشش رهندي آئي آهي تہ هو هتي ترقي پسند قوتن کي ڪچلي، انهن جو قومي تشخص تباھ ڪري سندن ساون ستابن علائقن کي پنهنجي جارحانہ مفادن لاءِ استعمال ڪن. پاڪستان ۾ سنڌي قوم ٻين قومن جي ڀيٽ ۾ سياسي طور سجاڳ ۽ متحرڪ رهي آهي. ان ڪري آمريڪي سامراج ۽ پنجابي ڦورو ٽولن جي هميشہ هٽ اها ڪوشش رهي آهي تہ سنڌي عوام جي حق پرست جدوجهد کي ڪچلڻ لاءِ سنڌ کي ٽڪر ٽڪر ڪري چوڌاري ان جو مضبوط گهيراءُ ڪيو وڃي. ان سچي شيطاني راند کيڏڻ لاءِ هنن هميشہ هٽ رهندڙ مهاجرن کي استعمال ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. جيئن سنڌ ۾ خانہ جنگي وارو ماحول پيدا ڪري اردو آباديءَ وارن اڪثريتي ساحلي علائقن ۾ ان خانہ جنگي کي سبب بڻائي هڪ ڌار علائقي جي تشڪيل ڪئي وڃي. جنهن تي بعد ۾ پنجاب جي گرفت مضبوط ڪري ان کي آمريڪي سامراج جي سامراجي مفادن لاءِ استعمال ڪيو وڃي. انهن فسادن جي آڙ ۾ مهاجرن ۾ پنجاب ڏانهن مفاهمت وارو رويو پيدا ڪري، سندن سنڌين ڏانهن وڌندڙ پنهنجائپ ۽ اتحاد واري ماحول کي دشمني ۾ بدلائي، مهاجرن کي اڪيلو ۽ بي يارو مددگار بڻائي پنجاب جو ايجنٽ بڻايو وڃي. جيئن اڳتي هلي مهاجر آبادي ڪراچي کي جدا صوبو ڪري آمريڪي اڏي طور استعمال ڪرڻ لاءِ سنڌين سان گڏ ان جي مزاحمت نہ ڪري، چو جو اهي امڪان پيدا آهن تہ ڪراچي ۾ پنجابين جي وڌندڙ دٻاءُ کان مجبور ٿي، مهاجر سنڌين ڏانهن دوستيءَ وارو هٿ وڌائي سگهن ٿا. ان سنڌي مهاجر دوستي جي واٽ ويجھ کي ختم ڪرڻ ۽ دشمني ۾ بدلائڻ لاءِ سنڌي مهاجر فساد اهم ڪردار ادا ڪري سگهن ٿا.

پنجاب جو استحصالي ٽولو آمريڪي سامراج جو گهڻي عرصي کان پرڪيل ۽ پروسي جوڳو رهيو

آهي. پاڪستان ۾ آمريڪي مفادن جي مڪمل نموني پاسداري ۽ بچاءُ صرف پنجابي حڪمران ٽولو ئي ڪري سگهي ٿو. ان ڪري پنجاب جي موجودگي ۾ آمريڪي سامراج لاءِ پاڪستان اندر ڪا بہ پروسي لائق ٻي ڌر ڪا نہ آهي. ان ڪري ڪراچيءَ کي پنهنجي سامراجي مفادن لاءِ استعمال ڪرڻ لاءِ آمريڪا ان کي پنجابين جي قبضي ۾ ڏسڻ چاهي ٿي. ان سان گڏوگڏ سامراج پنهنجي ڊگهي حڪمت عملي تحت ڪراچي ۾ پنجابين ۽ مهاجرن جي وچ ۾ برابري قائم رکڻ بہ ان لاءِ ضروري سمجهي ٿو تہ جيئن اڳتي هلي انهن ٻنهي ڌرين مان ڪا بہ آمريڪي مفادن جي خلاف ڪم ڪرڻ جو سوچي تہ ان کي ٻي ڌر جي مدد سان آسانيءَ سان دٻائي سگهجي.

ان سڄي صورتحال کي آڏو رکندي، مهاجرن جي ترقي پسند ۽ باشعور حلقن کي وقت سر سجاڳ ٿي. پاڻ کي آمريڪي سامراج ۽ سندس دلال پنجابي حڪمرانن جو مهرو بنجڻ کان بچائڻ گهرجي. ڇو جو سنڌي مهاجر فسادن جي آڙ ۾ پنجابي حڪمران ٽولا ڪراچي ۾ پاڻ کي وڌيڪ مستحڪم ڪري مهاجرن کي ٻئي درجي جو شهري بنائي ڇڏيندا. جيڪا ڳالهہ اڳتي هلي مهاجرن لاءِ وڌيڪ پريشاني جو باعث بڻبي ۽ هو سنڌ جي اصل رهواسين جي مستقل دشمني پڻ پرائيندا.

مهاجرن جي رجعت پسند سنڌ دشمن ڌرين کي اها ڳالهہ سمجهي ڇڏڻ گهرجي تہ هن وقت پنجابي حڪمران مهاجرن کي جيڪي ڪجهہ رعايتون ۽ سهولتون ڏيئي رهيا آهن، سي عارضي آهن. انهن رعايتن جو مستقبل ۾ جاري رهڻ جو ڪو بہ امڪان ڪو نہ آهي. اهي صرف تيستائين جاري رهنديون، جيستائين پنجابي پاڻ کي ڪراچي منجهہ فيصلا ڪن قوتن بنائي وٺن. جڏهن هو ڪراچي ۾ فيصلا ڪن قوت بنجي ويا تہ پوءِ مهاجر ڪڏهن بہ ان پوزيشن ۾ ڪو نہ رهندا جو ڪراچيءَ ۾ پنجاب کي بليڪ ميل ڪري ڪجهہ حصو پتي حاصل ڪري سگهن.

پاڪستان جي وجود ۾ اچڻ کان وٺي، ان تي پنجابي فوج ۽ ڪامورا شاهي جو قبضو برقرار رهندو آيو آهي. جن پنهنجي اقتدار ۽ ڦرلٽ واري نظام کي دوام بخشڻ واري پاليسي ”ويڙهايو ۽ راڄ ڪريو“ تي عمل ڪندا آيا آهن. پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ جڏهن هندوستان جي ڪجهہ اڳتي وڌيل علائقن مان اردودان طبقي جي تربيت يافتہ ڪامورا شاهي هتي پهتي تہ پنجابي حڪمرانن انهيءَ جي تجربي، ڄاڻ ۽ انتظامي صلاحتين مان ڪجهہ عرصي لاءِ فائدو حاصل ڪرڻ لاءِ ان جون خدمتون حاصل ڪيون، پنجابي حڪمرانن نظريہ ضرورت تحت مظلوم قومن مان ٽيندڙ ڦرلٽ ۾ ڪجهہ عرصي لاءِ اردو آباديءَ کي حصيدار بڻايو. خاص ڪري سنڌ تي قبضو ڪرڻ لاءِ پنجابي حڪمرانن سنڌ ۾ رهندڙ اردو آبادي کي پنهنجو اتحادي بنائي، پنهنجو ڪم آسان ڪرڻ گهريو. جنهن ڪري سنڌ ۾ آيل مهاجر سنڌين ۾ ضم ٿيڻ بدران پنجابين جا اتحادي بنجي سنڌين سان ٽڪراءَ ۾ رهندا آيا. جڏهن وقت گذرڻ کان پوءِ پنجابي حڪمران ٽولي پاڻ کي مستحڪم ۽ طاقتور ڪري ورتو تہ کين مهاجرن کي حصي پتي ڏيڻ جي ضرورت ڪا نہ رهي، هو پاڻ اڪيلي سر هر شيءَ جو مختيار بنجي ويو. هنن آهستي آهستي سنڌ مان ٽيندڙ ڦرلٽ ۾ مهاجرن جو حصو پتي گهٽائڻ شروع ڪيو. 1977ع کان پوءِ جڏهن فوج ڇوندبيل حڪومت جو تختو اونڌو ڪري، ملڪ جو سڌو سنئون ڪنٽرول

پنجابين جي هٿ ۾ ڏيئي ڇڏيو ته پنجابي فوج ۽ بيوروڪريسي مهاجرن کي مکڻ جي وار وانگر آساني سان ڪڍي ڦٽو ڪيو. 1977ع کان پوءِ اندرون سنڌ ۽ خاص ڪري ڪراچي ۾ پنجابي تيزي سان آباد ٿيڻ ۽ ان جي وسيلن تي قابض بنجڻ لڳا. ڇو جو ڪراچي ۾ هڪ ته سرمائيڪاري ڪرڻ جا امڪان ۽ ٻيو سرمائيڪاري ۽ واپار تي ڪنٽرول ڪرڻ جا امڪان باقي سنڌ جي ڀيٽ ۾ بين الاقوامي بندر گاهه ۽ ائيرپورٽ هجڻ ڪري وڌيڪ پڪا پختا ۽ فائدي وارا هيا. ٻيو ته پنجابين جي هيٺين ۽ وچولي طبقي لاءِ نوڪرين ۽ مزدورين ڪرڻ جا ذريعا ڪراچي ۾ وافر مقدار ۾ موجود هئا. جڏهن پنجابي سرمائيدار، مزدور ۽ وچولو طبقو ڪراچي ۾ ڏڙا ڏڙ اچڻ ۽ هتي جي روزگار جي وسيلن تي ڪنٽرول ڪرڻ لڳو ته هتي جي وسيلن تي اڳئي ڪنٽرول ڪيل مهاجر آبادي رياستي طاقت ۽ قوت جي ذريعي تيزي سان بيدخل ٿيڻ لڳي. مهاجرن جو مفاداتي ٽڪراءُ پنجابين سان ٿيڻ لڳو. جنهن ڪري ڪراچي منجهه مهاجر پنجابي تضاد، مکيه تضاد بنجي منظر عام تي اچڻ لڳو. جنهن ڪري مهاجرن منجهه حالتن جي تبديلي ڪري سنڌين ڏانهن مفاهمت وارو رويو پيدا ٿيڻ شروع ٿيو. مهاجرن مجبوري تحت سنڌين ڏانهن پنهنجي اڳ واري سخت رويي ۾ ڪجهه لچڪ پيدا ڪئي. ڇو جو هنن لاءِ پنجابين کان پنهنجا مفاد بچائڻ لاءِ سنڌين ڏانهن تعاون جو هٿ وڌائڻ ضروري هيو. جڏهن مهاجرن ۽ پنجابين منجهه ٽڪراءُ شدت اختيار ڪرڻ لڳا ۽ مهاجرن ان بنياد تي پاڻ کي مذهبي جماعتن جهڙوڪ: جماعت اسلامي، جمعيت علماءِ پاڪستان ۽ تحريڪ استقلال کان ڌار ڪري، مهاجر قومي موومينٽ جوڙي ورتي ته پنجاب جي رياستي مشينري مهاجرن جي ان نفرت کي ڪنهن ٻئي طرف موڙ ڏيڻ لاءِ پلاننگ ڪرڻ شروع ڪئي. جنهن جو پهريون شڪار پٺاڻ ٿيا. جيڪي ڪراچي منجهه صنعت تي ۽ ٽرانسپورٽ تي مزدورن جي روپ ۾ ڇانئجي چڪا هئا. ان ڪري پنجابي حڪمرانن پنهنجي خلاف پچنڊڙ لاوي کي پٺاڻن طرف موڙ ڏئي پنهنجو پاڻ صحيح سلامت بچائي ورتو. جنهن جي نتيجي ۾ خونريز مهاجر پٺاڻ فساد شروع ٿي ويا.

مهاجر پٺاڻ فسادن مان پنجابين ٻه فائدا حاصل ڪري ورتا. هڪ ته مهاجرن کي پٺاڻن سان اٽڪائي پنهنجي اصل دشمن پنجاب تان ڌيان هٽرايو ويو، جنهن ڪري ان عرصي ۾ پنجابين پاڻ کي ڪراچي منجهه وڌيڪ منظم ۽ مضبوط ڪرڻ شروع ڪيو. ٻيو ته پٺاڻن کي رياستي قوت جي مدد ۽ تحفظ ڏئي، پنهنجي ٻنپري پنهنجو اتحادي بنايو ويو.

ان جي ردعمل ۾ مهاجر پنهنجو اتحادي تلاش ڪرڻ لاءِ پنهنجي ليکي هٿ پير هڻڻ لڳا. پٺاڻن ۽ پنجابين جي اتحاد سنڌ ۾ مهاجرن کي اڪيلو ڪري ڇڏيو. جنهن ڪري مهاجر پنهنجي مجبوري تحت سنڌين ڏانهن دوستي ۽ مفاهمت جو هٿ ڊگهيرڻ لڳا. مهاجرن منجهه اڳ جي ڀيٽ منجهه تيزي سان سنڌين ۾ ضم ٿيڻ وارو رجحان پئدا ٿيڻ لڳو. جنهن ڪري امڪان پيدا ٿيا ته سنڌي جيڪي اڳ اڪيلي سر پنجاب خلاف مورچا بندي ڪري رهيا هئا. انهن کي شهرن اندر مهاجر جي روپ ۾ هڪ حمايتي ملي پيو. جيڪا ڳالهه جيتري قدر سنڌين لاءِ نيڪ شگون هئي. اوتري قدر پنجاب جي ڦورو ٽولي لاءِ بدشگون هئي.

جڏهن ڪراچي منجهه اردو ڳالهائيندڙن ۽ پختونن ڏٺو ته هو پنجابي حڪمرانن جون پتليون بنجي، سنڌن اشارن تي نچي رهيون آهن ته سنڌن باشعور حلقن منجهه مفاهمت پئدا ٿيڻ لڳي ۽ سنڌن وچ ۾ تضاد ماٺا

ٿيڻ لڳا. ٻئي طرف سنڌي ماڻهن پنهنجي سياسي سمجهہ استعمال ڪندي پختونن ڪي مهاجرن سان ٽڪراءَ ۾ اچڻ کان روڪڻ ۽ پنجابين جو اتحادي بنجڻ کان روڪڻ ۾ پنهنجو ترقي پسند ڪردار ادا ڪرڻ شروع ڪيو. سنڌين جي ان عمل پختونن جي وڏي آباديءَ ڪي پنجابي حڪمرانن جي اشاري تي جڏهن "پنجابي پختون اتحاد" جڙيو تہ ان ۾ پختونن جي وڏي آبادي شامل نہ ٿي ۽ ان اتحاد جي سنڌ ۾ رهندڙ پختونن جي مڙني ترقي پسند جماعتن مذمت ڪئي ۽ ان کان لاتعلقي جو اظهار ڪيو ۽ مظلوم سنڌي عوام سان ساٿ نڀائڻ جو وچن ڪيو. مهاجر- پختون فسادن ۾ ناڪام ٿيڻ کان پوءِ ٻنهي ڌرين پنهنجو گڏيل دشمن سڃاڻڻ جي ڪوشش ڪرڻ شروع ڪئي. جنهن ڪري جلد ئي ڪراچي اندر خونريز مهاجر-پنجابي فساد شروع ٿي ويا. پنجاب جي استحصالين سان سنڌ جون ڇڪريون ۽ ڪراچي ۾ پنجابي مهاجرن فساد، پنجاب جي حڪمران طبقي ڪي ڏوڏي رهيا هئا.

هڪ طرف مهاجرن ۽ پختونن ۾ تضادن جو ماڻو ٿيڻ ۽ ٻئي طرف مهاجرن جي دلين منجهہ سنڌ لاءِ مفاهمت پيدا ٿيڻ ۽ موثر اتحاد لاءِ پيش قدمي ٿيڻ، ٽئين طرف سنڌ ۾ رهندڙ پختونن جو سنڌين ڏانهن پنهنجائپ وارو رويو، چوٿين طرف سنڌي قوم طرفان پنجاب جي ظلم ۽ استحصال خلاف منظم ۽ متحد تحريڪ جو اُڀرڻ، پنجابي حڪمران طبقي ڪي وڏي مونجهہ ۾ مبتلا ڪري ڇڏيو. سنڌن ننڊون حرام ٿي ويون. هو وري صورتحال ڪي منهن ڏيڻ لاءِ نوان گهاٽ گهڙڻ، چالاڪيون ۽ چالبازيون اختيار ڪرڻ لڳو. هاڻ سنڌس اڳيان صرف سنڌي قوم هئي، جيڪا سنڌن هر چالاڪيءَ ۽ چالبازيءَ جو مردانہ وار مقابلو ڪري رهي هئي. ان ڪري پنجاب هاڻ پنهنجي مڙني حرفتن، چالاڪين ۽ چالبازين سان گڏ رياستي مشنري جي زور تي سنڌين خلاف ميدان تي نڪري نروار ٿيو. هن سنڌين ۽ مهاجرن ۾ پنهنجا ايجنٽ پيدا ڪرڻ شروع ڪيا. ان ڏس ۾ ڪيس ايترا ججها ايجنٽ ۽ تنخواهيہ سنڌي قوم ۾ ڪو نہ ملي سگهيا. جيترا اردو آبادي ۾ وافر مقدار ۾ موجود هئا. ان ڪري مهاجر جلد ئي پنجاب جي سازش جو شڪار بنجي ويا. مهاجرن جي آبادي جو وڏو حصو سنڌين خلاف پنجابي مهري طور استعمال ٿيڻ لاءِ ذهني ۽ عملي طور تيار ٿي ويو.

پنجابي حڪمران سنڌ اندر اهڙو وايومنڊل تيار ڪرڻ لڳا، جيئن سنڌين ۽ مهاجرن جي وچ ۾ پيدا ٿيندڙ اتحاد ۽ ٻڌي ڪي ٽوڙي ناس ۽ برباد ڪري، ٻنهي ڪي هڪ ٻئي جي آمهون سامهون آڻي، ٻنهي ڌرين ڪي اڪيلو ڪري شڪست ڏني وڃي. جيئن پنجاب اندروني سنڌ سميت ڪراچي تي پنهنجو قبضو وڌيڪ عرصي لاءِ برقرار رکي سگهي. پنجاب مهاجرن جي اهڙين ڌرين ڪي اپارڻ جي ڪوشش ڪرڻ شروع ڪئي. جيڪي سنڌين ڪي پنهنجو پهريون دشمن تصور ڪنديون هيون. ان لاءِ پهريان سليم حيدر جي "مهاجر اتحاد تحريڪ" تي نظر ڪرم وڌي وئي. مهاجر اتحاد تحريڪ سڌو سنئون سنڌين سان ٽڪراءُ ۾ اچڻ لاءِ ميدان تيار ڪرڻ لڳي ۽ مهاجرن ڪي پنجابين جو دوست ۽ اصل اتحادي ثابت ڪرڻ لاءِ اڻٿڪ ڪوشش شروع ڪئي. ياد رهي تہ مهاجر اتحاد تحريڪ، پنجابي حڪمران ٽولي مهاجر قومي موومينٽ جي ٽوڙ ڪرڻ لاءِ پنهنجي مهاجر ايجنٽن رستي ان وقت ميدان تي آندي، جڏهن ڪراچي منجهہ مهاجر پنجابي تضاد تيزي سان وڌي رهيا هئا. هن تنظيم وجود ۾ اچڻ کان پوءِ سنڌين خلاف هڪ وڏو محاذ کولي، سنڌ دشمني جو ٻج ڇٽڻ شروع

ڪيو ۽ سنڌ جي قومي حقن لاءِ جدوجهد ڪندڙ تنظيمن سان مهاڏو اٽڪائڻ شروع ڪيو. هن تنظيم جا مڙئي مطالبا سنڌ دشمنيءَ تي ٻڌل هئا. جيئن سنڌ ۾ بهارين جي آبادڪاري، سنڌ کي ٻن قومن ۽ ٻولين وارو صوبو مڃائڻ، مهاجرن کي 60 سيڪڙو سيٽون ڏيارڻ وغيره. ٻئي طرف حيدرآباد ۾ جماعت اسلامي جي اڳئين ميئر وصي مظهر ندوي جي پٺي ٺپري ان کي ”مهاجر رابطا ڪائونسل“ جي اڳواڻ جي حيثيت سان ميدان تي لاٿو ويو. مولانا ندوي پنهنجي سچي عمر سنڌ دشمني ۾ گذارڻ جي خيال کان مشهور آهي. مظهر ندوي ۽ سندس رابطا ڪائونسل سنڌ جي ڌرتيءَ تي ويهي، ان جي وارث ٻنجي پنهنجا فيصلا ان مٿان مڙهڻ گهري ٿي. هي تنظيم هر وقت حڪومت کي سنڌ دوست قوتن کي ڪچلڻ ۽ انهن جي قومي جدوجهد کي طاقت جي زور تي تباهه ۽ برباد ڪرڻ جون صلاحون ڏيندي رهي آهي. ان سلسلي ۾ مولانا ندوي جي گذريل حڪومت کي صلاح ڏيڻ ته ”بهارين کي بنگلاديش مان جلد گهرائي سنڌ ۾ آباد ڪيو وڃي، جيئن اهي سنڌ ۾ علحدگي پسندن جي ناپاڪ ارادن کي مٽي ۾ ملائي ڇڏين.“ مولانا ندوي شروع کان سنڌ جي ڀلائي لاءِ ڪم ڪندڙ علمي، ادبي ۽ سماجي تنظيمن تي بهتان بازيون ڪري، انهن تي بندش وجهرائڻ ڪاڻ حڪومت کي اُڪسائيندو رهيو آهي. سندس ان ڪردار ڪري ”سنڌ گريجوئيٽ ايسوسيئيشن“ تي گذريل دور ۾ بندش وڌي وئي. ٽئين طرف پنهنجي جنم کان وٺي ”جماعت اسلامي“ سنڌ دشمنيءَ وارن عملن ۾ هميشه سيني کان اڳري رهندي آئي آهي، اُن جو ڪردار هر باشعور ماڻهو جي سامهون آهي. مٿي ذڪر ڪيل ٽئي تنظيمون، پنجابي حڪمران ٽولي سان سنڌ ۾ ظلم ۽ استحصال ڪرڻ واري عمل ۾ هميشه ساٿياري رهيون آهن. ان ڪري تازن سنڌي مهاجرن فسادن ۾ پنجاب جي اشاري تي انهن ٽنهي تنظيمن ”ايم ڪيو ايم“ سان گڏ اڳ کان اڳرو ٿي پنهنجو پاڻ ملهايو.

ڪراچي ۽ حيدرآباد جي وڏي آبادي الطاف حسين جي ”مهاجر قومي موومينٽ“ سان وابسته ٿي چڪي آهي. ان ڪري پنجاب جي استحصالي ٽولي ايم ڪيو ايم کي پڻ پنهنجو ايجنٽ ڪري هلائڻ ۽ ان کي پنهنجن مفادن لاءِ استعمال ڪرڻ لاءِ هٿ پير هڻڻ شروع ڪيا. پنجاب مهاجرن کي پنهنجو ڪرڻ لاءِ ڪجهه نه ڪجهه رعايتون ڏيڻ رستي، سندن پنجاب مخالف جذبن تي ڇنڊا وجهڻ شروع ڪيا. جيئن ته ايم ڪيو ايم جا ڪافي مطالبا سنڌين خلاف آهن، جيئن ڌار قوميت، بهارين جي آبادي، ڪوٽا سسٽم جو خاتمو وغيره، ان ڪري انهن مطالبن ڪري اڳئي سنڌين ۽ مهاجرن ۾ دوريون پيئجي چڪيون هيون ۽ مهاجر قيادت انهن مطالبن جي حل لاءِ پنجابي حڪمرانن ڏانهن واجهائي رهي هئي. اُن ڪري پنجابي حڪمرانن ان ڳالهه مان فائدو حاصل ڪندي، مهاجرن جي رجعت پسند قيادت کي پاڻ سان ملائڻ ۽ سنڌين خلاف استعمال ڪرڻ لاءِ تيزي سان ڪم ڪرڻ لڳي. جيئن ته مهاجرن جو پنجابين سان ٽڪراءُ صرف ڪراچي اندر چند نوڪرين، پرمٽن، ڪارخانن ۽ واپار جي بنياد تي هئو ۽ باقي سندن مطالبا ڪنهن به طرح پنجاب جي خلاف ڪو نه هيا. ان ڪري، پنجاب، مهاجرن کي پنهنجو نئين سر اتحادي بنائڻ لاءِ انهن مطالبن کي تسليم ڪرڻ لاءِ تيار هئو. پنجابي حڪمران ٽولي ايم ڪيو ايم ۾ ڌڙابندي واري عمل کي تيز ڪندي، ان اندر وڏي تعداد ۾ پنهنجا ايجنٽ پيدا ڪري ورتا. جيڪي سندس اشاري تي سڀ ڪجهه ڪرڻ لاءِ تيار هئا، انهن ۾ ايم ڪيو ايم جو

اڳواڻ طارق عظيم ۽ حيدرآباد جو ميئر آفتاب شيخ سندن بهترين مهرا ثيڻ لاءِ تيار ٿي ويا. پنجاب جي مها ايجنٽ ندوي طرفان عظيم طارق کي پنجاب جو دورو ڪرائڻ بعد، جڏهن عظيم طارق واپس سنڌ پهتو ته هن اندروني سنڌ جو دورو ڪري اشتعال انگيزي شروع ڪئي. ٻئي طرف ندوي ۽ ميئر آفتاب بيانن رستي اهڙو ماحول تيار ڪرڻ شروع ڪيو، جيئن سنڌين ۽ مهاجرن جي وچ ۾ پئدا ٿيندڙ اتحاد، نفاق ۾ تبديل ٿي وڃي. هنن ان سوچ کي عملي جامو پهرائڻ لاءِ اهڙا ڪدا ڪم ڪرڻ شروع ڪيا، جن سان سنڌي مهاجر فساد ڇڙي پيا ۽ سنڌ خانہ جنگي جي آڙاه ۾ اچي ويئي.

شروع ۾ جڏهن مهاجر قومي موومينٽ جو بنياد پيو ته ان جي قيادت طرفان سنڌ سان وفاداريءَ ۽ سنڌي جي مفادن لاءِ گڏيل جدوجهد جو نعرو هڻڻ ڪري، سنڌين ۽ مهاجرن ۾ 30 سالن کان هلندڙ دشمني دوستي طرف وڌڻ شروع ٿي. ايم ڪيو ايم جي شروعاتي قدمن جي ڪري سنڌين جو مهاجرن ڏانهن رويو تبديل ٿيڻ شروع ٿيو، دوستي ۽ اخوت وڌڻ لڳي، سرچائپ ۽ پنهنجائپ واري فضا پيدا ٿيڻ لڳي، مهاجر عوام ايم آئي ٽي ۽ ايم آر سي جهڙن رجعت پرست تنظيمن کي ٿڏي چڪو هو. هو سنڌين سان دشمني کي دوستي ۾ تبديل ڪرڻ گهري پيو، هو سنڌين منجهہ جذب ٿيڻ ۽ سنڌن ٻولي ۽ ڪلچر کي پنهنجو ڪرڻ لاءِ تيار هو. جڏهن ايم ڪيو ايم پهريان اهي بنياد رکي اڳتي وڌي ته مهاجر عوام ان کي پنهنجو ڪيو، پر عام مهاجر ان ڳالهہ کان قطعي واقف ڪو نہ هيو ته خوبصورت نعرن ۽ اعلانن جي پويان ڇا هيو. عام مهاجر اهو نہ پيو ڄاڻي ته ايم ڪيو ايم، عالمي سامراج ۽ پنجاب جي حڪمرانن جي پچ لٽڪائو جماعت هئي، جيڪا سنڌن مفادن تحت وجود ۾ آئي هئي. جيڪا ڳالهہ اڳتي هلي ثابت ٿيڻ لڳي. ايم ڪيو ايم جي سنڌ ۽ سنڌين جي بنيادي مسئلن ڏانهن غير واضح پاليسي ۽ سنڌ دشمن مطالبا سنڌين ۽ مهاجرن جي وچ ۾ ٿيندڙ پائيپي ۽ اشتراڪ جي فضا کي خراب ڪرڻ لڳا.

ايم ڪيو ايم مهاجر قوميت جي نعري ڪري، مهاجرن کي سنڌي قوم ۾ ضم ٿيڻ واري عمل کان ڪٽي ڌاري ڪري، هڪ الڳ شناخت قائم ڪري، سنڌين کان گهڻو پري ڌڪي ڇڏيو. ايم ڪيو ايم جي سنڌ جي مجموعي مسئلن، جيڪي سنڌ ۾ رهندڙ مهاجرن جا پڻ مسئلا هئا، انهن ڏانهن واضح موقف اختيار نہ ڪرڻ ۽ انهن مسئلن جي حل لاءِ سنڌ اندر سنڌي ماڻهن طرفان هلندڙ جدوجهد ۾ شموليت نہ اختيار ڪرڻ ڪري پڻ سنڌي مهاجر يڪجهتي جي وچ ۾ وڇوٽيون وڌڻ لڳيون. ان کان پوءِ جڏهن نومبر 1988ع جي اليڪشن ۾ ايم ڪيو ايم ڪراچي ۽ حيدرآباد ۾ چند سيٽون کٽي ورتيون ته هن جو رويو سنڌي ماڻهن ڏانهن وڌيڪ جارحانہ ۽ دشمنانہ ٿي ويو. جڏهن پ پ پ ۽ ايم ڪيو ايم منجهہ ڪراچي معاهدو ٿيو ته ان معاهدي ڪري ايم ڪيو ايم وڌي چڙهي سنڌ دشمن عمل ڪرڻ شروع ڪيا ۽ پ پ پ کي 14 سيٽن جي بنياد تي بليڪ ميل ڪري پنهنجا ناجائز مطالبا ۽ گهرون تسليم ڪرائڻ شروع ڪيون. حقيقت ۾ ڪراچي معاهدي جي بهاني ايم ڪيو ايم، پ پ کي پاڻ وٽ يرغمال بنائي ورتو. ان بعد جڏهن آءِ جي آءِ طرفان ايم ڪيو ايم کي نويد ملي ته هن ڪراچي معاهدي کي پٺي پاڏو اڇلائي وڃي پاڻ کي پنجابي رجعت پرست قوتن جي جهولي ۾ وڌو. اصل ۾ ايم ڪيو ايم جو آءِ جي آءِ سان اتحاد، ڪا نئين ۽ حيرت ۾ وجهندڙ ڳالهہ ڪا نہ آهي ڇو جو

ايم ڪيو ايم شروع کان وٺي پنجاب جي اشاري تي عمل ڪندي آئي آهي، ان جي مڙني لڪل توڙي ظاهري مقصدن کي هر باشعور ماڻهو سمجهي سگهي ٿو. ايم ڪيو ايم، آءِ جي آءِ اتحاد جي پويان جيڪي مقصد لڪل آهن، تن ۾ سنڌ کي ٽوڙي ٻه ٽڪر ڪرڻ، سنڌ جي قومي تحريڪ کي خانہ جنگي جي ذريعي ۾ ڦاسائي پنهنجي اصل ٽارگيٽ تان هٽائڻ، سنڌ مٿان پنجاب جي جارحانہ قبضي کي وڌيڪ مستحڪم ڪرڻ، عالمي سامراج جي مفادن کي تحفظ ۽ هٿي ڏيڻ.

## هاڻ ڇا ڪرڻ گهرجي؟

سنڌ اندر مستقل طور تي آباد مهاجرن کي سمجهڻ گهرجي تہ سنڌي قوم جي جدوجهد، پنجاب جي استحصالي ٽولي ۽ سنڌ ۾ رهندڙ ڌارين ڦورن ۽ لٽيرن خلاف ٿيٽي آهي. اُن ڪري مٿن پڻ سنڌ جا مستقل باشندا هجڻ جي ناتي اهو لازم ٿئي ٿو تہ هو ان جدوجهد ۾ سنڌي ماڻهن سان هر قدم تي گڏ هجن، سنڌ قومي اتحاد طرفان سنڌن لاءِ پيش ڪيل شرطن کي فراخدلي سان قبول ڪندي، پاڻ کي سنڌي قوم منجهہ ضم ڪري ڇڏين، ڇو جو تاريخ کين هڪ دفعو وري اهڙو سونهري موقعو ڏئي رهي آهي. جو هو سنڌ ڌرتي جو رهيل قرض چڪائن، پنهنجي مستقبل کي محفوظ ڪرڻ لاءِ سنڌ دشمن مطالبن تان هٿ ڪڻي سنڌين جي فراخدلي ۽ درياهہ دلي مان استفادو ڪندي، پاڻ کي هميشہ لاءِ سنڌ ۾ ڌاريائپ واري احساس کان نجات ڏيارين. جيڪڏهن حوصلي ۽ تدبر کان ڪم نہ ورتو ويو، اسان جي نيڪ جذبن ۽ خواهشن کي اسان جي ڪمزوري سمجهي انهن جو قدر نہ ڪيو ويو، تہ ٿي سگهي ٿو تہ اسان ٻنهي ڌرين جون راهون ۽ رستا هميشہ لاءِ هڪٻئي کان جدا ٿي وڃن ۽ سنڌ ڌرتي کين پنهنجي آغوش مان هڪالي اونداهن غارن ۾ اڇلي ڇڏي.
سنڌين ۽ مهاجرن جي اٽڪٽ مان صرف ٽئي صرف ٻنهي ڌرين جي گڏيل دشمن يعني پنجاب حڪمران طبقي کي ئي فائدو رسي سگهي ٿو. جڏهن تہ اسان ٻنهي ڌرين جو گڏيل دشمن اهڙي موقعي جي تلاش ۾ آهي تہ هو اسان ٻنهي ڌرين ۾ نفرتون عروج تي پهچائي، سنڌن خلاف اٿندڙ نفرت ۽ جدوجهد جو رخ ڦيري، اسان ٻنهي ڌرين کي پاڻ ۾ اٽڪائي، پنهنجو پاڻ کي صحيح سلامت بچائي وڃي. اسان ڪڏهن بہ پنجاب جي ان سازش جو شڪار ٿيڻ نہ ٿا چاهيون ۽ ان سان گڏ اردو ڳالهائيندڙن جي باشعور حلقن کي پڻ اپيل ڪيون ٿا تہ هو ان صورتحال تي ڪنٽرول ڪن ۽ پنهنجن صفن مان اهڙن ماڻهن کي ڪڍي ٻاهر ڪن، جيڪي پنجاب جا مهرا بڻيل آهن. اهڙين تنظيمن کان الڳ ٿي وڃن، جيڪي کين ڪنهن اوڙاهہ ۾ اڇلي رهيون آهن.
اسان کي سنڌ ۾ رهندڙ اردو ڳالهائيندڙن لاءِ پڻ هاڻ صاف صاف بلڪل چٽو موقف اختيار ڪرڻ گهرجي، هاڻ اصولي طور تي اردو ڳالهائيندڙن جي ناجائز مطالبن ۽ حجتن کي درگذر ڪرڻ ۽ کين صرف پنهنجو زوريءَ اتحادي بنائڻ لاءِ رعايتون ڏيڻ واري عمل کان پاسو ڪرڻ گهرجي. ڪنهن بہ قيمت تي کين سنڌي قوم جي آجپي واري جدوجهد جي سوال تي ڪا بہ ننڍي کان ننڍي ڳالهہ ڦٻڻ جي اجازت نہ ڏيڻ گهرجي. ساڻن اتحاد ڪرڻ وقت سنڌ جي مفادن کي، سنڌي عوام جي مفادن کي ذري ماتر بہ متاثر ٿيڻ نہ ڏجي. اسان

ڪي مهاجرن جي صرف اهڙن گروهن ڏانهن همدردي ۽ پنهنجائپ وارو رويو اختيار ڪرڻ گهرجي، جيڪي سنڌ جي مفاد کي پنهنجا مفاد سمجهن ٿا. سنڌ جي ٻوليءَ ۽ ثقافت کي پنهنجو ڪن ٿا. پاڻ کي بنا ڪنهن شرط جي سنڌي قوم جو حصو تصور ڪن ٿا. سنڌ جي بنيادي مسئلن لاءِ صرف وات سان نہ پر عملي طرح اسان سان گڏ جدوجهد هلائڻ گهرن ٿا. يقينن مهاجرن جو مستقبل صرف تڏهن محفوظ ٿي سگهي ٿو، جڏهن هو پنهنجي هر گروهي مفاد کي عظيم تر مفاد مٿان ترجيع ڏين.

(ڇپيل، ڪتاب "سنڌ- آزادي ۽ انقلاب" مصنف: رڪ سنڌي، جنوري 1990ع)

★★★

# ڪاري رات جو سفر

30 سپٽمبر 1988ع تي سڪرنڊ کان حيدرآباد آيس. سوچيم ته پنهنجي پياري ساٿي ظفر عباسي سان ملان، پر جمع جي ڏينهن هجڻ ڪري، ساٿي سان ملاقات نه ٿي سگهي، ڪجهه ٻين دوستن سان مليس. ان بعد شام جو ڪراچي روانو ٿيس. گلبهار (گوليمار) پهتس ته سيتل اوڏ ڊيوٽي تي وڃي چڪو هو. ان بعد پريس ڪلب ويس، جتي سنڌ گريجوئيٽس ايسوسيئيشن طرفان ”جشن لطيف“ ملهايو پئي ويو. تقريب شروع ٿي چڪي هئي. مقررن لطيف جي فن ۽ فڪر تي وڏي اعتماد ۽ محبت سان روشني پئي وڌي. اهو ئي هو، جيڪو سنڌي ماڻهن جي هر ميڙ ۾ هوندو آهي. سنڌ سان محبت، سنڌي ماڻهن سان محبت ۽ انهن جي حقن جي بحالي لاءِ ڳالهيون ٿي رهيون. اوچتو اسٽيج سيڪريٽري اعلان ڪيو ته هينئر هينئر خبر پئي آهي ته حيدرآباد ۾ خونريز فساد ٿيا آهن، جنهن ۾ ڪيترائي ماڻهو مارجي ويا آهن. ان ڪري اسان پنهنجو پروگرام مختصر ڪري ختم ڪنداسين. ان بعد محفل موسيقي شروع ڪئي وئي. ان خبر پوڻ ڪانپوءِ به جلسي ۾ ڪنهن به قسم جي ڪنفيوزن پيدا ڪانه ٿي. هر ڪو اهو سوچي رهيو هو ته حيدرآباد جي سنڌي مارن تي خبر ناهي ڇا گذري رهي آهي. پر پوءِ به ڪنهن به قسم جو خوف ۽ ڊپ ڪٿي به نظر ڪو نه آيو. اسان ڌرتي جا ڌٽي هئاسين، پنهنجي ڌرتي جي ٽڪري تي ڳڏ ٿي پنهنجي مستقبل لاءِ سوچي رهيا هئاسين. پوءِ به خوف ڇا جو؟ خطرو ڇا جو؟

لائوڊ اسپيڪر تي سرمد جو آواز گونجي رهيو هو،

قاتل او قاتل، بدلو وٺنداسين،

هر خون جي قطري جو، بدلو وٺنداسين

پروگرام 12 بجي رات جو ختم ٿيو. ٻاهر نڪتاسين، ڪراچي جا روڊ ۽ رستا ويران ۽ سنسان هيا. ڪراچي جي ماحول تي خوف ۽ دهشت طاري هئي. اڪيلو گهر پهتس. واٽ تي موٽر سائيڪل سوار نظر آيا، جيڪي ڌارئي دهشت گرد ٽولي جا لڳي رهيا هئا. ڪنهن ڪي شڪار ڪرڻ لاءِ واجهائي رهيا هئا. دل ۾ ڪجهه ڪٽڪو ٿيو. پر اهو سوچي ته مون جهڙا هزارين لکين وطن واسي، هن شهر ۾ مون کان وڌيڪ تڪليف جو

شڪار هئا، مون ڪان وڌيڪ عدم تحفظ جو شڪار هيا. منهنجو سڄو پاڙو جاڳي رهيو هو، گهٽيون ته خالي هيون، پر اردو ڳالهائيندڙ گهرن جي ڇتين تي موجود هئا. جڏهن مان انهن جي سامهون لنگهي رهيو هوس ته مون کي عجيب غريب نظرن سان ڏسي رهيا هئا. صورتحال مان اندازو ٿئي پئي ته حيدرآباد ۾ اردو آبادي جو نقصان ٿيو آهي. هي ماڻهو اسان جي پيٽ ۾ ڪيڏا نه خبردار هئا، ڪيڏو نه سندن وچ ۾ رابطو هيو، جو حيدرآباد جي خبر سندن گهر گهر پهچي چڪي هئي. جڏهن ته اسان سڀ بي خبر هئاسين. اسان وٽ رابطي جي ڪيڏي نه گهٽتائي هئي، جو هيڏي ساري جلسي ۾ به خبر نه پئجي سگهي هئي ته حيدرآباد ۾ ڇا ٿيو آهي؟

صورتحال ڪان بي خبري ڪري پريشاني ٿي رهي هئي. گهر ۾ رکيل شيشي جون بوتلون ڪٽي پنهنجي پرسان رکيم ته جيڪڏهن ٻيو نه ته به ڪنهن کي زخمي ته ڪري سگهبو. ڪجهه وقت حملي کي روڪي ته سگهبو. دريءَ مان ڏٺم ته منهنجي پر وارن گهرن جي ڇتين تي ماڻهو موجود هئا. نگاهن جو مرڪز منهنجو گهر هئو. هڪ ڪتاب کڻي پڙهڻ وينس. مون کي سيتل لاءِ سخت ڳڻتي هئي. جيڪو بنا ڪنهن خبر چار جي نئين ڪراچيءَ جي هڪ آڪٽراءِ پوسٽ تي اڪيلو سنڌي هوندي رات جي ڊيوٽي ڪري رهيو هو. سوچيم ته سندس تائين پهچڻ گهرجي. گهڻ ۾ گهڻ بي خبري ۾ مارجي ته نه وڃي. سڄي رات بي آرامي ۽ بي چيني ۾ گذري.

صبح جو اُٿي اخبار وٺي آيس. جنهن مان معلوم ٿيو ته حيدرآباد ۾ نامعلوم حملي آورن حملو ڪري 250 مهاجر ماري وڌا آهن. اخبارون مري ويلن ۽ زخمين جي تصويرن ۽ وڏين وڏين سرخين سان ڪاريون لڳيون پيو هيون. سيتل کي جيئرو جاڳندو گهر پهچڻ تي ڏاڍي خوشي ٿي. ان سان گڏ اهو پڻ الڪو ٿي رهيو هو ته خبر نه آهي، رات جي انڌيري ۾ منهنجي بي خبر مسڪين مارن تي ڇا گذري. سيتل کي گهر ڇڏي آفيس آيس. آفيس ۾ صرف سنڌي ملازم پهتا هئا. اردو ڳالهائيندڙن مان ڪو به موجود ڪو نه هئو. دوستن سان ملاقات ٿي، پر ڪنهن وٽ به ڪا خبر ڪا نه هئي. پر ملير مان ڪو به دوست ڪو نه پهتو هو. خبر پئي ته ان طرف فساد ٿيا آهن ۽ سواريون بند آهن. پر پوءِ به پوري خبر ڪانه پئي پوي ته ڇا ٿيو؟ مختلف دوستن کي گهرن ڏانهن ٽيليفونون ڪڙڪايون پر ڪٿي به رنگ نه وڃي رهي هئي. ڪيترن گهر ۽ دوڪانن تي ڪو رسيور کڻڻ وارو ڪو نه هئو. پريشاني وڌي رهي هئي ته آخر ڇا ٿي رهيو آهي، جو خبر به ڪا نه ٿي پوي. ڪجهه ٽائيم ڪانپوءِ ملير مان هڪ دوست فون ڪئي ته هتي 5 سنڌي هڪ بس مان لاهي ماريا ويا آهن. جيڪي نئين ڪان ڪراچي اچي رهيا هئا. لياقت آباد جي به خبر پئي ته اتي پڻ سنڌين تي حملا ٿيا آهن، جن ۾ ڪجهه ماڻهو شهيد ٿيا آهن. جيئن پوءِ تيئن اطلاع وڌي رهيا هئا. مان ظفر منگي کي چيو ته سيتل گهر آهي، هل ته هلي ان کي اتان کڻون، ڇو جو حالتون جيئن پوءِ تيئن خراب ٿي رهيون آهن. ظفر ۽ مان موٽر سائيڪل تي گهر ڏانهن راهي ٿياسين. رستن تي سواريون گهٽ هيون. فوج ۽ پوليس گشت ڪندي نظر آئي. گوليمار جيڪو دهشت گردن جو وڏو اڏو آهي اتي رستن تي فوج ۽ پوليس جا دستا پهرو ڏئي رهيا هئا. گهر پهتاسين. واٽ تي ڪيترن ئي هنڌن تي خونريز حملن جي خبر پئي. گهر اچي سيتل سان ملياسين. هو هر قسم جي خوف خطري کان بي پرواهه ستو پيو. هن کي ڪراچيءَ ۾ ٿيندڙ قتلام بابت ڪا به خبر ڪا نه هئي.

ظفر منگي وٽ ڪجھ رقم هئي. مون ڪيس چيو تہ توهان گاڏي ڪاهي نڪري وڃو، اسان بہ هتان نڪرون ٿا. ٽئي ڄڻا هڪ ئي موٽر سائيڪل تي صحيح نہ ٿا لڳون. هن کي گهٽي سمجهائڻ بعد روانو ڪيم. سيتل کي چيم تہ ڪجھ ڪائي هتان نڪرون ٿا. ڪنهن اهڙي علائقي ۾ هلون ٿا، جتي سنڌين جي آبادي هجي ۽ محفوظ هجون. اجان ماني ڪائي رهيا هئاسين تہ ڪلاشنڪوف هلڻ سان هڪ وڏو ڌماڪو ٿيو. اسان جي علائقي ۾ سنڌين تي حملا جاري ٿي چڪا هئا. هيٺ گهٽيءَ ۾ ڏٺوسون، گهٽي بلڪل سنسان هئي. سامهون سنڌين جي هوٽل ۽ چند دوڪان بہ بند هئا. اجان هيٺ لهڻ جي ڪري رهيا هئاسين تہ خبر پئي تہ اسانجي علائقي ۾ ڪرفيو نافذ ڪيو ويو آهي. سوچيوسين تہ ندي پار ڪري پرواري علائقي پراڻي گوليمار مان نڪري ٿا هلون. پر خبر پئي تہ انهن علائقن ۾ پڻ ڪرفيو لڳي چڪو آهي. ڏينهن جا 11 ٿي رهيا هئا. صورتحال معلوم ڪرڻ ۽ سگريٽ وٺڻ لاءِ اڪيلو هيٺ لٿس. گهٽيون سنسان هيون. سنهين گهٽين مان ٿيندو پاڙي ۾ رهندڙ پنهنجي دوست ذبيع ڪوکر جي گهر پهتس. هنن جو در اندران بند هو. در کڙڪائڻ بدران سڏ ڪيم تہ جيئن خبر پوين تہ پنهنجو آهي. ذبيع مٿان مون کي ڏسي هيٺ لهي آيو. ڏاڍو خوفزده هو تہ مان ڪيئن رسڪ کڻي هيستائين پهتو آهيان. ڪانئس صورتحال جو پڇيم. چيائين تہ پنهنجي گلبهار جي ڳوٺ صابره تي حملو ٿيو آهي. جنهن ۾ ڇھ ماڻهو، عورتون ۽ ٻار مارجي ويا. موذين گهرن ۽ لاشن کي باھ ڏيئي ساڙيو آهي. سڄي علائقي ۾ سنڌين ۾ وڏو خوف ۽ هراس پکڙيل آهي. اجان وڌيڪ حملن جو خطرو آهي.

سوچيوسين هاڻ ڇا ڪجي؟ نہ تہ هن علائقي مان نڪري سگهجي ٿو ۽ نہ وري ايتري تياري آهي جو منهن ڏجي. هتان جي مقامي سنڌين ۾ بہ اهڙو آسرو گهٽ هو. پوءِ بہ لڪندا ڇپندا سنڌين جي محلي ۾ پهتاسين. هو ڏاڍو خوف زده ۽ پريشان هئا. اسان کين دلداريون ڏنيون ۽ خبردار رهڻ ۽ سخت قسم جي چوڪسي ڪرڻ، پنهنجن گهٽين ۾ نوجوانن کي ڏنڊا، ڇريون، ڪهاڙيون ۽ ٻيو جيڪو بہ اسلحو موجود آهي، کڻي پهرا ڏيڻ جي صلاح ڏني. اسان هن علائقي ۾ تمام ننيڙي بلڪل نہ ڳڻڻ جهڙي آبادي ۾ هئاسين. جڏهن تہ دشمن تعداد ۾ توڙي طاقت ۾ اسان کان ڪيئي ڀيرا وڌيڪ هيو. پر پوءِ بہ هتان جي سنڌين ممڪن حملي کي روڪڻ ۽ مهاجر آبادي ۾ خوف ۽ هراس پکيڙڻ لاءِ اهو افواھ ڇڏي ڏنو تہ اسان صابره جي قتل عام جو بدلو وٺڻ لاءِ رات گوليمار نئين جي مهاجر آبادين تي حملو ڪنداسين. ان افواھ اُٿارڻ کان اڳ اسان کي اهو بہ معلوم ٿي چڪو هو تہ رات مهاجر سنڌي پاڙن تي حملو ڪندا. اسان هتان جي مقامي آباديءَ کي بلڪل تيار رهڻ ۽ ننڍي پئماني تي مسلح ٿيڻ جي صلاح ڏئي واپس آياسين ۽ گهر اچي سيتل سان گڏ راند ڪيڏڻ ويٺاسين.

ٻاهر اهم گهٽين ۽ رستن تي ڪرفيو هو. پر پوءِ بہ ڪرفيو هجڻ باوجود سنڌين جو قتل عام جاري هو. فوج حملي آورن کي روڪڻ جي ڪا بہ ڪوشش ڪو نہ ڪري رهي هئي. ڪرفيو هوندي صابره تي حملو ٿيو، سنڌين جا دوڪان ساڙيا ويا. سوارين مان لاهي کين شهيد ڪيو ويو. حڪومت جا مسلح دستا تماشو ڏسڻ ۾ پورا هيا. سنڌي ماڻهو پنهنجي شهر ۾ بي يارو مددگار ڏاڍ سان منهن اٽڪايو بيٺا هئا. مختلف علائقن ۾ رهندڙ سنڌين وچ ۾ ڪو بہ ڳانڍاپو ڪو نہ هو، ڪو بہ رابطو ڪو نہ هو. هر ڪو پنهنجي سر اڪيلو اڪيلو

ٿي وڙهي رهيو هو ۽ پنهنجو تحفظ ڪري رهيو هو. حملي کان بچڻ يا ان کي منهن ڏيڻ جي ڪا پلاننگ موجود ڪا نہ هئي. دشمن هر هنڌ فتحن مٿان فتحون حاصل ڪري رهيو هو. اسان جا ليڊر، اسان جا اڳواڻ ان وقت ڇا ڪري رهيا هئا، ان جي حملي جي زد ۾ آيل عوام کي ڪا بہ خبر ڪا نہ هئي. سڄي ڪراچي ۾ رهندڙ سنڌين مٿان خوني پوت لامارا ڏئي رهيو هو. وحشي درندا معصوم ۽ بيخبر عوام جو منظم رٿابندي تحت قتلام ڪري رهيا هئا. ان قتلام ۾ حڪومتي ادارا بہ شامل هئا. سنڌ دشمن ٽولا بنا ڪنهن ظاهري فرق ۽ اختلاف جي گڏ هئا.

شام ٿي رهي هئي. گھر ۾ کائڻ لاءِ ڪجھ بہ موجود ڪو نہ هيو، بک پڻ پنهنجو احساس ڏياري رهي هئي. هتان ڪيئن نڪرڻ گھرجي، جي رهجي تہ تحفظ ڪيئن ڪجي؟ صرف سوچي ئي رهيا هئاسين ڪو بہ رستو ڪو نہ هيو. ڪا بہ راھ نظر نہ ٿي آئي. ان وچ ۾ اسان جي مالڪ مڪان (جيڪو مهاجر آهي) جو پٽ ٻہ دفعا آيو تہ اوهان گھر خالي ڪري نڪري وڃو. اوهان کي ڪجھ ٿيو تہ اسان لاءِ مسئلو پئدا ٿيندو. اوهان ڪجھ ڏينهن هتان نڪري وڃو. زور رکي رهيا هئا تہ هن وقت نڪري وڃون. نيٺ پرائو گھر، ڪرائي جو گھر ڇڏڻو پيو. گوليمار ۾ رهندڙ مقامي سنڌي آباديءَ کي صورتحال کان واقف ڪيو پر ڪو بہ اسان کي رهائڻ تي آماده نظر نہ آيو. مجبوراً مون فيصلو ڪيو تہ ڪنهن بہ طرح ندي پار ڪري پراڻي گوليمار وڃي هڪ دوست مرزا صاحب وارن وٽ رهجي. پر ندي پار ڪرڻ خطرناڪ مسئلو هيو. وچ ۾ مهاجر آبادي هئي. پرسان اهو ڳوٺ هيو، جتي چند ڪلاڪ اڳ قتلام ٿيو هو. پر آخر فيصلو ڪري سيتل ۽ مان نڪري پياسين. مهاجر آبادي مان لنگھندي خوف ٿي رهيو هو، هر ڪڙڪو اسان کي خوف ۽ هراس ۾ مبتلا ڪري رهيو هو تہ ڪھڙي گھر مان حملي آور نڪرن ٿا. ڪيڏي مهل حملو ٿئي ٿو. چوطرف ڪنائيندا، هڪبئي کان پري ٿي دٻيل پيرن سان وڃي رهيا هئاسين. جڏهن ندي واري پل تي پهتاسين تہ ان کان چند قدمن تي وحشيت ۽ بربريت جو شڪار ٿيل صابره ڳوٺ باهہ ۾ سڙي رهيو هو. مارن جي جهڳين جو دونهون آسمان طرف اڏامي رهيو هو. اسان تہ تصور بہ نہ ٿي ڪري سگھياسين تہ اتي ڇا ٿيو هوندو. اتان جي مظلوم مارن تي ڇا وهيو واپريو هوندو.

پراڻي گوليمار پهتاسين. اتي سنڌي ماڻهن جا وڏا ميڙ بازارين ۽ گھٽين ۾ پريشان حال هيڏانهن هوڏانهن ڦري رهيا هئا. صورتحال معلوم ٿي، خبر پئي تہ صبح صابره ڳوٺ تي مهاجر هٿياربندن حملو ڪيو. حملي جي اڳواٽي سنڌ مسلم ليگ جي صدر ۽ سنڌ ڪابينا جي موجوده مهاجر وزير شميم الدين جو پٽ ڪري رهيو هو. حملي آور ٻن گاڏين ۾ سوار ٿي ڳوٺ ۾ پهتا. حملي جي زد کان بچيل ڳوٺاڻن ٻڌايو تہ صبح جو ٻہ گاڏيون اچي اسان جي گھرن آڏو بيٺيون، انهن مان چند نوجوان لٿا. جن ڳوٺ جي سامهون ڪا شيءِ زمين تي فٽ ڪئي. اسان سمجھيو تہ ڪا فلم پرڻ آيا آهن ۽ ڳوٺ جا فوٽو پيا ڪڍن. پر ڪھڙي خبر تہ اهو سامهون فٽ ٿيندڙ اوزار اسان جي موت جو پروانو هو. ڪجھ ئي دير ۾ اهو ڪئميرا جھڙو اوزار هڪ ڌماڪي سان اڏاٽو، ڪکاوان گھر ۽ انهن ۾ موجود ماڻهو پرزا پرزا ٿي اڏامڻ لڳا. حملي آورن گھرن مان ٻاهر نڪرندڙ ماڻهن تي ڪلاشنڪوف سان فائرنگ ڪرڻ شروع ڪري ڏني. چوطرف رت ۽ باهہ سنڌي ماڻهن جي معصوميت ۽ بي خبريءَ تي ماتم ڪري رهي هئي.

پراڻي گوليمار ۾ زخمين کي اسپتال پهچائڻ ۽ ٻي گھر ٽيلن لاءِ ڪئمپون قائم ڪرڻ جو ڪم هنگامي بنيادن تي جاري هيو. اسڪولن ۽ اوطاقن ۾ ڪئمپون قائم ڪيو ويون هيون. گھر گھر مان امدادي سامان ۽ چندو گڏ ٿي رهيو هو. ان وقت سنڌين جو جوش ۽ جذبو ڏسڻ وٽان هيو. امدادي سامان ڪٺي ڪندڙ ڪارڪنن ٻڌايو ته ماڻهن ۾ امداد ڏيڻ لاءِ ايڏو ته جوش ۽ جذبو موجود هيو، جو جنهن ۾ گھر ۾ ٻه رليون ۽ ٻه سير اٽو ٻه موجود هيو ته اهو ٻه امدادي ڪارڪنن جي حوالي ڪيو ويو. جڏهن هڪ گھر ۾ امدادي ڪارڪن پهتا ته ان ۾ صرف هڪ پوڙهي عورت موجود هئي. ان وٽ صرف پنج روپيہ، ٻه رليون، ٻه ٽي سير اٽو موجود هو، ان پوڙهي عورت اکين ۾ پاڻي آڻي چيو ته ابا مون کي افسوس آهي جو مان اوهان جي ٻي ته ڪا وڏي مدد ڪري ڪا نہ ٿي سگھان پر هي جيڪي سڀ ڪجھ موجود آهي، سو اوهان کڻي وڃو.

رات جو مان ۽ سيتل مرزا جي اوطاق تي رهياسين. بي بي سي ريڊيو ٻڌايو ته حيدرآباد ۾ مئلن مهاجرن جو تعداد 300 ٿي چڪو آهي ۽ ڪراچي ۾ سنڌين مٿان رات جو 4 بجي کان حملا ڪيا ويا. ڪيترائي سنڌي جيڪي پنهنجي مال جي واڙن تي ٻي اونا ٿيو ستا پيا هئا يا گھرن ۾ پنهنجن ٻارن ٻچن سان ٻي ڪٽڪا ٿيو ستا پيا هئا. انهن مٿان رات جي اونداهي ۾ حملو ڪيو ويو، جنهن ۾ 60 سنڌي شهيد ٿي چڪا آهن. حملا اڃا جاري آهن، ڪراچي جي وڏي آباديءَ ۾ ڪرفيو نافذ ڪيو ويو آهي. فوج، پوليس ۽ سنڌي ماڻهن سان ٽيل جهڙپن ۾ ڪيترائي مهاجر ٻڻ مارجي چڪا آهن. سنڌي ماڻهن جي مدد لاءِ جناح اسپتال، سول اسپتال، گلشن حديد، اسٽيل ٽائون ۾ ڪئمپون قائم ڪيون ويون آهن. زخمين لاءِ رت جي عطئي جون ڪئمپون قائم ڪيون ويون آهن. جن ۾ ڪيترائي نوجوان رت ڏئي رهيا آهن. سنڌ قومي اتحاد طرفان ڪراچيءَ ۾ ٽيل قتلام جي ڏک ۾ سڄي سنڌ ۾ احتجاج ڪرڻ ۽ ڪارو ڏينهن ملهائڻ جي اپيل ڪئي وئي آهي.

اسان رات جو هڪ بجي سمهي رهياسين. صبح جو اٺي اخبار خريد ڪئي. جنهن ۾ ڪراچي ۾ ٽيل سنڌي ماڻهن جي قتل عام جون لگ ڪانداريندڙ خبرون ڇپيل هيون. اخبار جي هر خبر وچ جيان مٿان ڪڙڪي رهي هئي.

چا ڪالھ ڪنا چا ڪالھ ڪنا<br>
چـــا ڪـــوس اجـــان بـــہ جـــاري آ،<br>
هـــت اڄ بـــہ چـــوٽـيـــن مـــارچ آ<br>
هـــت اڄ بـــہ تـــوبـهـــہ زاري آ.

✶✶✶

## موجوده فساد ۾ نيون حڪمت عمليون

دهشتگرد ٽولن هڪ دفعو وري سنڌ جي امن پسند سپاجهن ماڻهن ڪي رت ۾ وهنجاريو آهي. اسان وائڙا ٿي ويا آهيون. اسان جي ذهن ۾ خيال بہ سرچاءُ نہ ٿا ڪري سگهن. چو جو امن ڪي بچائيندڙ، محبت ۽ رواداريءَ جا پيغمبر هٿين خالي آهن. هو امن لاءِ جنگ وڙهندي بہ امن دشمن قوتن آڏو بي حس آهن. هنن جون خوهشون، هنن جا آدرش بارود جي ڌماڪن آڏو ڪر ڪٽي موت جي آغوش ۾ هليا وڃن ٿا. آرزوئون، تمنائون ۽ خواهشون تيستائين دنيا جي لاتعداد انسانن ڪي جيئندان ڏئي نہ سگهيون، جيستاسئين هنن خواهش جي تڪميل لاءِ تدبيرون اختيار نہ ڪيون. جيستائين هنن ظلم ۽ ناانصافيءَ جي خوني ديوءَ ڪي طاقت ۽ تدبير جي حڪمت عملي سان بي هٿيار نہ ڪيو. جيستائين هنن امن لاءِ جنگ نہ جوتي، تيستائين اهي مظلوم، خوني ديون طرفان مڙهيل جنگ مان ڇوٽڪارو حاصل نہ ڪري سگهيا.

7 فيبروري 1990ع تي جيڪا ڪراچي جي سرزمين تي خون جي هولي ڪيڏي وئي. جنهن نموني امن پسند عوام جو رت ڪراچي جي رستن تي وهايو ويو. بي روزگاري جي آڙاهہ ۾ عوام ڪي اڇليو ويو. اها سچي آپدا، قورو ٽولن جي همت افزائيءَ سان سندس مچائي مواڙ ڪيل مانگرمڇ پنهنجي ڪرنڊڙ ساک ٻيهر بحال ڪرائڻ، پنهنجي ننگي ٿيندڙ ڇهري ڪي عوام کان ڪجهہ وقت تائين ٻيهر لڪائڻ لاءِ ذلت ڀرئي ناٽڪ جو هڪ حصو هو. ايم ڪيو ايم جي ڏٽن، دلاسن ۽ فريبي نعرن سان اردو ڳالهائيندڙ عوام ڪي باقي هتان جي وارث ۽ درتي ڌٽين کان ڇني ڌار ڪري، وائڙو ۽ بتال بٽائي وچ ميدان ۾ بيهاري ڇڏيو. دهشتگرد ٽولو فريبي نعرن جو پورائو نہ ڪري سگهيو ۽ عوام آڏو ويو جيئن پوءِ تيئن اگهاڙو ٿيندو. سندس ساک ۽ پت اردو ڳالهائيندڙ ماڻهن آڏو ان ڏينهن ڪري پئي، جنهن ڏينهن هنن سمجهي ورتو تہ ايم ڪيو ايم جي زنده رهڻ جو سبب صرف دهشتگردي، خونريزي ۽ غندا گردي آهي. ايم ڪيو ايم وٽ ڪوبہ مثبت سياسي پروگرام ناهي. پ پ - ايم ڪيو ايم ٺاهہ شهرن ۾ امن قائم نہ ڪري سگهيو. چو جو ايم ڪيو ايم لاءِ امن موت جي مثال آهي. عوام امن جي حالت ۾ مڙني پاسن ڪي آڏو رکي سوچيندو آهي. بهتر کان بهتر جي تلاش ڪندو آهي. ايم ڪيو ايم ان ڪراچي ٺاهہ جي اوٽ ۾ بہ اردو ڳالهائيندڙن ڪي امن مهيا نہ ڪيو. حق پرستي جي دعوائن، ڏٽن، دلاسن تي ووٽ وٺي ڪامياب ٿيڻ ڪانپوءِ مثبت پاليسي اختيار

ڪري، عوام جي دک درد دور ڪرڻ بدران کين موت ۾ ڪرفيو، گولين ۽ باهه جا پنيٺ ڏيندا رهيا.

ايم ڪيو ايم اردو ڳالهائيندڙ عوام کي ايترو ته اڳتي ڪيو آئي آهي، ايترو ته کين هتان جي اصل رهواسين کان ڇني ڌار ڪري ويئي آهي، جو عوام ايم ڪيو ايم کان جند ڇڏائي، ڪيڏانهن واجهائڻ جي به قابل نه رهيو آهي. اردو ڳالهائيندڙ هر فرد کي ايم ڪيو ايم ايڏو ته تنها ڪري وڌو آهي، جو هو هر ڌرتي ڌڻيءَ جي آڏو شڪي حالت ۾ مجرمن وانگر بيٺل آهي. هن لاءِ ڪابه واهه نه ڇڏي وئي، هو سڀ ڪجهه سمجهندي به بيهر ايڏانهن تڪڻ لڳو، جتان نفرت وچان جند ڇڏائڻ پيو چاهي. هيڏانهن ڌرتي جي ڌڻين، جن جو فرض هو ته هو اردو ڳالهائيندڙ عوام کي ان دهشتگرديءَ جي راڄ مان نڪرڻ لاءِ مدد مهيا ڪري ها، کين پنهنجي ويجهو اچڻ لاءِ صورتحال ميسر ڪري ها، پر انهن دهشتگردن ۽ بليڪ ميلنگ جي شڪار عوام ۾ ڪابه تميز ڪانه ڪئي. اسان جي مڙني سياسي تنظيمن آڏو هر اردو ڳالهائيندڙ واجب القتل رهيو. اسان سندن پاڻ ڏانهن اچڻ جو ڪوبه رستو باقي نه بچايو. جنهن ڪري اردو ڳالهائيندڙن جي اڪثريت ايم ڪيو ايم جي دهشتگردن کان جان آجي ڪرائڻ جي تمنا رکندي به جان آجي ڪرائي نه سگهي. اسان جون سياسي ڌريون پنهنجو مؤقف، پنهنجو سوچون اردو ڳالهائيندڙ عوام تائين پهچائڻ ۾ ناڪام ويون. اسان وٽ پنهنجو مؤقف اردو ڳالهيندڙ عوام تائين پهچائڻ لاءِ نه ڪو اردو رسالو هو، نه اردو اخبار هئي، نه ڪتابن ۽ پمفليٽن رستي اهڙو ڪو ڪم ڪري سگهياسين. جنهن ڪري اردو ڳالهائيندڙ حلقو انتهائي سنڌ دشمن اردو ۽ انگريزي اخبارن، رسالن جي مڪروهه پرچار جو شڪار بڻجي، اسان لاءِ عجيب ۽ خوفناڪ تصور جوڙي ويٺو. جنهن صورتحال دهشتگردن کي عوام مٿان پنهنجي حاڪميت وڌيڪ عرصي تائين برقرار رکڻ لاءِ ميدان مهيا ڪري ڏنو. پر پوءِ به دهشتگردن خلاف اردو ڳالهائيندڙ عوام جي وڏي حلقي ۾ دٻيل نفرت موجود رهي.

ايم ڪيو ايم جي دهشتگردن هتان جي عوام جي خون ۾ هٿ رنڱڻ سان گڏوگڏ اردو ڳالهائيندڙ وچولي طبقي جي 4 هزار نوجوانن کي گولين جي منهن ۾ ڏئي ڇڏيو. دڪاندارن، ريڙهي وارن، روزانو مزدوري ڪرڻ وارن ماڻهن جي گهرن ۾ فاقه ڪشي ڪاهي پئي. واپاري مرڪز تباهه ٿي ويا. عدم تحفظ جو احساس ڏينهون ڏينهن وڌندو رهيو. پر دٻيل نفرت کي ڪنهن پاسي موڙ ڏيڻ، ڪا متبادل راهه اختيار ڪرڻ اردو آبادي لاءِ في الحال ناممڪن هو ۽ هيڏانهن اسان به اها راهه ڪيڊي، ان آباديءَ کي پنهنجو ڪرڻ لاءِ هٿ پير هڻڻ جي ڪوشش ڪانه ڪئي.

7 فيبروري واري هڙتال جي سڏ جي اردو ڳالهائيندڙن ائين آئو ڀڳت ڪانه ڪئي، جيئن اڳ آمنا صدقنا ٿيندي هئي. اردو ڳالهائيندڙ عوام 7 فيبروري تي دٻيل نفرت جو اظهار ڪيو. دڪان کليا، سواريون رستن تي آيون، مزدورن ڪاخانن جو رخ ڪيو. پر پوءِ به عوام جو وڏو تعداد فقط خوف ۽ دهشتگردن جي گولين کان ڊڄي، نه چاهيندي به هڙتال ۾ شامل ٿيو. معصوم ٻارن کان جلائو گهيرائو جو ناٽڪ رچائڻ جو عمل شروع ڪرايو ويو. جڏهن ٻار به اهو ڪتو ڪم ڪرڻ کان نابري واري ويٺا ته ڪلاشنڪوفن جا منهن کليا، خنجر هوا ۾ اُڀا ٿيا. اردو ڳالهائيندڙ 26 ماڻهو جن ۾ وڏو تعداد ٻارن ۽ عورتن جو هو، اجل جو

شڪار بڻجي ويا. سندن ڏوهہ اهو هو جو هنن دهشتگردن جو ساٿ ڏيڻ نہ ٿي چاهيو، هنن دڪان کولڻ ٿي چاهيا. هو بازارن ۽ رستن تي زندگي روان دوان ڏسڻ جا قائل هئا. 7 فيبروري تي ٿيل قتل عام، اسان کي پيهر سوچڻ ۽ نيون حڪمت عمليون جوڙڻ جو نياپو ڏئي.

اڄ جي سنڌ، ان جو عوام، ان جا وارث بہ واٽ تي پهچي چڪا آهن: هڪ واٽ جنگ کي ختم ڪرڻ لاءِ جنگ جوٽڻ جي نويد ڏئي رهي آهي، ٻي واٽ خاموشيءَ سان پنهنجون جانيون جنگ جي کوري ۾ اڇلي ڇڏڻ يعني آپگهات طرف وٺي وڃي ٿي. چو جو ظلم خلاف جدوجهد نہ ڪرڻ، ان تي خاموشي اختيار ڪرڻ آپگهات ناهي تہ ٻيو ڇاهي؟ اڄ جي سنڌ اسان کان ڇا جي تقاضا ڪري رهي آهي؟ اسان جي سياسي اڳواڻن، سياسي تنظيمن ۽ سنڌي ماڻهن جي ووٽن سان چونڊجي آيل حڪومت جي بہ اها ذميواري آهي تہ يا جنگ خلاف جنگ جوٽي، دهشتگردي، بليڪ ميلنگ، ڌاڙ ۽ ڌهڪاءُ جو انت آڻي ڇڏي يا خودڪشيءَ لاءِ تيار ٿي وڃي. هن وقت سنڌ ۾ امن ڏسندڙ، سنڌ جي خوشحالي چاهيندڙ، سنڌ جي وحدت جي تمنا رکندڙ سياسي تنظيمن، گروهن ۽ ٽولن کي بہ گهرجي تہ هڪ راءِ ٿي نہ صرف دهشتگرديءَ جو خاتمو ڪرڻ لاءِ چونڊيل حڪومت (پيپلز پارٽي حڪومت) تي سياسي ۽ اخلاقي دٻاءُ استعمال ڪن. پر ان سان گڏ چونڊيل حڪومت طرفان کڄندڙ چڱن قدمن جي ڀرپور حمايت ڪن. نہ صرف حمايت ڪن پر عملي طور مدد لاءِ هٿ وڌائين. اهڙيءَ طرح حڪومت کي بہ سنڌ جي ڀلي لاءِ پاڻ پتوڙيندڙ ذرين ڏانهن سرچاءَ ۽ پنهنجائپ جو هٿ وڌائڻ گهرجي. جيئن گڏجي، متحد ٿي پڙڪندڙ باهہ کي وسائي سگهجي، سنڌ جي آبياريءَ لاءِ پيهر رٿابندي ڪري سگهجي. ڇو جو اها ذميواري ٻئي ڪنهن جي نہ آهي، صرف اسان جي چونڊيل حڪومت، اسان جي سياسي تنظيمن ۽ انهن جي اڳواڻن جي آهي، ڇو جو سنڌ بہ تہ اسان جي آهي. ان لاءِ سنجيدگيءَ سان اسان ئي سوچي سگهون ٿا. ان کي بچائڻ لاءِ ڪس ڪسر بہ اسان ڪائي سگهون ٿا. دهشتگرد، قاتل ۽ جلاد جيڪي عوام آڏو وائڪا ٿيندا پيا وڃن، جن جا حق پرستيءَ ۽ عوام دوستيءَ جا نقاب وڌيڪ سرڪندا پيا وڃن، اسان کي اڃا بہ انهن کي سندن منهن تان ڇڪي لاهي ڦٽو ڪرڻ گهرجي. جيئن وحشتناڪ، بي رحم ۽ سفاڪ چهرا وڌيڪ عوام جي آڏو ننگا ٿي پون. اسان کي سنڌ دشمن ٽولن کي ڪراچي ۽ حيدرآباد جي اردو ڳالهائيندڙ آباديءَ کان وڌيڪ ڪٽي، ڇني ڌار ڪرڻ لاءِ حڪمت عمليون ۽ پاليسيون جوڙڻ گهرجن. اها ڳالهہ سمجهي ڇڏڻ گهرجي تہ جيستائين اسان اردو عوام کي ڪراچي ۽ حيدرآباد ۾ ايم ڪيو ايم جي دهشتگرد غندن کان تحفظ نہ ڏئي سگهنداسين، تيستائين اردو آبادي کي صرف سڪڻ نعرن سان نہ دهشتگردن کان ڌار ڪري سگهجي ٿو ۽ نہ وري کين سنڌي قوم ۾ ملي هڪ ٿي وڃڻ يا ان جي وڌيڪ ويجهو آڻي سگهجي ٿو. اردو ڳالهائيندڙ آبادي، ڪڇين، گجراتين، بوهرين ۽ ميمڻن کي تحفظ ڏيڻ ۽ کين پاڻ سان گڏ ڪٽي هلڻ جي طاقت في الحال سنڌ جي ڪنهن بہ سياسي پارٽي يا اتحاد ۾ نہ آهي. اهو ڪم صرف پيپلز پارٽي ۽ ان جي حڪومت ڪري سگهي ٿي. جيڪڏهن پ پ حڪومت اهڙو مثبت قدم کڻي ٿي، همت ڪري ٿي، سنڌرو ساهي ٿي تہ پوءِ دهشتگردن ۽ قاتلن کي گوڏا کوڙائڻ ڪا مشڪل ڳالهہ نہ آهي. پر ان سلسلي ۾ پ پ حڪومت کي سنڌ جي

مڙني سياسي ڌرين کان مدد حاصل ڪرڻي پوندي ۽ سنڌ جي خاطر، امن جي خاطر، خوشحاليءَ جي خاطر سنڌ جي مڙني سياسي ڌرين کي ٻہ اڳتي وڌي، چونڊيل حڪومت جي سگهڻ بيانن رستي نہ پر عملي طور تي مدد ڪرڻي پوندي. باقي جيڪڏهن قوم جا خيرخواهہ سڏائيندڙ، نيرا ۽ ڪارا ڏينهن ملهائيندڙ، صرف زباني نڪتائن ۽ چاڙي بازيءَ جي جادوگري کي قائم رکندا آيا. صرف تنقيد، پنهنجو قد وڌائڻ يا پاڻ کي عوام جو همدردي ثابت ڪرڻ لاءِ اختيار ڪندا رهيا تہ پوءِ هو دهشتگردن جو سياسي حڪمت عملين سان مقابلو ڪري نہ سگهندا ۽ نہ وري سنڌي ماڻهن کي هن رجهندڙ ڪڙهائي مان ٻاهر ڪڍي سگهندا. ان لاءِ مٿيون حڪمت عمليون اختيار ڪرڻيون پونديون. اهوئي حل عمل لائق ٿي سگهي ٿو. ڇا سنڌ جو عوام چونڊيل حڪومت ۽ سنڌ جي سياسي ڌرين مان اهڙي تمنا رکي؟ جواب جو انتظار رهندو.

(چپيل، روزاني عوامي آواز ڪراچي، 11 فيبروري 1990ع)

★★★

## سياڻي ڪنهن جو وارو آهي؟

اڄا ڪالهوڪي ڳالهه آهي، جو ٽئگور ۽ نذرالاسلام جهڙن باغي شاعرن ۽ سندربن جي گهاٽن ٻيلن ۾ گجگوڙ ڪندڙ شيرن جي ديس بنگال ۾ اقتدار جي انڌي گهوڙي تي سوار حڪمرانن پاڪستان جي بچاءَ جي جنگ لڙندي، جتي اتان جي سندر نارين کي سنگينن سان چيري پرزا ڪيو هو، اتي جاگرافيائي نقشي کي پڙ ٻن اڌن ۾ ڦاڙي، ملڪ ۽ ان جو نظريو بچائي ورتو هو.

اڄا ڪالهوڪو ئي ڏينهن آهي، جو بلوچستان جي ڏنگن ڦڏن جبلن ۽ ٽراڪٽرن ماٿرين ۾ رڳو جيئڻ جو حق گهرندڙن ۽ عزت واري ماني ڀُڳي جي طلب ڪندڙن کي ڪاٽڻ لاءِ شيهي جو گوليون ۽ پيٽ لاءِ پنهنجو ئي رت ڏنو ويو هو. سدا سهاڳڻين کي رت سان ريٽا ٿيل شهزادا ۽ ڀينرن کي پاٿرن جا لاش موڪلي ملڪي استحڪام کي مضبوط ڪيو ويو هو.

اڄان ڪالهوڪو ئي ڏينهن آهي، جو اسان کان ڪي سو ميل پري، دنيا جي وڏي ۾ وڏي طاقتور رياست، موتمار هٿيارن جا انبار، جديد علم ۽ فن، سائنس ۽ ٽيڪنالاجي سانديندي به ڏڙام سان ڪري چيهون چيهون ٿي وئي. زور جي ميندي لڳائيندڙ، عوام جي رت ۽ ست تي پلجندڙ، هٽلر ۽ يورپ جي شهزورن کي ٽوٽا چٻائيندڙ، ٽئنڪن جي ولر هوندي به ماسڪو جي هٿين خالي عوام کي پنهنجي عزم تان هٽائي نه سگهيا ۽ ڏسندي ڏسندي عوامي ٻوڏ ٽئنڪن ۽ بڪتر بند گاڏين کي لوڙهي، تاريخ جي ڪباڙ خاني ۾ اڇلي ڇڏيو.

اڄا ڪالهه ئي ته جرمني جي قومي وحدت تي ڪارنهن جي داغ کي اتان جي بهادر عوام پنهنجي رت سان ڌوئي ڏيکاريو. برلن جي اوچي ديوار، عوامي آهن جي ست نه سهي پٽ پئجي وئي. قومن جي غيرفطري ورهاڱي واري مڪروهه سوچ مضبوط نظرين جي پاڪ پوتر غلافن ۾ به پاڻ کي بچائي نه سگهي ۽ جرمني جي انضمام، دنيا جي گولي تي موجود مڙني نظرياتي بنيادن تي غيرفطري ورهاستن وارين لڪيرن کي ڏنڌلو ڪري ڇڏيو. ڪوريا کان وٺي ڪشمير تائين، اسرائيل کان وٺي پنجاب تائين مذهبي ۽ نظرياتي بنيادن تي بيٺل سرحدي برلن ديوارون ڏڪڻ لڳيون آهن.

اڄا ڪالهه ئي ته ڪراچي جي سرزمين تي بيهي منهنجي ديس جي ورهاڱي جي ڳالهه ڪندڙ کي هتان

جي سرزمين اتي اڇلي ڦٽو ڪري ڇڏيو. جتي آهستي آهستي سڄي دنيا جو گند ڪچرو گڏ ٿيڻ لڳو آهي. ڪراچي جي وارثيءَ جي دعويٰ ڪندڙ، منهنجي ماتر ڀومي تي حقداري جي هامر هڻندڙ دهشتگردن جو لٽ سردار، مڪي ۽ مديني مان چرڪ ڀري، جڏهن پڇي ٿو ته لنڊن جون گهٽيون ۽ رستا، بلڊنگون ۽ چوسول نانگ ٻڄي ڪيس ڏنگڻ اچن ٿا.

۽ اڄ جڏهن دنيا ۾ تبديلين جا گهنڊ وڄي رهيا آهن، نئين سر سياسي صف بنديون ٿي رهيون آهن. سرحدي ديوارون تيزي سان ڀڄي ڀري پنهنجو غيرفطري وجود وڃائي رهيون آهن. دنيا جون مڃيل فوجي طاقتون پنهنجي ٺهيل خوفناڪ هٿيارن جي بار هيٺيان دٻجي ڪنجهي رهيون آهن. سندن ڏاڍ، ڌهڪاءَ، مڪاري ۽ فريب تي بيٺل وجود ٿڙڪاٽ ڪري رهيا آهن. تڏهن ڪي مٺي ڦريل ماڻهو ۽ تاريخ جي تسلسل جون انڪاري قوتون پنهنجا اهي ئي پراڻا حربا استعمال ڪرڻ ۽ انهن رستي تنزليءَ ۽ تباهيءَ ڏانهن وڌندڙ وجود ڪي بچائڻ لاءِ جتن ڪري رهيون آهن.

۽ اڄ جڏهن ملڪن ۽ قومن جي قسمت جا فيصلا هٿيار ۽ بارود بدران عام راءِ جي اصولن هيٺ نبيرجي رهيا آهن، تنهن وقت سنڌ ۾ بندوق جي نوڪ تي عام راءِ ڪي چيپاٽيو پيو وڃي. مٿن پنهنجا فيصلا زوريءَ مڙهيا پيا وڃن. اڄ بنگال وانگر بيهر پاڪستان ڪي بچائڻ جي جنگ سنڌ ۾ وڙهي پئي وڃي. بلوچستان وانگر هتي به ملڪي وحدت جي مضبوطيءَ خاطر سنڌوءَ ڪي رت سان ريٽو ڪيو پيو وڃي.

پر دنيا ۾ تبديلين جي وڄندڙ گهنڊن ڪي ٻڌڻ کان انڪاري ماڻهو ۽ ٽولا تاريخي تسلسل ڪي ڀڃي ڏيندي اهو سوچي چو نه ٿا سگهن؟ اهو محسوس ڇو نه ٿا ڪري سگهن ته سياڻي سنڌن وارو آهي.

(ڇپيل، روزاني سنڌ سجاڳ ڪراچي، 21 جون 1992ع)

✶✶✶

## اڪيلا نہ آهيون!

پنجاب جي هڪ سو کان وڌيڪ اديبن، دانشورن ۽ صحافين سنڌ ۾ هلندڙ آپريشن ڪلين اپ ۾ بي گناهہ ماڻهن جي مارجي وڃڻ تي پنهنجي غم ۽ غصي جو اظهار ڪيو آهي. هنن پنهنجي جاري ڪيل هڪ بيان ۾ حڪومت کان گهر ڪئي آهي تہ سنڌ ۾ بي گناهہ ۽ معصوم حياتين جو زيان روڪڻ لاءِ آپريشن وارو فيصلو هڪدم واپس ورتو وڃي ۽ معاملي جو سياسي نبيرو ڳولهيو وڃي.

هي ڪو پهريون دفعو ناهي، جو پنجاب جي انصاف پسند ۽ حقيقت پسند عوام ۽ ساڃهہ وند حلقن طرفان پاڪستان جي اندر مظلوم قومن ۽ خاص ڪري سنڌ ۾ ٿيندڙ انساني حقن جي ڀڃڪڙين خلاف آواز بلند ڪيو ويو آهي. پر هن کان اڳ بہ جنرل ضياءَ جي دور ۽ ان کان پوءِ هيل تائين سنڌي قوم سان ٿيندڙ ناحقن خلاف ٿورو ڪي گهڻو آواز اٿندو پئي رهيو آهي. نہ صرف اهو پر هفتو کن اڳ پنجاب جي گاديءَ واري شهر لاهور ۾ انساني حقن جي ڀڃڪڙين خلاف جاکوڙيندڙ عورتن ۽ مردن جي تنظيمن سنڌ ۾ قانون لاڳو ڪندڙ ادارن طرفان بي گناهہ عوام سان ٿيندڙ زيادتين خلاف احتجاجي مظاهرا ڪيا آهن. اهو سڀ پنجاب جي عوام سنڌ ۽ هتان جي عوام مٿان ڪو ٿورو نہ ڪيو آهي، پر پنهنجي انسان دوستيءَ جون ثبوت ڏنو آهي. پنهنجن حڪمرانن خلاف حق ۽ سچ جو آواز بلند ڪري خود پنهنجي نجات لاءِ هڪ قدم اڳتي وڌايو آهي. جاڪاڻ تہ جيڪي قومون ۽ انهن جا پيڙيل ۽ مظلوم طبقا، ٻين قومن ۽ انهن جي عوام مٿان پنهنجي ظالم حڪمرانن جي ڏاڍ ۽ ڌڪاءَ خلاف آواز بلند نہ ڪندا آهن، سي پاڻ بہ ڇوٽڪارو حاصل ڪري نہ سگهندا آهن.

پنجاب کان سواءِ بلوچستان، جتي جي ڌرتي ۽ عوام سان سنڌي عوام جا تاريخي ۽ ثقافتي رشتا موجود آهن. اتان پڻ سنڌ جي حمايت ۾ سگهارو آواز بلند ٿي رهيو آهي. تازو جلاوطني ختم ڪري آيل ٻن بلوچ اڳواڻن نواب خير بخش مري ۽ شير محمد مري عرف جنرل شيروف سنڌ جي موجوده صورتحال تي ڳڻتيءَ جو اظهار ڪندي، سنڌ ۾ عوام ڪي اهنجائيندڙ ظالم ٽولن خلاف پنهنجو احتجاج نوٽ ڪرايو آهي. نواب خير بخش ڪي سنڌ ۾ هلندڙ فوجي آپريشن تي ايتري تہ ڳڻتي آهي، جو ڪوئيٽا ۾ جيڪي بہ سياسي اڳواڻ ۽ صحافي ساڻس ملڻ اچن ٿا تہ هو انهن کان خاص ڪري سنڌ جي تازي صورتحال تي گهرائيءَ سان معلومات حاصل ڪري ٿو. هن هڪ وفد سان ڳالهائيندي چيو آهي تہ: ”فوجي آپريشن مسئلي جو حل ناهي.

حڪمرانن بلوچ عوام خلاف بہ فوجي چڙهايون ڪيون پر ان مان ڪين ڇا حاصل ٿيو، جو هاڻ سنڌ ۾ ساڳيو ناٽڪ ورجائي رهيا آهن.“ هن اهو بہ چتاءُ ڏنو آهي تہ: ”سنڌ ۾ ٿيندڙ ڪارروايون دوران بلوچستان جي عوام جي ردعمل کي نظر انداز ڪرڻ نہ گهرجي.“ ان سان گڏ شير محمد مري تازو ڪراچي ۾ سنڌي اخبارن وارن سان ڳالهائيندي چيو آهي تہ: ”سنڌين ۽ بلوچن کي پنهنجن حقن لاءِ گڏ ٿيڻ گهرجي.“ هن اهو بہ چتاءُ ڏنو آهي تہ جيڪڏهن پنهي قومن اها ضرورت محسوس نہ ڪئي تہ تاريخ جي ٿڦڙ کين گڏ ڪندي. جنرل شيروف وڌيڪ چيو آهي تہ اسان بلوچ، سنڌين جي هر ڏک ۾ گڏ آهيون. پر سنڌي نوجوان نئين فڪري عمل سان اڳتي وڌن. هن چيو تہ کيس خبر آهي تہ سنڌي وڻ جي ڇانو ۾ سمهيل ڪونهن پر هو ارتقا ڪري رهيا آهن ۽ وقت سنڌين کي گهڻو ڪجھ سيکاريو آهي.

هي تہ هئا جلاوطني تان واپس آيل ہن بزرگ بلوچ اڳواڻن جا سنڌ ۽ سنڌي عوام سان وچن ۽ واعدا، پر بلوچستان جيڪو پنهنجي سيني ۾ سوين طوفان سانديو، خاموشيءَ سان تبديلين جي تاريخي گهڙين جي آمد لاءِ واجهائي رهيو آهي. جيڪڏهن ان جي سيني ۾ سنڌ لاءِ دڪندڙ درد کو پروڙي وٺي تہ پوءِ ڪيئي ڳجهارتون سلجي پون ۽ سنڌ کي هيڪلو سمجهي ايذائيندڙ حڪمرانن جا منهن وجي پٽين سان لڳن.

سنڌي ماڻهو، جيڪي موجوده ملڪي جوڙجڪ ۾ پهرين ڏينهن کان ئي پنجوڙجي، هر گهڙي نوان ڏک ۽ سور پرائي رهيا آهن، سي پنهنجي لڳاتار جدوجهد، جمهوريت دوستي، انسان دوستي، ڀائپي ۽ رواداري وارن روين سبب ڪوڙ ساريون محبتون ۽ حمايتون حاصل ڪري رهيا آهن. ملڪ اندر توڙي ٻاهر ڪيئي ماڻهو، ڌريون ۽ ادارا سنڌين جي ڏک کي پنهنجو ڏک سمجهي، انهن سان ڏک ۾ برابر جو شريڪ ٿي رهيا آهن. هو سنڌ کي اڪيلو ڪري ويرين جي سازشن ۽ مڪارين آڏو بي يارو مددگار ڏسڻ نہ ٿا گهرن. ايمنسٽي انٽرنيشنل، سنڌ ۾ انساني حقن جي ڀڃڪڙين خلاف سڄي دنيا ۾ آواز بلند ڪري، هتان جي حڪمرانن کي عالمي حمايت کان محروم ڪرڻ، کين دنيا اندر خوار خراب ڪرڻ ۽ عالمي سطح تي سنڌن گهيراءُ ڪرڻ جهڙو انسان دوست ڪم سر انجام ڏئي رهي آهي. ٻيو تہ ڇڏيو پر آمريڪا جو پرڏيهي ڪاتو بہ سنڌ جي صورتحال تي خاصو فڪرمند آهي. ملڪي اخبارون خاص ڪري پنجاب ۽ سرحد مان نڪرندڙ انگريزي ۽ اردو اخبارون ۽ رسالا سنڌين سان ٿيندڙ نا انصافين خلاف جهاد ۾ مصروف آهن. عالمي ميڊيا خاص ڪري بي بي سي لنڊن، وائيس آف جرمني ۽ وائيس آف آمريڪا سنڌ ڪيس کي جنهن نموني کڻي رهيون آهن، اهو حڪمرانن لاءِ گهٽ فڪرمند ناهي.

ان سڄي صورتحال ۾ سنڌين لاءِ بغض ۽ ڪينو رکندڙ حڪمرانن ۽ سنڌن پاڙيتو ماڻهن کي اهو سمجهي ڇڏڻ گهرجي تہ سنڌ اهڙو ڪو سٽيو گرھ ناهي، جنهن کي آسانيءَ سان ڳيت ڏئي ڳهي ۽ هضم بہ ڪري سگهجي. سنڌين جا ملڪ اندر توڙي ٻاهر دوست ۽ خيرخواھ موجود آهن. جيڪي ڪنهن بہ ويلي، ڪنهن گدو بندر مان پڇي آيل مٽي ڦريل کي اهڙي اجازت نہ ڏيندا تہ هو 1971ع جيان بنگلاديش وانگر هتي بہ اهڙا اعلان ڪري تہ، ”اسان کي سنڌ جا ماڻهو نہ پر ڌرتي گهرجي.“

اسلام آباد جي ايوانن ۾ توڙي سنڌ جي دل ڪراچيءَ ۾ ويهي، سنڌ خلاف سازشن جو جار وڇائيندڙ

۽ هتان جي عوام کي اڪيلو سمجهي، ان کي زير ڪرڻ جا خواب ڏسندڙ ٽولا پنهنجن ذهنن ۾ اها ڳالهه ويهاري ڇڏين ته اچ 1971ع نه آهي، اچ 1976ع ناهي، اچ 1983ع ۽ 1986ع به نه آهي. پر اچ 1992ع آهي، جتي سندن هر چرپر تي سڄي دنيا جي نگاهه آهي. اچ پنهنجي ملڪ جي وڏي آباديءَ سميت سڄي دنيا کي اونداهيءَ ۾ رکي نه ٿو سگهجي. هن ملڪي جوڙجڪ جي اندر رهندڙ ڪنهن قوم يا جاتيءَ سان اهڙو سلوڪ ڪري نه ٿو سگهجي، جيڪو هن کان اڳ بنگالين ۽ بلوچن سان ڪيو ويو آهي. ان ڪري ڪين سمجهي ڇڏڻ گهرجي ته اچ سنڌ ۽ سنڌي اڪيلا نه پر انهن سان مدايون ڪندڙ هيڪلا ۽ بي يارو مددگار آهن.

(ڇپيل، روزاني سنڌ سجاڳ ڪراچي، 28 جون 1992ع)

***

# آپريشن اڻ پورو آهي

ڪراچيءَ ۾ فوجي آپريشن هلندي، سنڌ دشمن، نسل پرست تنظيم ايم ڪيو ايم جو جيڪو غليظ ۽ مڪروهه چهرو ملڪ جي باقي عوام آڏو آيو آهي، ان گهٽ ۾ گهٽ ٻين صوبن جي عوام وانگر سنڌ جي رهواسين کي اچرج ۾ نه وڌو آهي. ڇاڪاڻ ته سنڌي عوام ان ڪان گذريل 5 سالن ڪان پلي پت واقف آهي ۽ انهن ٽارچر سيلن ۽ ڇيهي جي گولين جو ڪاچ ٻڌجي چڪو آهي.

سنڌي عوام سان گڏ ملڪ جا حڪمران طبقا ۽ خاص ڪري ملڪ جي سرحدن جي تحفظ جي دعويٰ ڪندڙ سگهارا ادارا به ان ڪان واقف رهيا آهن. ڇاڪاڻ ته ايم ڪيو ايم کي جنم ڏيندڙ ۽ ان کي هٿيارن پنهوارن سان مضبوط ڪندڙ اهي ئي ادارا هيا. ايم ڪيو ايم کي جتي جنرل ضياءَ سنڌ جي قومي جمهوري جدوجهد کي ڪچلڻ لاءِ ميدان ۾ لاٿو هو، اتي پ پ جي حڪمراني واري دؤر ۾ ان کي مالي طور مستحڪم پنجاب جي ٺڏهوڪي وڏي وزير ۽ هن وقت وزيراعظم جي ڪرسيءَ تي براجمان نواز شريف ڪيو. رهيل ڪم سگهارن ادارن ۽ سنڌن ايجنسين ڪين موتمار هٿيار ڏئي پورو ڪيو. سنڌن ڇهه تي ايم ڪيو ايم، سنڌين کي پنهنجن شهرن مان تڙڻ لاءِ ڪين رت ۾ وهنجاريو، عورتن جون عزتون لٽيون، ٻارن کي خنجرن جي نوڪ تي موت جي لولي ڏئي سمهاريو، نوجوانن کي ٽارچر سيلن ۾ وحشيانه طريقي سان ڏاڍ جو نشانو بڻايو.

ملڪ جي بدنام دهشتگرد تنظيم، خاص ڪري پ پ جي حڪمراني واري دؤر ۾ جيڪي ڪارستانيون ڪيون، انهن ڪان موجوده آءِ جي آءِ سرڪار ۽ ايجنسين کي ڪنهن به طرح ذميواري ڪان آجو قرار ڏئي نه ٿو سگهجي. پهرين آڪٽوبر تي ڪراچي ۾ سنڌين جو جنهن نموني سان منظم قتل عام ڪيو ويو ۽ ان ڪانپوءِ حيدرآباد، سکر، ميرپورخاص ۽ نواب شاهه ۾ ذرتي ڏٽين مثان مسلسل جيڪي قيامتون برپا ڪيون ويون، اهي سڀ ڪارروايون انهن ئي ماڻهن ۽ ادارن جي آشيرواد تي ٿيون، جيڪي اڄ ايم ڪيو ايم جي مست هاٿيءَ کي ٿانيڪو ڪرڻ ۾ رڌل آهن. ايم ڪيو ايم کي ڳجهين ايجنسين جي آشيرواد وارو قصو

ملڪي سرحدون ٽپي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ پکڙجي ويو. جڏهن پ پ حڪومت حيدرآباد ۾ قلعي آپريشن ڪيو. جتان پوليس کي جيڪي موتمار هٿيار مليا، سي نہ تہ باڙا مارڪيٽ جا هئا ۽ نہ وري هندستان يا افغانستان کان آيل هئا. پر قلعي مان ملندڙ بارود انهن ئي فيڪٽرين ۾ ٺهيو هو، جيڪي ملڪي سرحدن جي تحفظ لاءِ هٿيار ۽ گولا بارود جوڙيندڙيون آهن. ان ڪري ئي تہ ايم ڪيو ايم کي اهڙا هٿيار پهچائيندڙ سگهاري اداري قلعي آپريشن کي زبردستي روڪرائي، اتان مليل هٿيار پنهنجي قبضي ۾ ڪري ورتا هئا.

اڄ جڏهن ايم ڪيو ايم، خود پنهنجن مالڪن کي ڏند ڏيکارڻ شروع ڪيا آهن ۽ هوءَ ملڪي تحفظ ۽ سالميت لاءِ خطرو بڻيل آهي تہ ان خلاف ننڍي پئماني تي آپريشن شروع ڪيو ويو آهي. ننڍي پئماني تي ان ڪري جو سنڌن آقا ان کي مڪمل طور صفحہ هستيءَ تان نابود ڪرڻ نہ ٿا گهرن. ڇاڪاڻ تہ کين سنڌ جي قومي ۽ جمهوري جدوجهد کي منهن ڏيڻ لاءِ وري بہ ان جي ضرورت پئجي سگهي ٿي.

اهو ئي سبب آهي تہ سنڌ جا رهواسي ايم ڪيو ايم خلاف هلندڙ آپريشن کي ڪنهن بہ طرح مڪمل ۽ نتيجا ڏيندڙ نہ ٿا سمجهن. سگهارن ادارن (فوج) ايم ڪيو ايم خلاف سنڌس ئي بدن مان جنم ورتل جنهن ٽولي کي ميدان تي لاٿو آهي، سو ڪو اشراف ۽ پاڪ پوتي ناهي، ان جا هٿ بہ معصوم عوام جي رت سان رنڱيل آهن ۽ اڄ بہ اهو ٽولو سنڌي عوام خلاف نفرت، بغض ۽ ڪيني سان پريل مقصد آڏو رکي ٿو. ٻيو تہ ڇڏيو پر ايم ڪيو ايم جي نامي گرامي دهشتگردن، قاتلن ۽ لچن جي لٺيرن کي ان ٽولي ۾ شامل ٿي وڃڻ تي اڳيان پويان گناهہ معاف ڪيا پيا وڃن. جنهن ڪري اسان سمجهون ٿا تہ حڪمران ايم ڪيو ايم جي صرف ان ٽولي کي ختم ڪرڻ گهرن ٿا، جيڪو سنڌن مفادن سان ٽڪرائجي رهيو آهي. پر ان ٽولي کي وري بہ زندهہ ۽ سگهارو رکڻ گهرن ٿا، جيڪو ڌرتي ڌڻين خلاف سنڌن ئي مرضيءَ ۽ منشا موجب فرض سر انجام ڏيندو رهي.

ان ڪري ايم ڪيو ايم خلاف هلندڙ هي آپريشن ڪنهن بہ ريت انصاف پريو چئي نہ ٿو سگهجي. ڇاڪاڻ تہ اهو ساڳيو دهشتگرد ٽولو ڪنهن نہ ڪنهن شڪل ۾ هتان جي عوام لاءِ مٿي جو سور بڻيل رهندو. ان ڪري انصاف جي تقاضا اها آهي تہ الطاف ٽولي سميت ايم ڪيو ايم حقيقي ۾ شامل مڙني دهشتگردن ۽ سنڌي عوام جي قاتلن خلاف اثرائتو قدم کنيو وڃي.

اسان سمجهون ٿا تہ ايم ڪيو ايم خلاف آپريشن تيستائين اڻپورو رهندو، جيستائين ان جي انهن مڙني دهشتگردن کي سوگهو نہ ٿو ڪيو وڃي، جن گذريل 5 سالن ۾ سنڌين، بلوچن، پنجابين ۽ پختونن جي رت ۾ هٿ رنڱيا آهن، کين بي گهر ڪيو آهي، سنڌن ملڪيتون ڦرايون آهن ۽ عزتن تي حملا ڪيا آهن. خاص ڪري سنڌ جي اصل وارثن سان جيڪي ويل وهايا آهن، انهن جو حساب ڪتاب ٿيڻ گهرجي. ٻيو تہ ڇڏيو پر ويجهي ماضيءَ تي نظر وجهجي ٿي تہ صرف مئي 1990ع دوران ايم ڪيو ايم جي دهشتگردن حيدرآباد ۽ ڪراچي ۾ 221 سنڌي قتل ڪيا. حيدرآباد ۾ 64 سنڌي پاڙا خالي ڪرايا، 10 ڪروڙ رپين جون ملڪيتون لٽيون ۽ سوين سنڌي نياڻين جون عزتون لٽيون. اڄ بہ ايم ڪيو ايم جا لٽيل ۽ بي گهر ٿيل سنڌي حيدرآباد جي پناهگير ڪئمپن ۾ موجود آهن. ان ڪري سنڌي ماڻهو، تڏهن آپريشن مان مطمئن ٿيندا، جڏهن سنڌن ملڪيتون لٽيندڙن، عزتن تي حملا ڪندڙن، قاتلن ۽ داداگيرن کي ڪيفر ڪردار تائين رسايو نہ ٿو وڃي.

سنڌ جا رهواسي فوجي آپريشن کي تيستائين انصاف پريو نہ سمجهندا، جيستائين ايم ڪيو ايم پاران سنڌ ڌرتيءَ خلاف ڪيل مڙني سازشن ۾ مڪارين کي بي نقاب ڪري، ان جي اصل محرڪن کي احتساب هيٺ نہ ٿو آندو وڃي. آپريشن صرف ايم ڪيو ايم جي دهشتگردن خلاف نہ پر انهن مڙني قوتن خلاف ٿيڻ گهرجي، جن ايم ڪيو ايم کي جنم ڏنو، مالي طور مستحڪم ڪيو ۽ موتمار هٿيار ڏئي عوام جي ڪلئي عام قتل عام جو پروانو عطا ڪيو.

(چيپيل، روزاني سنڌ سجاڳ ڪراچي، 5 جولاءِ 1992ع)

★★★

# اسان ۽ توهان لاءِ چئلينج

مان اج کان اڍائي سال اڳ جنوري 1990ع ۾ ”سنڌي مهاجر فساد“ جي عنوان سان هڪ مضمون لکيو هو. جنهن ۾ سنڌ ۾ اردو ڳالهائيندڙن ۽ سنڌين وچ ۾ لاڳاپن بابت ڪجهه رٿون ۽ رايا پڙهندڙن آڏو آندا هئا. انهن ڏينهن ۾ سنڌي مهاجر فساد زورن تي هيا. ٻنهي طرفن کان جوش هوش تي غالب اچي چڪو هو. پنجاب جا حڪمران طبقا پنهنجي ڦرلٽ واري نظام کي وڌيڪ سگهارو ۽ جٽادار ڪرڻ لاءِ پنهنجي رٿيل سازش ۾ ڪامياب وڃي چڪا هئا. مان ان مضمون ۾ انتهائي جذباتي ماحول هوندي به لکيو هو ته:

1. سنڌ ۾ نسلي فساد، پنجاب جي اشاري تي ٿيا آهن. هو ان ويڙهه ذريعي سنڌ جي قومي وحدت کي نقصان رسائڻ گهرن ٿا ۽ اسان جي جمهوري ۽ قومي حقن واري جدوجهد جو رخ تبديل ڪرڻ گهرن ٿا.

2. انهن نسلي فسادن ذريعي آمريڪي حڪمران، ڪراچي، مڪران ۽ لسبيلي جي ساحلي علائقن تي پنهنجو ڪنٽرول حاصل ڪرڻ، اتي پنهنجا اڏا قائم ڪرڻ ۽ ان علائقي کي فري پورٽ بنائڻ وارين سازشن کي تڪميل تي رسائڻ گهرن ٿا.

3. انهن فسادن ذريعي پنجاب جا حڪمران ٽولا سنڌ ۾سنڌي ۽ اردو ڳالهائيندڙ آبادين ۾ ويڇا وڌائي، ڀاڙ ڪي سنڌ ۽ خاص ڪري ڪراچي ۾ منظم ڪرڻ گهرن ٿا. جيئن ڪراچيءَ تان اردو ڳالهائيندڙن جي هڪ هٽي ختم ڪري سگهجي. چاڪاڻ ته سنڌين ۽ اردو ڳالهائيندڙن وچ ۾ اتحاد ۽ ڀائپي پنجاب جي ڦرلٽ ۽ قبضي گيريءَ وارن مفادن لاءِ سودمند ثابت ٿي نه سگهندي.

انهن خطرن ڏانهن ڌيان ڇڪائيندي اردو ڳالهائيندڙن سميت سنڌين کي ٿڌي دل ۽ دماغ سان سوچڻ ۽ مستقبل جي خطرن کي منهن ڏيڻ لاءِ رٿابندي ڪرڻ جي اپيل ڪئي وئي هئي. خاص ڪري مهاجرن آڏو سوچڻ لاءِ ڪجهه نقطا رکيا ويا هئا.

1. ته سنڌ اندر مستقل طور آباد مهاجرن کي سمجهڻ گهرجي ته سنڌي قوم جي جدوجهد، پنجاب جي استحصالي ٽولي ۽ سنڌ ۾ رهندڙ ڌارين قومن ۽ ڏيهي لٽيرن خلاف ٿيٽي آهي. جنهن کي اردو ڳالهائيندڙ ڀاڙ خلاف ويڙهه سمجهڻ بدران پنهنجي جدوجهد سمجهن ۽ ان ۾ شامل ٿي وڃن.

2. ته هو پنهنجو مستقبل محفوظ ڪرڻ لاءِ سنڌ دشمن مطالبن تان هٿ کڻي سنڌ سان دشمني ڪرڻ

جي بنياد تي جوڙيل تنظيمن کان الڳ ٿي، پاڻ کي هميشہ ڌارياڻپ واري احساس کان نجات ڏيارين.

3. تہ سنڌي ماڻهو اردو ڳالهائيندڙن جي ان حصي کي پنهنجو اڻ ٽٽ انگ تسليم ڪن ٿا، جيڪو سنڌ جي مفادن کي پنهنجا مفاد سمجهي ٿو. سنڌ جي ٻوليءَ ۽ ثقافت کي پنهنجو ڪري ٿو. پاڻ کي بنا ڪنهن شرط جي سنڌي قوم جو حصو تصور ڪري ٿو. سنڌ جي بنيادي مسئلن لاءِ صرف وات سان نہ پر عملي طرح اسان سان گڏ جدوجهد ڪرڻ گهري ٿو.

ان مضمون ۾ اردو ڳالهائيندڙ آباديءَ ڏانهن انتهاپسند رويا رکندڙ سنڌين کي پڻ تنقيد جو نشانو بنايو ويو هو. سنڌ ۾ نسلي باهہ کي ٻارڻ مهيا ڪندڙ سياسي ڌرين ۽ ٽولن کي پڻ اهڙي ئي طرح سنڌ جو دشمن قرار ڏنو ويو هو، جهڙي طرح اردو ڳالهائيندڙن جي نسل پرست تنظيمن ۽ ٽولن کي قصور وار سڏيو ويو هو.

اڄ جڏهن پل هيٺان ڪيترو پاڻي وهي چڪو آهي ۽ اڍائي سال اڳ وارا راز ڦاٽ ڪائي پڌرا ٿيا آهن تہ وقت ٻيهر سوچڻ تي مجبور ڪري رهيو آهي. ڪيترائي اڻ حل ٿيل سوال ٻيهر ڪر کڻي بيهي رهيا آهن.

اردو ڳالهائيندڙ آبادي تان نشو لهڻ شروع ٿيو آهي ۽ سنڌي ڳالهائيندڙن جو ٿهڪندڙ رت بہ ڪجهہ ٿڌو ٿيڻ لڳو آهي. ان ڪري هاڻ اسان کي ٻيهر پاڻ ۾ رشتا ۽ ناتا بحال ڪرڻ ۽ انهن کي وڌيڪ سگهارو ۽ جٽادار بنائڻ لاءِ ڪنهن فيصلي تي پهچڻ جي سخت ضرورت آهي. اهو اڄ جو وڏو چئلينج آهي، جنهن کي جلد قبول ڪرڻ گهرجي.

(چيپيل، روزاني سنڌ سجاڳ ڪراچي، 2 آگسٽ 1992ع)

★★★

## گھر جي بہ خبر لھو...

اسان خاص ڪري پنھنجن سياستدانن، اديبن، دانشورن ۽ ذاھن ماڻھن کان ٻڌندا پيا اچون تہ سنڌ جا ماڻھو، برصغير جي مڙني قومن ۾ وڌيڪ باشعور، غيرتمند، انصاف پسند، رحمدل ۽ مھمان نواز رھيا آھيون. خاص ڪري جڏھن ڪنھن ٻئي ديس جي شھر يا ڳوٺ ۾ ڪنھن عورت جي اجتماعي لڄالٽ جو واقعو يا ننگن کي ننگو ڪري بازارن ۾ گھمائڻ ۽ سنڌن مٿان وحشياڻي تشدد جو ڪو قصو اخبارن ۾ ايندو آھي تہ اسان ۽ اسان جا قومي اڳواڻ سيني تي ھٿ ھڻي چوندا آھيون تہ ائين ڪو ”مائي جو لال“ سنڌ ۾ ڪري تہ جيڪر جيئري گڏھ جي پيٽ ۾ وجھي ڇڏيونس. اسان جا قوم قوم، وطن وطن جا واڪا ڪندڙ سياستدان ۽ قومي ڪارڪن تہ سنڌ جي تھذيب ۽ ثقافت، قومي ٻڌي ۽ حب الوطني جي نعرن ھيٺ ھتان جي ظالم وڏيري، زميندارن، سنڌن ڪمدارن سميت سياسي پارٽين جي آڙ ۾ ڌاڙن، اغوائن، قرلٽ ۽ ٻين سماجي ڏوھن ۾ ملوث اڳواڻن ۽ ڪارڪنن مٿان ڪڪ پيا رکندا آھن. تہ سائين سنڌ جو مٿيون طبقو ۽ سياسي پارٽين جا ليڊر ۽ ڪارڪن ايڏا ڪرپٽ، پاڙيا، بي ھمت ۽ دلال ناھن، جيڏا ٻين ھنڌ ٻڌا ۽ ڏٺا آھن.

دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ اتان جي ضمير فروش سرمائيدارن، جاگيردارن، زميندارن، فوجي ۽ سول ڪامورن سميت ليڊرن ۽ ڪارڪنن پاران پنھنجن پنھنجن ماڻھن سان ڪيل ويڌنن جا قصا تہ طوطي وانگر رٽيو پيا تقريرن ۽ تحريرن جي صورت ۾ اوڳاڇيندا آھيون، پر ڪڏھن بہ پنھنجي گھر جي خبر لھڻ جي تڪليف نہ ڪئي آھي تہ ھتي گھڙي گھڙي ۽ پل پل ۾ مسڪين ماورڻن مٿان ڪھڙي قيامت پئي گذري.

جتي سنڌ کي ڌاريان آيل غاصب ۽ ظالم حڪمران ۽ سنڌن لشڪر پيليندا ۽ برباد ڪندا رھيا آھن، اتي پنھنجن بہ وسان ڪين گھٽايو آھي، پر اسان جي اڳواڻن ۽ قومي ڪارڪنن ان سڄي ڌاڙ ۽ ڌھڪاءَ ۽ قرلٽ خلاف جھد ۽ جستجو ۾ صرف ئي صرف پرڏيھي قورن کي نشانو بڻايو آھي. جنھن ڪري ٿيو ائين آھي جو انھن پرڏيھي قابضن جي وٽ وراڻي ڪندڙ ديسي دلال انتھائي آرام ۽ سڪون سان ماٺ ميٺ ۾ ھتان جي انتھائي ابوجھہ، مسڪين ۽ بي سھارا مظلوم ماڻھن کي قريندا، لٽيندا، تباھ ۽ برباد ڪندا رھيا آھن. سنڌ مٿان ڌارين ڪتڪن کي مڙھڻ جا ذميوار ٽولا محب وطني، قومي ٻڌي ۽ چوٽڪاري جا چئمپين ۽ قوم جا لٽ سردار بڻيو ويٺا مستيون ۽ الوليون ڪن، ڪين نہ ڪو چوڻ وارو آھي ۽ نہ ڪو پڇڻ وارو. جنھن ڪري سنڌ جي ڳوٺ ڳوٺ ۽ شھر شھر ۾ سنڌي ھاري ناري، مزدور ۽ ٻيا عام شھري نسوري ناحق ھيٺ زندگي جون گھڙيون

گھاري رهيا آهن.

ڪالھ ڪالھوڪي ڳالھ آهي. جڏهن ايجنسين ڪراچي ۾ پنهنجي تاتيل ۽ نپايل نسلي دهشتگرد ٽولي ايم ڪيو ايم جي مکي ٽوڙڻ ۽ کين پنهنجي هٿ هيٺ رکڻ لاءِ سندن ٽارچر سيلن (اذيت گهرن) جا لڳ ڪانداريندڙ داستان عوام آڏو آندا ته اسان سڀ حيرت ۾ اچي وياسين ته ڇا اهڙي سڌريل ۽ ترقي يافته شهر ۾ انسانيت سان هي ويل به وهايا پئي ويا. عوام جي هيڙي ڪريل نموني به تذليل ڪئي پئي وئي. اسان، اسان جا ليڊر ۽ قومي ڪارڪن ايم ڪيو ايم جي اذيت گهرن ۽ هن قسم جي دهشتگرديءَ جي مذمت ته ڪندا رهياسين پر پوءِ به اسان ڪي، اسان جي ليڊرن، مفڪرن، دانشورن ۽ ڏاهن کي اها خبر نه هئي ته ان کان به بدترين صورتحال سنڌ جي انهن علائقن ۾ موجود آهي، جتي اسان سڌريل ۽ باشعور قوم جا باشعور فرزند رهون ٿا، جتي قومپرست، ترقي پسند، عوام دوست ۽ جمهوريت دوست اڳواڻن ۽ ڪارڪنن جون ولر جيترين پارٽيون، تنظيمون، تحريڪون، گروپ ۽ سرڪل موجود آهن.

چوندا آهن ته خون ۽ خستوري نه لڪندو آهي، ان کي ڪير ڪيترو به ڍڪ وجهڻ جي ڪوشش ڪري، پر پوءِ به اهو سڀ رڪاوٽون ۽ رنڊڪون ٽوڙي ظاهر ٿي پوندو آهي. اهڙيءَ طرح ڪجھ ڏينهن اڳ سنڌي سماج جو ڪيئي سالن کان ٿيل خون نيٺ پڌرو ٿي پيو، اهو به اسان ۽ اسان جي اڳواڻن نه پر سوين ڪوهن کان ڪهي آيل قانون لاڳو ڪندڙن سڱ سوڌو وائڪو ڪيو. سنڌ جي اندرين علائقن ۾ جاگيردارن، قبائلي سردارن ۽ وڏيرن جا خانگي جيل ڪا انوکي ڳالھ ناهي. ٽنڊي الهيار پرسان 21 نومبر 1992ع تي قانون لاڳو ڪندڙ ادارن ڪوڪر ڳوٺ تي چڙهائي ڪري، جنهن وڏيرڪي جيل کي نروار ڪيو آهي. اهو ڪو پهريون يا اڪيلو خانگي جيل ناهي، پر سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ ظالم وڏيرن پاران اهڙا خانگي قيد خانا قائم آهن ۽ اتي مسڪين ماڻهن کي قيدي بنائي ساڻن انتهائي ذلت، ڪميڻپ ۽ حيوانيت جو مظاهرو ڪيو ويجي ٿو. اهڙن خانگي جيلن جي هتان جي مڙني ماڻهن کي خبر آهي. هتان جا چونڊيل نمائندا، قومي، عوامي ۽ جمهوري پارٽيون ۽ سندن اڳواڻ عوام سان ٿيندڙ ڏاڍ، ڏهڪاءُ، دوکي، دولاب ۽ مڪاري کان بلڪل آگاھ آهن. جيڪڏهن اجا به اڳتي وڌي اهو چئجي ته وڌاءُ نه ٿيندو ته هو ان ڪميڻپ ۾ برابر جا شريڪ آهن. ڇاڪاڻ ته هنن سڀ ڪجھ معلوم هوندي به ان خلاف آواز بلند نه ڪيو، پر اٽلندو انهن زميندارن ۽ سندن ڪمدارن جي سُترپوشي ڪئي، سندن ڍڪ ڍڪيو، ڇاڪاڻ ته سندن پارٽيون ۽ تنظيمون اهڙن ماڻهن جي اچليل ٽڪرن تي پلجن پيون ۽ ڪانئڻ فنڊ ۽ پجيرو گاڏيون وٺي، کين ماڻهپي جا سرٽيفڪيٽ عطا ڪري رهيون آهن.

سنڌ ۾ تازو ڪجھ سالن کان عورتن جي اجتماعي لڄالٽ جا واقعا، نياڻين کي اغوا ڪري ساڻن زيادتي ۽ زور آواري جون وارداتون وڌي ويون آهن، نه صرف اهو پر سياسي پارٽين جي اندر پڻ ڏوهارين ۽ سماج دشمن ماڻهن جو انگ وڌي رهيو آهي. اهڙن ماڻهن جو پارٽين اندر موجود هئڻ ته افسوسناڪ ڳالھ ضرور آهي، پر ان کان به وڌيڪ افسوسناڪ ۽ قابل مذمت ڳالھ اها آهي جو اهڙن ڏوهارين کي نه فقط پارٽين اندر قبول ڪيو ويجي ٿو، پر کين پنهنجو سياسي اڳواڻ به قرار ڏنو ويجي ٿو. پر پوءِ به چئون ٿا ته اسان جهڙو باشعور، ترقي پسند ۽ غيرتمند ڪنهن ٻئي هنڌ نه ملندو. اسان جي سياسي پارٽين ۽ سندن اڳواڻن جو حال ته اهو آهي،

جو سنڌ ۾ اجتماعي لچالٽ جا واقعا وڌي رهيا آهن، سياست جي آڙ ۾ ڦرلٽ، ڌاڙا ۽ ٻيا ڏوهه ڪيا پيا وڃن، خانگي جيلن مان سوين بيگناهه آزاد ڪرايا پيا وڃن، پر هو ان خلاف ڪا جدوجهد هلائڻ ته ٺهيو پر ان جي سڪٽي مذمت به نه ٿا ڪن.

جڏهن 21 نومبر 1992ع تي قانون نافذ ڪندڙ ادارن ٽنڊي الهيار جي ڪوڪر ڳوٺ تي چڙهائي ڪئي ته اتي قائم ٿيل خانگي جيل مان 296 قيدي ٻٽايل ٻار، ٻڍا، عورتون ۽ مرد آزاد ڪرايا ته ان ڏينهن آفريڪا جي گهاٽن ٻيلن ۾ انسانن جو انسانن هٿان نيلام ٿيڻ ۽ ڪين غلام ٻڌائي زوري پورهيو وٺڻ ۽ تذليل ڪرڻ جون ٻيون وارداتون ۽ ستم ظريفيون وسري ويون. سنڌ جو ڪنڌ شرم کان جهڪي ويو. سنڌ واسين جي باشعور ۽ سجاڳ قوم هئڻ واريون دعوائون دم ٽوڙينديون نظر آيون. ماڻهپي، رحمدلي، انصاف پسندي ۽ با ضمير هئڻ واريون روايتون سڏ ڪندي نظر آيون، خانگي جيل مان آزاد ٿي ايندڙ نينگرين، ٻارڙن، ڪراڙن عورتن ۽ مردن جا داستان ٻڌندي پاڻ کي انسان سڏائڻ واري دعويٰ تي شڪ ٿيڻ لڳو.

سنڌ جي هڪ انتهائي سڪئي ستابي پرڳڻي ۾ هيترن سارن ماڻهن کي قيد رکڻ، عورتن جي روزانو لچالٽ ٿيڻ، ڪين زنجير وجهي سڄو ڏينهن سخت پورهيو وٺڻ، بيمارن کي دوا درمل نه ڏيڻ، اٽپورو کاڌو ۽ لٽو ڪپڙو ڏيڻ، بک، بيماري ۽ تشدد سبب مري ويلن کي بنا ڪفن جي جانورن وانگر پوري ڇڏڻ جهڙيون وارداتون، اسان کان، اسان جي سياستدانن، عوام جي چونڊيل عيوضين، قومي ڪارڪنن کان جيڪڏهن لڪل رهيون آهن ته پوءِ ڪين ان اٽڃاٽائي تي پنهنجو پاڻ تي لعنت ۽ ملامت ڪرڻ گهرجي. سنڌي عوام جي اڳواٽي واري دعويٰ تان دستبردار ٿي پنهنجي منهن تي دانگي ملي ڳچيءَ ۾ ڳارا وجهي دردر وڃي ديس واسين کان معافي پنڻ گهرجي. پر پوءِ به شايد سنڌ جو معصوم عوام ڪين ان مجرماڻي اٽڃاٽائي يا خاموشي تي معاف نه ڪري.

(چيپيل، روزانو جاڳو ڪراچي، 25 ڊسمبر 1992ع)

★★★

# ناراض نہ ٿيو تہ.......!

وارو ڙي وارو! سنڌ ڦرجي وئي، پيينگ ٿي وئي، سنڌين جو وجود تباھ ٿي ويو. سامراجي، غاصب، لٽيرا ۽ ڦورو هڙ ڪائي ويا. پيينان ڪي نہ ڇڏيو. اصل پائي پائي جو حساب وٺيو. رت جي ڦڙي ڦڙي جو پلاند ڪبو. اهي آهن ٻن ٽن ڏهاڪو ڪن سالن ڪان اسان جي ليڊرن، اڳواڻن ۽ جوڌن جون رڙيون، دانهون ۽ ڪوڪون. اصل اخبارن، رسالن ۽ ڪتابن ۾ اهي سالن ڪان هلندڙ ساڳيون گدڙ واريون اونايون، پڙهي پڙهي، هاڻ تہ دل پئي ڪچي ٿيندي آهي. اندر مان اٻڙاڪ پيا نڪرندا آهن. ساڳيا اکر، ساڳيا جملا، ساڳيا ترڪتال ٻڌي ڪن ٿي پچي پيا آهن. اصل ۾ اکرن ۽ لفظن جي حرمت ئي مٽيءَ ۾ ملي وئي آهي. ٻٽاڪن ۽ زٽاڪن هيل تائين الاءِ ڪيترين جوانيون تباھ ۽ برباد ڪري ڇڏيون آهن، گهرن مٿان ٽاندا رکي انهن کي جلائي ڀسم ڪري ڇڏيو آهي. پر حرام جو ڳالھ ان ڪان اڳتي وڌي هجي. ”چري ڪيئن، ڇڏ ويرون ويرون وڌ“ وارو قصو آهي. سال ٿي ويا، اسان پيا اڄا صورتحال جا نت نئين سر تجزيا ڪيون ۽ مؤقف جوڙيون. روز پيا اتحاد ٺهن ۽ ڊهن. پر ٻُت اهي ئي ساڳيا آهن. ڪڏهن انهن کي هيڏانهن ڪٽي هوڏانهن ٽا رکون تہ ڪڏهن وري ڪين رنگ روغن ڏئي ڪمري مان ڪارو تہ وري ڪڏهن ڪاري مان ڇٽڪمرو ڪري ميدان ۾ ٽا لاهيون. پر پليٽ ۾ اُهو پوندو، جيڪو ڪُني ۾ هوندو. سو اسان وٽ ڪنيون سڀ سڪٽيون، اياميو نڪاءُ ڏئي باڻءِ ٿي پون. اسان تاڙين ۽ سڪٽي واھ واھ ۾ خوش.

ٻن ٽن سالن ڪان اخباري دنيا ۾ رهڻ ڪري اصل ۾ اهي مُرليون ٻڌي ۽ همراهن جا مؤقف ۽ تجزيا پڙهي دل خودڪشي ڪرڻ تي چوندي آهي. يارن جي سڄي ٽيگر ۽ مڳي صرف اخباري بيان ڪيڻ ۽ پريس ڪانفرنس يا ڪا سيمينار ڪرائڻ تائين پوري هوندي آهي. اخبارن جي صفحن ۾ تہ همراھ پاڻ کي تيس مار خان لکرائڻ تي ضد ٻڌيو بيٺا هوندا آهن. پر عوام ۾ حالت اهڙي اٿن جهڙو پُنب تي پٽڪو. سال گذري ويا سنڌ جي وارثيءَ ۽ حقداريءَ جي دعويٰ ڪندڙ ٽي چار ٽولڙا اوترا، نہ وڌن نہ ويامن. هڪڙي ڪنيءَ جا ٻہ ٽي ڪٽا نڪري ٻي ڪُني ۾ وجن تہ وري ان ڪُني جا ٻہ ٽي داڻا ڪڏڪو ڏئي، پوزي هٽي ٻي ڪُني ۾ هليا وجن. ادي مئي، ادو ڄائو، اسان جا يار اوترا جا اوترا. ٻہ ٽي يارڙا جيڪڏهن ڳالھ کي سمجهي ساٿ ڇڏي ويا تہ ٻہ ٻيا گگدام ڦاسائي اچبا. ٻہ ٽي ڦرهيون پڙهائي ڪين چڳ وڌيو مريد بنائي وٺبو . بس رينگٽ پيو هلي. نہ ڪو اسان کي دهلي جي لال قلعي تي جهندو ڦڙڪائٽو آهي ۽ نہ ئي وري ڪشمير فتح ڪرڻو آهي. بس مڙوئي ميلو متل

هجي. فقراهہ لڏو خمارن ۾ هجي. پنهنجي جو بہ خير تہ پرائي جو بہ خير. ڦورو جو بہ خير تہ ڦرجندڙ جو بہ خير. پلا الله جي زمين ڪٿي ۽ ان جا وسيلا ڪٿا جو هروڀرو قبضا ڄمائڻ لاءِ وتئون جيءَ کي جوکي ۾ وجهندا. باقي اصل پنهنجي گهر ڀاتي تکو ڳالهايو يا حڪم جي پيروي نہ ڪيائين تہ سسي لاهيندي بہ دير نہ ڪبس. ڇاڪاڻ تہ پاڻ آهيون تہ غيرت مند، مڙس ماڻهو، ونيءَ ۽ ٻنيءَ تان سرگهوريندڙ جوڌا ۽ جوان. پر يار ٻين لاءِ نہ، صرف پنهنجن لاءِ.

پڪي ۽ روڄ راڙي جا تہ پاڻ اهڙا هيراڪ ٿي ويا آهيون جو بہ ڏينهن جيڪڏهن اها صلاحيت ۽ قابليت استعمال ڪرڻ جو موقعو نہ ملندو آهي تہ اصل ۾ اُباڙڪا ٿي پوندا آهيون. پيا الله سائين کي ٻاڏائيندا آهيون تہ ڪو وسيلو پيدا ڪري تہ ان فن ۾ هڪٻئي کان گوءِ کٽڻ ۾ سر جي بازي لڳايون. اسان جي اهڙي حالت ڏسي اسان تي اسان جي دشمن کي بہ کهڪاءُ اچي ويندو آهي. جو هو بہ ڪونہ ڪو ڳوٺ تباهہ ۽ برباد ڪري، ڪ ونہ ڪو نوجوان ڪُهي، اسان کي اهڙو وسيلو پيدا ڪري ڏيندو آهي، جو ٻہ ٽي ڏينهن وري اخبارن جي صفحن تي زنده ٿي پئون. اصل پوءِ تہ ڪرڙ، ڪانڌيرو، متيرو ۽ واڱڻ پاڻ ۾ قصيدا لکڻ جو مقابلو شروع ڪري ڏيندا آهن. پوءِ مجال آهي، ڪنهن سنڌي اخبار کي جو سندن اها قصيده گوئي نہ ڇاپي. جي نہ ڇاپي يا ٿورو ان رپنگٽ کي مختصر ڪري ڏئي تہ پوءِ قيامت اچي ويندي. شامت ۾ اچي ويندو ان اخبار جو ايڊيٽر ۽ عملو. مٿن سنڌ دشمني جا ليبل لڳي ويندا. اصل ۾ اهو سڄو ڏوهہ ۽ گناهہ ڪندڙ تہ آجا ٿي ويندا پر ان اخبار واري جي جان ڪانہ ڇٽندي. عمر ڀر لاءِ لعنتاڻو اچي ويندس.

اصل ۾ اسان جي مها قومپرستن، ڏاهن، اڪابرن، ڏهيسرن سنڌ ۽ سنڌين کي بچائڻ لاءِ صرف جنگ جو ميدان ئي اخبارن ۾ بيان ڇپائڻ ۽ لقب القاب حاصل ڪرڻ کي بڻايو آهي. الله سائين خير ڪري جيڪڏهن سنڌي اخبارون مڙسي ڪري سندن انهن ٻٽاڪن کي ڇاپڻ کان انڪار ڪن تہ پوءِ تہ همراهہ ٽڪي هڪڙي جا ٿي وڃن.

اسان ماڻهو ڏيڏرن جهڙي حيثيت رکندڙ اونداهي کوهہ ۾ ويهي دنيا فتح ڪرڻ جا خواب پيا ڏسون. اصل ٻٽاڪ اهڙي هٽبي جو اڳي جو سرچٽ. ڇڏ تہ: پاڻ سڄي دنيا جي سربراهي ڪنداسين. برصغير ۾ اسان کان وڌيڪ ڪو باشعور، تهذيب يافتہ ۽ عقل مند نہ ليندو! پائو پلا جيڪڏهن پاڻ ايڏائي سرپلا هجون ها تہ هھڙا ڏينهن چو ڏسڻا پون ها. اچي سئيءَ کي پاڪڙو ڪيڻ بہ ڪونہ ٿو، هليا آهيون جديد علم ۽ هنر سان هٿياربند ماڻهن جو نعرن ۽ مذمتن سان مقابلو ڪرڻ. دعوائون ڪرڻ تہ ڪو اسان کان سکي. اصل انهيءَ علم ۾ تہ پاڻ پي ايچ ڊي ٿيل آهيون. پهرين نمبر جا نڪما، ڪم چور، سست، لاپرواهہ، بي عمل، هنر ۽ ڪاريگريءَ کان وانجها ماڻهو نہ ٿا منجو چڏيون نہ ٿا مرون. منجو ڇڏڻ لاءِ بہ محنت گهرجي، سا جيڪڏهن ڪيون تہ هھڙا ڏينهن چو ڏسڻا پون. جو اسان جي ويريءَ کي بہ اسان مٿان کھل اچي وڃي.

(ڇپيل، روزانو جاڳو ڪراچي، 6 مئي 1993ع)

## ڪراچي صرف اردو ڳالهائيندڙن جو شهر آهي؟

بندوق جي ناليءَ ڪان وٺي قلم جي نوڪ تائين سنڌ خلاف سازشون ۽ مڪاريون پنهنجي قوهه جوڀن تي رسي چڪيون آهن. هن بدقسمت ديس جي اصل ڌڻين کي ايترو ته ڪنڌاٺتو ڪيو ويو آهي، جو هاڻي ان جي وجود بابت تاريخي فيصلا ڪرڻ وقت به سندن راءِ حاصل ڪرڻ غير ضروري سمجهيو پيو وڃي.

سنڌ جي وسيلن تي حقداريءَ ۽ حصيداريءَ جي دعوي ڪندڙ ڌرين سان معاملا طئہ ڪرڻ لاءِ به ڳالهين واري حڪومتي ٽيم ۾ ديس ڌڻين کي ڪا به نمائندگي ڏيڻ جي ضرورت محسوس نہ پئي ڪئي وڃي. ايم ڪيو ايم سان سرڪاري سطح تي ڳالهيون ڪرڻ لاءِ جوڙيل ٽيم ۾ به اردو ڳالهائيندڙ ۽ هڪ بهاري موجود آهن. جڏهن تہ ديس واسين کي اعتماد ۾ وٺڻ لاءِ ضروري هيو تہ جيڪڏهن ان ٽيم ۾ سنڌ جي وطن دوست ۽ جمهوريت پرست ڌرين کي شامل نہ به ڪيو ٿي ويو تہ سندن اعتماد بحال ڪرڻ لاءِ ڪي سنڌي ايم اين اي يا ايم پي اي شامل ٿي پئي سگهيا. بهرحال اسان کي حڪومت جي نيت تي شڪ نہ ڪرڻ گهرجي پر پوءِ به اها صورتحال انتهائي ڏکوئيندڙ ۽ ذهني اذيت ڏيندڙ ثابت ٿي رهي آهي.

ڪراچيءَ بابت نام نهاد قومي پريس ۽ ڪجهه پاڻ کي قومي سطح جا سياسي اڳواڻ سڏائيندڙ گمراهه ڪندڙ پرچار ڪري رهيا آهن تہ: ڪراچي صرف اردو ڳالهائيندڙن جو شهر آهي. تنهن ڪري هن شهر جي نمائندگي ڪرڻ ۽ ان بابت فيصلا ڪرڻ جو اختيار صرف اردو ڳالهائيندڙن وٽ هجڻ گهرجي. جيڪي بدقسمتيءَ سان پاڻ کي ”مهاجر“ سڏائيندا آهن. جڏهن تہ حقيقت اها آهي تہ: ڪراچي سنڌ جو ڳادي وارو شهر آهي ۽ ان تي تاريخي حق ۽ حاڪميت سنڌين جو آهي. ڪنهن جي هن شهر ۾ اچي رهڻ سان هيءُ شهر سندن ملڪيت ٿي نہ ٿو سگهي. ڪراچيءُ جي آبادي جيڪا لڳ ڀڳ هڪ ڪروڙ ڪن ٿيندي، ان ۾ اردو ڳالهائيندڙ صرف ٿي صرف 35 سيڪڙو ٿين ٿا. جڏهن تي باقي 65 سيڪڙو يا ان ڪان وڌيڪ آبادي سنڌين، پنجابين، پناڻن ۽ بلوچن تي مشتمل آهي. (ان قسم جي وضاحت تازو گهرو معاملن وارو وفاقي وزير جنرل (رٽائرڊ) نصير الله بابر بہ ڪري چڪو آهي.)

ڪراچيءَ جي 65 سيڪڙو غير اردو ڳالهائيندڙ آباديءَ ۾ بہ وڏو انگ يا سيڪڙو سنڌي ٻولي ڳالهائيندڙن جو موجود آهي. جنهن ۾ شهر جي مرڪزي علائقن ۽ ان جي پسگردائي ۾ آباد سنڌي ڳوٺن جا رهواسي، اندرين علائقن ڪان سرڪاري نوڪرين، خانگي ملازمتن، ڌنڌي ۽ واپار لاءِ آيل سنڌي ماڻهو، هتي

رهندڙ ڪڇي، ڪاٺياواڙي، ميمڻ، گجراتي، لاسي برادريون وغيره شامل آهن. جڏهن ته بلوچستان مان صديون اڳ ڪراچيءَ ۾ اچي آباد ٿيندڙ بلوچن کي به سنڌي قوم کان الڳ ڪري نه ٿو سگهجي.

ڪراچيءَ بابت فيصلن ڪرڻ يا ڪنهن به قسم جي راءِ جوڙڻ وقت اصل ڌرتي ڌڻين يعني سنڌين کي هيل تائين صرف ان ڪري نظرانداز ڪيو ويو آهي، جو هو گڏيل آبادين ۾ منظم طور رهائش پذير ناهن. پنهنجي سياسي، ثقافتي ۽ معاشي مفادن خاطر متحد ٿي هڪ پليٽ فارم تي ڪٺا ٿي نه سگهيا آهن. پنهنجي مضبوط ووٽ بينڪ قائم ڪرڻ کان لاپرواهه رهيا آهن. ڇڙوڇڙ رهڻ ڪري هو منظم ۽ متحد قوت طور آڏو اچي نه سگهيا آهن. پر سنڌين جي ان ڪمزوريءَ جو مطلب ڪڏهن به اهو ٿي نه ٿو سگهي ته ڪراچيءَ تي سنڌن دائمي وارثيءَ واري حق کي نظرانداز ڪري ڇڏجي. هن شهر کي صرف ان ڪري سنڌ جو شهر ئي تسليم نه ڪيو وڃي جو هتي تاريخي جبر سبب غير سنڌي ماڻهو پنهنجي گڏيل تعداد ۽ اتحاد جي لحاظ کان ديس ڌڻين تي فوقيت حاصل ڪري ويا آهن.

جيتوڻيڪ ڪراچي شهر تي پنجابين ۽ پٺاڻن جو ڪو به تاريخي حق نه آهي، هو هتي صرف عارضي طور تي ڪاروباري مفادن هيٺ اچي آباد ٿيا آهن ۽ هنن رياستي طاقت ۽ قوت ذريعي هتان جي وسيلن تي والار ڪري ورتي آهي. پر پوءِ به جڏهن اردو ڳالهائيندڙ نسلي تنظيم طرفان ڪراچيءَ تي پنهنجي اڪيلي وارثيءَ واري دعويٰ سامهون اچي ٿي ته ان ۾ پنجابين ۽ پٺاڻن کي ساڳي صف ۾ شامل سمجهڻ به هڪ تاريخي غلطي ثابت ٿيندي. پنجابي ۽ پٺاڻ پاڪستان جي موجوده جوڙجڪ ۾ پنهنجي جدا جاگرافيائي وحدتن جا مالڪ آهن. انهن جا سياسي ۽ اقتصادي مفاد ڪنهن رولو نسلي ٽولي بدران پنهنجن پنهنجن ڌرتين ۽ وطنن سان ئي وابستا ٿي سگهن ٿا. اهو ئي سبب آهي جو ڪراچي سطح جي پنجابي پختون تنظيمن ۽ عوام طرفان ايم ڪيو ايم جي ڌار صوبي جي مطالبي جي مخالفت ٿيندي رهي ٿي. اهڙين تنظيمن ڪڏهن به سنڌ جي وحدت خلاف ٿيندڙ سازشن ۾ پاڻ کي ڀائيوار نه بڻايو آهي. ساڳيءَ طرح پنجاب ۽ سرحد جي سياسي اڳواڻن، دانشورن، وڪيلن، صحافين ۽ عام ماڻهن طرفان به سنڌ جي وحدت خلاف اٿندڙ هر آواز جي مذمت ۽ مخالفت سنڌ ڌڻين لاءِ وڏو ڏڍ ۽ آٿت ثابت ٿي رهي آهي. جنهن سان موجوده پاڪستان جيڪو قديم دور جي "سنڌو ماٿري" جي ثقافتي سرحدن تي مشتمل آهي، ۾ رهندڙ مقامي قومن، قوميتن ۽ ثقافتي ايڪائين وچ ۾ پنهنجائپ، رواداري، هڪ ٻئي جو احترام ڪرڻ ۽ ڀائيپي وارن رشتن کي وڌيڪ جٽادار بنائڻ جون راهون ۽ رستا کلي پون ٿا.

ايم ڪيو ايم کي ڪراچيءَ کي صرف مهاجر صوبو بنائڻ وارو مطالبو ڪرڻ کان اڳ انهن حقيقتن کي ڪڏهن به نظرانداز نه ڪرڻ گهرجي ته: ڪراچي تاريخي طور سنڌ جو حصو آهي ۽ رهندو، ان تي ڪنهن ٻئي نه پر فقط ئي فقط سنڌين جي وارثي ۽ مالڪي آهي. ڪنهن به گروهه جي عددي اڪثريت سان سنڌين جو ان شهر تان مالڪيءَ وارو حق ختم ٿي نه ٿو سگهي. ڪراچي صرف اردو ڳالهائيندڙن جو شهر نه پر 65 سيڪڙو کان به وڌيڪ اهڙي آبادي رهندڙ آهي، جيڪا اهڙي گهر جي سخت ترين مخالف آهي. جنهن کي اڄ تائين صرف ان ڪري نظرانداز ڪيو ويو آهي، ڇاڪاڻ ته هو ايم ڪيو ايم وانگر ڌماچوڪڙي، بليڪ ميلنگ ۽ دهشتگرديءَ واري سياست نه ٿي ڄاڻي يا وري ڪرڻ نه ٿي چاهي.

پر جيڪڏهن خدا نہ ڪري، ان خاموش اڪثريت کي نظرانداز ڪندي، ڪا بہ اهڙي مهم جوئي يا ابهرائي ڪئي وئي تہ ان جا نتيجا صرف ٿي صرف اردو ڳالهائيندڙ اقليت خلاف ئي پيانڪ شڪل ۾ صورت ۾ نڪري سگهن ٿا. ڇاڪاڻ تہ ڪراچيءَ جي 65 سيڪڙو آبادي نہ صرف ڌار صوبي خلاف مزاحمت ڪري سگهي ٿي، پر هيل تائين 35 سيڪڙو اقليت کي ملندڙ ناجائز ۽ اضافي رعايتن کسڻ جو بہ مطالبو ڪري سگهي ٿي. جنهن سان صرف اردو آبادي سڀ ڪجهہ هڙپ ڪرڻ بدران حاصل ڪيل اضافي رعايتن کان بہ محروم ٿي سگهي ٿي. جيڪا ڳالهہ خود انهن ماڻهن لاءِ تڪليف جو باعث بڻجي سگهي ٿي، جيڪي هيل تائين ايم ڪيو ايم جي غير منطقي ۽ حقيقتن جي ابتڙ مطالبن جي وٺ وراڻي ڪندا رهن ٿا.

(ڇپيل، روزاني عوامي آواز ڪراچي، 23 آگسٽ 1995ع)

★★★

## ايم ڪيو ايم طرفان پيهي هڙتال ۽ عوام جو ردعمل

ان ڳالهه ۾ ڪنهن بہ شڪ جي گنجائش نہ رهي آهي تہ اردو ڳالهائيندڙ آبادي آهستي آهستي دهشتگرد تنظيم ايم ڪيو ايم جي سحر انگيزيءَ مان نڪري رهي آهي. خوف ۽ دهشت آهستي آهستي همت ۽ حوصلي ۾ تبديل ٿيندي پئي وڃي. 23 آگسٽ 1995ع تي ايم ڪيو ايم جي سڏ تي ٿيل هڙتال ان جو چٽو ثبوت هيو. اردو ڳالهائيندڙ آبادي تي مشتمل ڪجهه علائقن سميت ڪراچي شهر جا ٿي حصا مڪمل طرح هڙتال ڪان آجا رهيا. جڏهن تہ ٽرانسپورٽ صبح ڪان ئي رستن تي اچي وئي هئي. ايم ڪيو ايم جي اثر وارن ڪجهه علائقن ۾ دڪانداريءَ سان گڏ ٽرانسپورٽ بہ بند ڪرائڻ لاءِ وڏي پئماني تي گاڏيون ساڙيون ويون. پر ان سڄي ساڙ ٻار جو اثر شهر جي باقي علائقن تي نہ پيو. وڏن وڏن روڊن تي هر قسم جون گاڏيون پنهنجي پنهنجي منزل ڏانهن روان دوان رهيون.

گذريل اٺن مهينن کان پوءِ هي پهريون پيرو هيو، جو عوام ايم ڪيو ايم جي دهشت ۽ غنڊاگرديءَ جي پرواهه نہ ڪندي، رستن تي آيو، آفيسن ۾ حاضري پري، ڪاروبار کولڻ جي ڪوشش ڪئي. هن ڪان اڳ شهر جي وڏي حصي تي ايم ڪيو ايم جي ظلم، جبر جو ايتري قدر تہ ڌهڪاءُ ڇانئيل هوندو هو جو سندن سڏ تي اردو آبادي وارا علائقا تہ ڇڏيو، پر بندر روڊ جهڙي مصروف شاهراهہ ۽ صدر جهڙو اهم واپاري مرڪز بہ ويران ٿي ويندو هو. ڏينهن ڏٺي جو بہ رستن تان لنگهندي لونءَ لونءَ ڪاندارجي ويندا هئا.

هن سڄي تبديليءَ پٺيان جتي قانون نافذ ڪندڙ ادارن طرفان دهشتگردن خلاف هلندڙ اثرائتي ڪارروائي جو هٿ آهي، اتي عوام طرفان بہ ايم ڪيو ايم جي دهشتگرد قيادت ۽ سندس نسل پرستيءَ واري سوچ خلاف هڪ نفرت جوڳو اظهار آهي. جنهن کي اجا بہ همت، حوصلو ۽ بيباڪي ڏيڻ جي ضرورت آهي.

هاڻ ان ڳالهه کان ڪوبہ انڪار ڪري نہ ٿو سگهي تہ اردو ڳالهائيندڙ آبادي هن خوف ۽ دهشت واري ماحول مان جند آجي ڪرائي، پنهنجي انتهاپسند قيادت طرفان سندن مٿان مڙهيل دشمنين کي بہ دوستين ۾ تبديل ڪرڻ لاءِ ابتدائي وکون کڻڻ شروع ڪيون آهن. هي تبديلي ڪا هڪ ٻن مهينن اندر نہ پر ان پٺيان وڏي عرصي کان پنهنجن طرفان ٿيل ڏاڍ، ڌهڪاءُ، ظلم، جبر، ڀتي خوري، معاشي قتل عام ۽ انساني جانين جي زيان جا سگهارا سبب موجود آهن.

هيل تائين ايم ڪيو ايم پنهنجن عملن ذريعي، جتي ديس ڌڻين سنڌين، پنجابين، پٺاڻن ۽ بلوچن کي آزاريو ۽ ايذايو آهي. اُتي هن پنهنجن ئي هم زبان ماڻهن سان جيڪي ڪلور ڪيا آهن. تن جو اندازو ڪو ٻيو ماڻهو لڳائي نہ ٿو سگهي. اردو ڳالهائيندڙ آباديءَ جو اهڙو ڪو پاڙو ۽ گهٽي نہ ڇڏي وئي، جتي نوجوانن، ٻارن، ٻين، عورتن ۽ معصوم نياڻين جا لاش نہ موڪليا ويا هجن. اهڙو ڪو گهر نہ ڇڏيو ويو، جتان هر مهيني ڀتو وصول نہ ڪيو ويو هجي. اهڙو ڪو دڪان، مانڊلي، ريڙهي ۽ فٽ پاٿ تي ٻچن جي گذر سفر لاءِ ڏندو ڏاڙي ڪندڙ نہ ڇڏيو ويو، جنهن کان ڪلاشنڪوف ۽ ٽي ٽي پستول جي زور تي روزانو چندو نہ وصول ڪيو ويو هجي. پنهنجن ئي هم زبان ماڻهن کي ايذيون تہ سزائون ڏنيون ويون، جو هڙتالن، هنگامن ۽ فائرنگ سبب اردو ڳالهائيندڙ آبادي تي مشتمل علائقا هفتن جا هفتا بند رهندا هئا. ڏهاڙي تي ڪمائيندڙن جي گهرن ۾ ڪيئي ڏينهن تائين چُلهہ نہ ٻرندي هئي. ڏنڌا ڌاڙي، واپار، ڪاروبار، تعليمي ادارا، اسپتالون بند رهڻ ڪري لکين ماڻهو بنيادي انساني ضرورتن حاصل ڪرڻ کان بہ لاچار بڻايا ويا. بجلي جا ٽرانسفارمر اڏائي، پاڻي جا ڪنيڪشن ڪاٽي، ٽيليفون جا ڪيبل ساڙي پنهنجن ئي ماڻهن جي زندگي زهر بڻائي وئي. جڏهن تہ اردو ڳالهائيندڙ آباديءَ کان سواءِ شهر جا باقي علائقا گهٽي قدر سندن اثر هيٺ نہ هجڻ ڪري ان فتني گيريءَ کان محفوظ رهندا آيا. جنهن ڪري اردو ڳالهائيندڙن ۾ پنهنجي بندوق باز قيادت خلاف نفرت جا جذبا پيدا ٿيڻ لازمي ڳالهہ هئي. پر ان جو اظهار ڪرڻ، ان خلاف مهاڏو اٽڪائڻ جي همت پيدا ڪرڻ اڃا بہ اردو ڳالهائيندڙن لاءِ تمام پري جي ڳالهہ آهي. ڇاڪاڻ تہ هو بندوق باز قيادت ۽ توبچي ڪارڪنن جا ايڏا تہ ستايل آهن، جو ان دهشت مان مڪمل نجات حاصل ڪرڻ لاءِ کين تمام گهڻو وقت گهرجي.

اسان اڳ بہ چوندا آيا هئاسين ۽ هاڻ بہ چئون ٿا تہ سڄي جي سڄي اردو ڳالهائيندڙ آبادي الطاف جي پوئلڳ ڪانهي. هو ان کان نفرت ڪن ٿا. اها نفرت ان وقت بہ موجود هئي، جڏهن نگران حڪومت طرفان عام چونڊون ڪرايون ويون. پر اردو ڳالهائيندڙ ايڏا تہ هيسايل ۽ ستايل هئا، سندن مٿان ايم ڪيو ايم جي دهشتگرديءَ جو ايڏو تہ خوف ڇانئيل هو، جو هو نہ چاهيندي بہ ايم ڪيو ايم کي ووٽ ڏيڻ تي مجبور ٿيا. ڇاڪاڻ تہ هنن کي خبر هئي تہ جيڪڏهن هو سندن حق ۾ ووٽ نہ وجهندا تہ سندن گهرن تي نشان لڳي ويندا، نوجوان پٽ ماريا ويندا ۽ گهر جلايا ويندا. ڇاڪاڻ تہ اهڙيون سفاڪانہ ڪارروايون هن کان اڳ بہ ساڻن ورجائجي چڪيون آهن. وقت جي حاڪمن طرفان کين تحفظ نہ ملڻ بہ خوف واري ان ڪيفيت ۾ اضافي جو سبب بڻجي رهيو هو. ان جو کين تجربو هيو، ڇاڪاڻ تہ آپريشن ڪلين اپ وقت جن ماڻهن دهشتگردن ڇتائي ڪئي، کين تحفظ ڏيڻ کان انڪار ڪيو ۽ انتظاميہ جو ساٿ ڏنو، تن کي بعد ۾ ان جي ڳري قيمت ادا ڪرڻي پئي. جيڪا قوت پنهنجي هڪ ڏڙي جي اڳواڻن ۽ ڪارڪنن خلاف ”موت جا وارنٽ“ جاري ڪري سگهي ٿي، سا معصوم ۽ بي هٿيار ماڻهن کي معاف ڪيئن ٿي ڪري سگهي. گذريل ڏيڍ سال کان اردو ڳالهائيندڙ آبادين ۾ نوجوانن کي اغوا ڪري مارڻ، سندن گهرن تي قبضا ڪرڻ، دڪان ۽ ٻيون ملڪيتون ساڙڻ، مخالف گروپ سان هٿياربند ويڙهہ ڪرڻ ان ڳالهہ جو وڏو ثبوت آهي تہ ايم ڪيو ايم پنهنجي ماڻهن کي ايترو تہ خوفزده ڪري ڇڏيو، جو هو ان خلاف ٻڙڪ ٻاهر ڪڍڻ جي جرئت نہ ڪري سگهيا.

ان ڳالهہ کان خود ايم ڪيو ايم جي قيادت بہ چڱي ريت واقف هئي تہ عوام ڪانئن بيزار ٿيندو پيو وڃي. هو ساڻن محبت ۽ جذباتي لڳاءَ جي بنياد تي گڏ ناهي، پر صرف خوف ۽ دهشت سبب سندن سڏ تي ڪاروبار بند ڪرڻ ۽ سندن ها ۾ ها ملائڻ تي مجبور آهي. ان سچي صورتحال کان پوءِ ايم ڪيو ايم اردو آبادي کي پاڻ سان ملائڻ ۽ ڪين باقي قومن ۽ قوميتن کان الڳ ڪري صرف پنهنجو محتاج بنائڻ لاءِ نيون سازشون سٽڻ شروع ڪيون. سنڌين، پنجابين، بلوچن ۽ پناڻن جو قتل عام ڪري گهرو ويڙهہ جو ماحول پيدا ڪرڻ ۽ ان رستي اردو ڳالهائيندڙن کي اڪيلو ڪري پنهنجو محتاج بنائڻ جي خوفناڪ طريقي تي عمل ڪيو ويو. ان پٺيان ايم ڪيو ايم جا ٻہ مقصد موجود هيا. هڪ تہ ٻين قومن ۽ قوميت جي ماڻهن کي ماري لساني ويڙهہ شروع ڪرائي وڃي. جنهن سان هڪ طرف هو دنيا اندر پاڻ کي مظلوم ثابت ڪري سگهن، ٻيو تہ ان رستي اردو ڳالهائيندڙ آباديءَ کي ملڪ جي باقي عوام کان ڪٽي خوف جي بنياد تي پاڻ سان سلهاڙي رکجي. اردو ڳالهائيندڙن لاءِ پنهنجي بچاءُ لاءِ ايم ڪيو ايم کان سواءِ باقي ڪا بہ واهہ ۽ رستو نہ ڇڏيو وڃي. ان خوفناڪ سازش جو هڪ ٻيو بہ پيانڪ پاسو هيو تہ سنڌين جي قتل عام سان هڪ طرف لساني ويڙهہ شروع ڪرائي وڃي، ٻئي طرف سنڌين کي تيش ۾ آڻي اندرين سنڌ ۾ رهندڙ اردو ڳالهائيندڙن لاءِ خوف واري صورتحال پئدا ڪئي وڃي، جيئن هو ننڍن شهرن مان لڏي حيدرآباد ۽ ڪراچيءَ جو رُخ ڪن. جنهن سان سندن مهاجر صوبي وارو خواب ساپيان ٿي پوي. دنيا آڏو اها من گهڙت پرچار ڪئي وڃي تہ اردو ڳالهائيندڙن جي نسل ڪشي ٿي رهي آهي. تنهنڪري ڪين رهڻ لاءِ الڳ ذرتي مهيا ڪري ڏيڻ ۾ مدد ڏيڻ گهرجي.

سنڌ سميت ملڪ جي سموري باشعور عوام ايم ڪيو ايم جي ان سازش کي ڪچيءَ ۾ ئي مٽيءَ ۾ ملائي ڇڏيو. خود حڪومت طرفان ايم ڪيو ايم جي دهشتگردن خلاف ڪارروائي هڪ طرف متاثر ٿيل سنڌين، پنجابين، پناڻن ۽ بلوچن جي ڦٽن تي پهن جو ڪم ڏنو تہ ٻئي طرف اردو ڳالهائيندڙ آبادي بہ پهريون پيرو ايم ڪيو ايم جي ناقابل شڪست قلعي ۾ ڏار پوندي ڏسي، خوف ۽ ڏهڪاءَ جي اثر مان پاڻ کي آجو ڪرڻ طرف پيش قدمي ڪرڻ لڳي. جنهن کي وڌيڪ زور وٺائڻ ۽ ڪين آٿ ۽ ڏڍ ڏيڻ سميت مايوسين مان ڪڍي پنهنجو ڪرڻ لاءِ گڏيل ڪردار ادا ڪرڻ جي ضرورت آهي. ڇاڪاڻ تہ جيڪڏهن ايم ڪيو ايم کان مايوس ٿيندڙ يا ان جي هٽلري چار مان نڪرندڙ ماڻهن کي قومي سياسي ڌارا ۾ شامل نہ ڪيو ويو ۽ ڪين متبادل قيادت فراهم نہ ڪئي وئي تہ ان جا نتيجا وڌيڪ خوفناڪ نڪري سگهن ٿا. مايوس ۽ ٿٽل ڦٽل ماڻهو ٻيهر ڪنهن نئين دهشتگرد ڌڙي جي ور چڙهي سگهن ٿا. ان سلسلي ۾ خود پاڪستان پيپلز پارٽي کي پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻ گهرجي. پيپلز پارٽي سان گڏوگڏ مسلم ليگ (ن) کي بہ اڳڀرائي ڪرڻ گهرجي.

اسان نہ ٿا سمجهون تہ ڪو حڪومتي ڪاررواين جي نتيجي ۾ ايم ڪيو ايم جي دهشتگرد ونگ مڪمل طور فنا ٿي چڪي آهي. يا وري هو بي هٿيار ۽ لاچار ٿي چڪي آهي. ايم ڪيو ايم پاڻ کي زنده رکڻ ۽ پنهنجي آبادي مٿان طلسمي چار کي ٻيهر جوڙڻ لاءِ خوفناڪ سازشون سٽي سگهي ٿي. هُن وٽ اڃ بہ سوين هٿياربند موجود آهن، جيڪي في الحال حڪومتي ڪارروائي جي نتيجي ۾ منظر عام تان غائب ٿي ويا آهن يا وري ڇڙوڇڙ ڪاررواين ۾ مصروف آهن. هو عوام تي پنهنجو رُعب ڄمائڻ لاءِ ڪوبہ خونريز قدم ڪٽي

سگهن ٿا. ڳرن ۾ خوفناڪ هٿيارن کي استعمال ۾ آڻي سگهن ٿا. لساني فساد ڪرائڻ لاءِ سنڌين، پنجابين، پٺاڻن يا بلوچن مٿان ڪاهه ڪري سگهن ٿا. ايم ڪيو ايم پاڻ کي جيارڻ لاءِ پنهنجن ئي ماڻهن کي ماري اهو ڍنڍورو پٽي سگهي ٿي ته مٿن ڪنهن ٻئي لساني گروپ حملو ڪيو آهي. ان طرح هو ٻيهر اردو ڳالهائيندڙن کي خوف ۾ جذبات جي بنياد تي پنهنجي چوڌاري گڏ ڪري سگهي ٿي. ان ڪري حڪومت کي دهشتگردن خلاف هڪ طرف اثرائتي ڪارروائيءَ کي جاري رکڻ گهرجي ته ٻئي طرف اردو ڳالهائيندڙ آبادي مان اعتدال پسند ماڻهن ۾ قيادت کي اڳتي اچڻ جو موقعو مهيا ڪرڻ گهرجي. خود دهشتگردن خلاف ڪارروائي دوران ان ڳالهه کان سختيءَ سان پاسو ڪرڻ گهرجي ته جيئن ان سان عام اردو ڳالهائيندڙ آبادي متاثر نه ٿئي. گذريل ڪجهه هفتن کان هلندڙ ڪارروائي ڪنهن به طرح بهتر ۽ سودمند چئي نه ٿي سگهجي. اردو ڳالهائيندڙ علائقن جا گهيرا ڪري گهرن ۾ گهڙي بنا ڪنهن تميز جي بي گناهه نوجوانن جون گرفتاريون ڪرڻ، ساڻن بي عزت ڪرڻ وارو رويو اختيار ڪرڻ حڪومت ۾ قانون لاڳو ڪندڙ ادارن خلاف نفرتن کي جنم ڏئي رهيو آهي. ان سان اڻ سڌي طرح اردو ڳالهائيندڙن کي دهشتگردن جي ڪئمپ ۾ واپس ڌڪيو پيو وڃي. ڪين اڪيلائپ، ويڳاڻپ ۾ ڌارئي هجڻ واري احساس منجهه متبلا ڪيو پيو وڃي. ان ڪري دهشتگردن خلاف ڪارروائي دوران ان ڳالهه کي يقيني بنايو وڃي ته عام ماڻهو ان عمل منجهان سُڪون ۽ فرحت محسوس ڪن. اردو ڳالهائيندڙ عام ماڻهن بابت اهو تاثر انتهائي خوفناڪ نتيجن کي جنم ڏيندو ته هو سڀ جو سڀ ايم ڪيو ايم جي دهشتگرد ونگ جا ميمبر آهن. جيستائين دهشتگردن ۽ عام ماڻهن کي الڳ الڳ سمجهي، ڪارروائي جي موجوده طريقيڪار کي تبديل نه ڪيو ويندو، تيستائين بهتر نتيجا نڪري نه ٿا سگهن.

(چيپيل روزاني عوامي آواز ڪراچي، 25 آگسٽ 1995ع)

★★★

## سچي ڪراچي دهشتگرديءَ جو شڪار آهي؟

ڪراچيءَ بابت عام تاثر اهو ڏنو ويندو آهي ته ان تي مڪمل طرح ايم ڪيو ايم ۽ ان جي دهشتگرد ٽولي جو قبضو آهي. هو جڏهن به چاهي سچي ڪراچيءَ جو وهنوار ۽ شهري زندگي مفلوج ڪري سگهي ٿو. هيل تائين نام نهاد قومي پريس به ان تاثر کي پڪو پختو ڪرڻ جي شعوري طور ڪوشش ڪئي آهي ته سچو شهر دهشتگرديءَ جي لپيٽ ۾ آهي. جيتوڻيڪ حقيقت ان جي بلڪل برعڪس آهي.

ڪراچي شهر پنجن ضلعن تي مشتمل آهي. جنهن ۾ ضلعو ڏکڻ، ضلعو اوڀر، ضلعو اولهه، ضلعو سينٽرل ۽ ضلعو ملير شامل آهن. پنجن ئي ضلعن ۾ 84 پوليس ٿاڻا موجود آهن. يعني هي شهر هڪ نه پر 84 شهرن جو هڪ گڏيل مجموعو آهي. ان ڪري هن شهر بابت تجزيو ڪرڻ، ان جي سياسي سماجي ۽ معاشي بيهڪ تي نظر وجهڻ لاءِ ان پسمنظر ۾ ئي ڏسڻو پوندو.

گذريل ڪن سالن کان ڪراچيءَ جا جيڪي ضلعا يا علائقا (ٿاڻا) دهشتگرديءَ کان متاثر ٿيا آهن، انهن جو انگ پُرامن علائقن کان تعداد ۾ انتهائي گهٽ آهي. جنهن ڪري سچي شهر ۽ ان ۾ رهندڙ مڙني ماڻهن تي دهشتگرديءَ جي تهمت مڙهڻ يا سيني لاءِ گڏيل راءِ قائم ڪرڻ، هن شهر جي ماڻهن سان انتهائي وڏي ناانصافي ۽ بي واجبي ٿيندي.

اسان هتي ضلعي ۽ ٿاڻي جي بنياد تي شهر جو تجزيو ڪرڻ جي ڪوشش ڪنداسين، جيئن ايم ڪيو ايم جي ان موقف کي غلط ثابت ڪري سگهجي ته سچي شهر تي سندن ڪنٽرول آهي ۽ هو هتي رهندڙ مڙني ماڻهن جي قسمت جا مالڪ آهن.

ڪراچي ضلعي ڏکڻ ۾ 23 پوليس ٿاڻا موجود آهن. جن مان گارڊن ٿاڻي کي ڇڏي باقي 22 ٿاڻا دهشتگردي ۽ ايم ڪيو ايم جي احتجاجي ۽ پيچ ڏاهه واري سياست کان آجا آهن. گارڊن ٿاڻي واري علائقي تي به ايم ڪيو ايم جو مڪمل ڪنٽرول موجود ناهي. پر ڪڏهن ڪڏهن هن ٿاڻي جي حد ۾ دهشتگرديءَ جون ننڍيون وڏيون وارداتون ٿيون آهن. باقي ٿاڻن يا علائقن ۾ آرام باغ، آرٽلري ميدان، بلوچ ڪالوني، بغدادي، چاڪيواڙو، سول لائين، ڪلفٽن، درخشان، ڊفينس، عيدگاهه، فريئر، گذري، ڪلاڪوٽ، ڪلري، کارادر، محمود آباد، ميٺادر، نبي بخش، نيپئر، پريڊي، رسالا ۽ صدر ٿاڻا نسبتن پُرامن رهيا آهن. هنن علائقن ۾ گڏيل آبادي رهائش پذير آهي، جنهن ۾ سنڌي، بلوچ، پٺاڻ، پنجابي ۽ اسماعيلي برادري سان واسطو رکندڙ

ماڻهو ۽ انتهائي گهٽ تعداد ۾ اردو ڳالهائيندڙ رهندڙ آهن. هن ضلعي کي ڪراچيءَ جو مجموعي طور پر امن ضلعو قرار ڏنو ويندو آهي. جنهن تي ايم ڪيو ايم جي زبردستي ڪرايل هڙتال به گهٽي پاڳي اثر انداز نه ٿيندي آهي.

ضلعي اوڀر ۾ 20 پوليس ٿاڻا يعني علائقا موجود آهن. جن مان 7 ٿاڻن کي ڇڏي ڪري باقي 13 ٿاڻا يا علائقا ايم ڪيو ايم جي دهشتگردي کان آجا رهيا آهن. ضلعي اوڀر جا الفلاح، برگيڊ، ڪورنگي، ملير، ماڊل ڪالوني، نيو ٽائون، شاهه فيصل ڪالوني علائقا ايم ڪيو ايم جي احتجاجي سياست ۽ دهشتگردي وارين ڪارروائين سان متاثر ٿيندا رهيا آهن. انهن علائقن مان به برگيڊ، ڪورنگي ۽ شاهه فيصل ڪالوني زياده متاثر رهندا آهن، جڏهن ته باقي 5 علائقن ۾ صورتحال ڪڏهن ڪڏهن خراب ٿيندي آهي. جڏهن ته عزيز ڀٽي، بهادر آباد، فيروز آباد، گلشن اقبال، جمشيد ڪوارٽر، ڪورنگي انڊسٽريل ايريا، لانڍي، ڪوڪراپار، موبينا ٽائون، سولجر بازار، ٽيپو سلطان ۽ زمان ٽائون گهٽي قدر پرامن علائقا رهيا آهن. انهن علائقن ۾ جيتوڻيڪ ايم ڪيو ايم جو اڌ کان وڌيڪ ووٽ بينڪ موجود آهي، پر پوءِ به هنن علائقن کي دهشتگرديءَ جو شڪار قرار نه ٿو ڏئي سگهجي. ضلعي اوڀر تي مجموعي طور نظر وجهڻ سان جيڪا صورتحال سامهون اچي ٿي، اِها هيءَ آهي ته هن ضلعي جو اڌ کان گهٽ حصو نسل پرست دهشتگرديءَ جي ور چڙهيل آهي.

ڪراچي ضلعي اولهه ۾ 20 پوليس ٿاڻا موجود آهن جن مان 8 ٿاڻن کي ڇڏي ڪري باقي 12 ٿاڻا يا علائقا دهشتگردي کان بچيل آهن. ضلعي اولهه جا بلديه ٽائون، مومن آباد، اورنگي، اورنگي ايڪسٽينشن، پاڪ ڪالوني، پير آباد، سرجاني ٽائون ٿاڻا يا علائقا نسل پرست دهشتگردن هٿان سڌيو شڪار بڻبا رهيا آهن. جڏهن ته هاڪس بي، حب ريور، ڊاڪس، جيڪسن، منگهوپير، منوڙو، ماڙي پور، موچڪو، شير شاهه، سائيٽ ۽ ٽي پي ايڪس جا علائقا مڪمل طور ايم ڪيو ايم جي دهشتگرديءَ ۽ لاقانونيت واري لهر کان پاڪ رهيا آهن. مجموعي طور ضلعو اولهه جو اڌ کان گهٽ حصو دهشتگرديءَ جو شڪار آهي.

ڪراچي ضلعي سينٽرل ۾ 10 ٿاڻا موجود آهن. جنهن جا ذري گهٽ سڀ ٿاڻا يا علائقا دهشتگرد سياست جو ڳڙهه بڻيل آهن. جيڪڏهن ايئن چئجي ته ان ۾ ڪو به وڌاءُ نه ٿيندو ته هي ضلعو مڪمل طور تي ايم ڪيو ايم جي احتجاج، ڀڃ ڊاهه، قتل ۽ غارتگري واري سياست جو ڳڙهه بڻيل آهي. هن ضلعي ۾ گلبهار (نئين گوليمار)، گلبرگ، جوهر آباد، خواجه اجمير نگري، لياقت آباد، ناظم آباد، نيو ڪراچي، نارٿ ناظم آباد، شريف آباد ۽ تيموريه شامل آهن.

ڪراچي جو نئون ٺهيل ضلعو ملير 11 ٿاڻن تي مشتمل آهي. جيڪڏهن هن علائقي کي ڪراچي جو سڀ کان پُرامن ضلعو قرار ڏجي ته ان ۾ ڪو به وڌاءُ نه ٿيندو. هن ضلعي ۾ صرف هڪ علائقو ملير سٽي دهشتگردي کان متاثر ٿيندو رهيو آهي، جڏهن ته ٻيا علائقا تقريبن پرامن رهيا آهن ۽ انهن علائقن ۾ گڏيل آباديون موجود آهن. انهن آبادين ۾ به وڏي ۾ وڏو تعداد سنڌي ماڻهن جو رهندڙ آهي. هي اڪثريتي طور تي سنڌي ماڻهن جو ضلعو قرار ڏئي سگهجي ٿو. ڇاڪاڻ ته هن ضلعي ۾ سنڌين جا وڏا وڏا ڳوٺ ۽ آباديون موجود آهن. ملير ضلعي ۾ ايئرپورٽ، ڪنٽونمينٽ، گلزار هجري، ملير سٽي، ميمڻ ڳوٺ، سڪن، بن

قاسم، اسٽيل ٽائون، گڏاپ، قائد آباد ۽ ابراهيم حيدري شامل آهن.

ڪراچي جي پنجن ضلعن مان ٻه ضلعا يعني ڏکڻ ۽ ملير مڪمل طور تي دهشتگرديءَ کان آجا قرار ڏئي سگهجن ٿا، جڏهن ته ضلعي اوڀر ۽ ضلعي اولهه جا اڌ اڌ حصا نسل پرست لاقانونيت جو شڪار آهن، باقي هڪ ضلعو سينٽرل مڪمل طور تي دهشتگردن جو ڳڙهه بڻيل آهي. ان تجزئي جي بنياد تي اها ڳالهه ثابت ٿئي ٿي ته مجموعي طور تي ڪراچيءَ جا 2 ضلعا ايم ڪيو ايم جي دهشتگردي واري سياست جي ور چڙهيل آهن ۽ ٽي ضلعا ان کان مڪمل طور تي آجا آهن. اسان جيڪڏهن علائقن ۽ ٿاڻن جي حساب سان ورچ ڪريون ته ڪراچي جي 84 ٿاڻن مان 27 ٿاڻن کي ڇڏي ڪري باقي 54 ٿاڻا ايم ڪيو ايم جي دهشتگردي کان آجا رهندا آيا آهن يا ان جي مڪمل اثر هيٺ نه آهن. اتي گڏيل آباديون رهندڙ آهن، يا وري جيڪڏهن ڪنهن ڪنهن هنڌ اردو ڳالهائيندڙ اڪثريت ۾ به آهن ته هو ايم ڪيو ايم جي دهشتگرديءَ واري سياست جي اثر هيٺ نه آهن.

هي سڄو منظر نامو ظاهر ڪري ٿو ته سڄو شهر دهشتگردن جي هٿن ۾ يرغمال نه آهي. نه وري هتي رهندڙ سڄي آبادي ايم ڪيو ايم جي نسل پرست سياست جي حمائتي آهي. ان ڪري سياستدانن ۽ نام نهاد قومي پريس کي حقيقتن کي لتاڙڻ کان پاسو ڪرڻ گهرجي. هيل تائين گهٽي پاڳي شهر جا اُهي علائقا ئي مهاجر تنظيمن ۽ فرقيوار جماعتن وچ ۾ ويڙهه ۽ دهشتگردي جو شڪار رهيا آهن، جن ۾ اڪثريت اردو ڳالهائيندڙن جي رهندڙ آهي. اردو آبادي جي اڪثريتي علائقن ۾ جبري چندن جي وصولي، هڪ ٻئي جي مخالفن کي اغوا ڪرڻ، مارڻ، گهر ۽ دڪان ساڙڻ، واپارين، دڪاندارن، ريڙهي وارن کي ڪاروبار بند رکڻ تي مجبور ڪرڻ وارا ڪي ٻيا نه پر اردو ڳالهائيندڙن جا پنهنجا ئي نام نهاد خير خواهه ۽ سندن تنظيمون آهن.

ڪراچي کان ٻاهر رهندڙ ماڻهن ۾ اهو تاثر پيدا ڪيو ويو آهي ته دهشتگردي سبب سڄو شهر ان جي لپيٽ ۾ اچي ويندو آهي ۽ سڄي ڪراچي جو ڪاروبار ۽ عام زندگيءَ جو وهنوار ٺپ ٿي ويندو آهي، ڪنهن به طرح حقيقي صورتحال جو عڪس پيش نه ٿو ڪري. جنهن وقت ڪراچي جي چوٿائي حصي جي آبادين کي دهشتگردي جو شڪار بڻايو ويندو آهي، بلڪل ان ئي وقت سڄو شهر، ان جو واپار، ٽرانسپورٽ، آفيسون، صنعتي ادارا، بندرگاهه، هوائي اڏو، ڪاروباري مرڪز ۽ بازارون کليل هونديون آهن. اتان جي ماڻهن کي اها به خبر نه پوندي آهي ته ڪورنگي، لياقت آباد، ناظم آباد يا گلبهار ۾ ڇا وهي واپرائجي رهيو آهي. ڪراچيءَ ڏانهن ايندڙ ويندڙ رستا ڪن هنڌن تي معمولي گڙٻڙ ڪانسواءِ بلڪل روان دوان رهندا آهن.

هي سڄو منظر نامو دهشتگردن، سندن آقائن، حمايتن ۽ نام نهاد قومي پريس جي انهن دعوائن کي رد ڪري ٿو ته ڪراچي شهر مڪمل طور هڪ دهشتگرد ٽولي جي هٿن ۾ يرغمال آهي ۽ هو جنهن وقت به چاهي سڄي شهري زندگي کي مفلوج ڪري سگهي ٿو.

(ڇپيل روزاني عوامي آواز ڪراچي، 30 آگسٽ 1995ع)

★★★

# ايم ڪيو ايم جي طوفاني پرچار جو توڙ ڪڍڻ جي ضرورت

ايم ڪيو ايم جي اڳواڻ الطاف حسين مهاجرن (اردو ڳالهائيندڙن) لاءِ سنڌ جي حدن اندر الڳ وطن جوڙڻ لاءِ پرڏيهي قوتن جي مدد حاصل ڪرڻ خاطر ڪوششون وٺڻ شروع ڪيون آهن. هُن مهاجرن کي الڳ قوم تسليم ڪرائڻ ۽ سندن لاءِ الڳ جاگرافيائي خطو حاصل ڪرڻ لاءِ چين جي صدر جيانگ زيمن، وزيراعظم لي پنگ، گڏيل قومن جي سيڪريٽري جنرل بطرس غالي، آمريڪا جي خاتون اول هيلري ڪلنٽن سميت بيجنگ ۾ ٿيندڙ عورتن جي عالمي ڪانفرنس ۾ شرڪت ڪندڙ ملڪن جي سربراهن کي مدد ۽ سهڪار ڪرڻ لاءِ الڳ الڳ خط لکيا آهن.

مهاجر تنظيم جي اڳواڻ عورتن جي عالمي ڪانفرنس ۾ شريڪ ٿيندڙ حڪومتي نمائندن ۽ سماجي تنظيمن جي اڳواڻن کي اهي خط ان وقت روانا ڪيا آهن، جڏهن وزيراعظم بينظير ڀٽو ڪانفرنس ۾ افتتاحي خطاب ڪرڻ لاءِ چين رواني ٿي چڪي آهي. الطاف پنهنجن خطن ۾ پاڪستان حڪومت ۽ قانون لاڳو ڪندڙ ادارن سميت عدالتي نظام تي زبردست الزام تراشي ڪندي پرڏيهي ملڪن ۽ گڏيل قومن جي اداري تي زور ڀريو آهي ته هو ”مهاجر قوم“ لاءِ الڳ ”مهاجر وطن“ حاصل ڪرڻ واري جدوجهد ۾ سندس ساٿ ڏين ۽ پاڪستان حڪومت کي مهاجرن مٿان ظلم ۽ زيادتيون بند ڪرڻ لاءِ پنهنجو اثر ۽ رسوخ استعمال ڪن.

ايم ڪيو ايم جي اڳواڻ طرفان هي ڪو پهريون ڀيرو ملڪ ۽ ان جي آئين خلاف بغاوت نہ ڪئي وئي آهي، پر هن کان اڳ بہ هُو افغانستان جي صدر برهان الدين رباني کي ڪراچي جي صورتحال کي ”بهتر“ بنائڻ ۽ مهاجرن کي ”حق“ ونرائي ڏيڻ لاءِ مدد جي اپيل ڪري چڪو آهي. جڏهن تہ ايم ڪيو ايم (الطاف) هلندڙ مهيني پاڪستان حڪومت، ان جي فوج، عدليه ۽ ٻين ادارن خلاف عالمي سطح تي احتجاج جو هفتو ملهائڻ جو اعلان ڪيو آهي. ان احتجاجي هفتي دوران عالمي سطح تي مهاجرن جي الڳ وطن لاءِ راهِ هموار ڪئي ويندي. مهاجرن سان نام نهاد ظلم ۽ متڀيد وارين ڪارروائين کي بنياد بڻائي نہ صرف پاڪستان کي دنيا اندر بدنام ڪيو ويندو، پر ان کي توڙڻ لاءِ عالمي حمايت حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ويندي.

نسل پرست تنظيم جي قائد الطاف، سنڌ اندر مهاجرن لاءِ الڳ وطن جون جيڪي سرحدون بيان ڪيون آهن ۽ هو جن علائقن تي بد نظر وجهيو ويٺو آهي. اُن جو هُن عورتن جي عالمي ڪانفرنس جي سربراهه ڊانهن لکيل خط ۾ اظهار ڪيو آهي. الطاف موجب ڪراچي، حيدرآباد، نواب شاهه ۽ سکر وارن علائقن ۾ مهاجر اڪثريت سان رهائش پذير آهن، ان ڪري انهن علائقن کي ”مهاجر وطن“ ۾ شامل ٿيڻ گهرجي. الطاف جي ان نام نهاد ”مهاجر وطن“ جون سرحدون هندستان سان ملندڙ هونديون. اُن ڪري هو ان حاصلات لاءِ پاڪستان جي دشمن ملڪ ڀارت جي مدد جو خواهشمند رهيو آهي.

ڪيترائي ڀيرا پاڪستان حڪومت ۽ ان جا ڳجها ادارا ان ڳالهه جا ثبوت مُهيا ڪري چڪا آهن ته ايم ڪيو ايم جا نه صرف ڀارت سان گهاٽا رابطا آهن، پر ڀارت هن تنظيم جي ڪارڪنن کي فوجي تربيت ڏئي رهيو آهي. جيئن ڪين ڪنهن به وقت پنهنجن مڪروه مفادن لاءِ استعمال ڪري سگهجي. ايم ڪيو ايم جي ڀارت سان ڳجهن رابطن واري منظر ۾ اسان کي افغانستان جي ڪردار کي به نه وسارڻ گهرجي. ڪجهه اعليٰ سطحي ذريعن ان ڳالهه جو انديشو ظاهر ڪيو آهي ته افغانستان جي حڪومت ۽ ٻيون جنگباز قوتون ڀارت جي آشيرواد سان قبائلي علائقن ذريعي ايم ڪيو ايم کي هٿيار ۽ گولا بارود پهچائي رهيون آهن. پاڪستان ۽ ڀارت جي گڏيل سرحد تي سخت حفاظتي اپائن سبب افغانستان ذريعي ايم ڪيو ايم کي هٿيار رسائڻ کي وڌيڪ سولو ذريعو قرار ڏنو پيو وڃي.

هن وقت جڏهن ڪراچيءَ ۾ امن جي قيام لاءِ حڪومت ۽ ايم ڪيو ايم وچ ۾ ٻيهر ڳالهيون شروع ٿي چڪيون آهن، ان ڳالهه جو انديشو ظاهر ڪيو پيو وڃي ته ايم ڪيو ايم قيادت ڪنهن نه ڪنهن بهاني سان ڳالهين جي عمل مان فرار ٿيڻ جي ڪوشش ڪندي. ڇاڪاڻ ته هيل تائين هو ”امن لاءِ سرچاءُ“ واري ڏس ۾ گهٽي سنجيده نه رهي آهي. سياسي مبصرن موجب ايم ڪيو ايم ڳالهين ذريعي حاصل ٿيندڙ وقت ۽ نرمي دوران پنهنجي طاقت جمع ڪرڻ، ٽڙيل ۽ منتشر قوت کي ٻيهر متحده ڪرڻ تي وڌيڪ ڌيان ڏيندي آهي. جيئن حڪومت ۽ ان جي ادارن تي ڀرپور تياري سان ٻيهر حملي آور ٿي سگهجي. ايم ڪيو ايم جي حڪمت عملي ۽ ان سان لاڳاپيل نيت ڪهڙي به هجي، پر ڳالهين جي ڇهين دؤر دوران هُن ٻيهر بليڪ ميلنگ ۽ دٻاءُ وارن حُربن کي استعمال ڪرڻ شروع ڪري ڏنو آهي. تنظيم جي هڪ عورت ڪارڪن سيما زرين جي گرفتاري کي مسئلو بنائي ٻيهر هڙتال ڪرائڻ، ساڙ‌ٻار ۽ هنگامن جي تياري ڪئي پئي وڃي. عوام کي اشتعال ڏيارڻ لاءِ پنهنجا پراڻا حُربا استعمال ڪيا پيا وڃن.

ڪراچي سميت سنڌ جي ٻين اندرين علائقن ۾ ايم ڪيو ايم تيزي سان پنهنجو اثر وڃائي رهي آهي. ايم ڪيو ايم قيادت کي اڳ جنهن نموني اردو ڳالهائيندڙن جي جذبن سان کيڏڻ ۾ ڪاميابي حاصل ٿيندي هئي، اُها ڏينهون ڏينهن گهٽجي رهي آهي. گذريل مهيني هڙتال لاءِ ڏنل سڏ جي موٽ ان جو وڏو ثبوت مهيا ڪيو آهي. ڇاڪاڻ ته نه صرف ڪراچيءَ ۾ عوام زبردستي هڙتال کان لاتعلق ۽ بيزار رهيو، پر حيدرآباد، نوابشاهه، سکر ۽ ميرپور خاص ۾ به ڪو ردعمل نظر نه آيو. جنهن ڪري سياسي مبصرن موجب ايم ڪيو ايم جي زور زبردستي هڙتال ڪرائڻ وارو اثر هاڻ صرف ڪراچيءَ جي مهاجر آباديءَ وارن علائقن تائين محدود

ٿي چڪو آهي. جيڪڏهن حڪومت اردو ڳالهائيندڙن جي اڪثريت وارن علائقن ۾ عوام کي تحفظ مهيا ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي وڃي ته دهشتگردي ۽ دباءُ جي ذريعي ايم ڪيو ايم پاڻ کي گهڻو وقت زنده رکي نه ٿي سگهي.

هن وقت، جڏهن حڪومت ۽ ايم ڪيو ايم وچ ۾ ڳالهيون هلندڙ آهن ته حڪومت کي وڌ کان وڌ ان ڳالهه تي ڌيان ڏيڻ گهرجي ته ايم ڪيو ايم جي ملڪ کان ٻاهر ٿيندڙ پاڪستان دشمن پرچار جو اثرائتو توڙ ڪيو وڃي. نه صرف ايم ڪيو ايم جي انسان دشمن عملن کان ملڪ جي عوام کي باخبر رکيو وڃي، پر عالمي سطح تي به ان کي وائکو ۽ نروار ڪرڻ گهرجي. سياسي تنظيم جي ويس ۾ ايم ڪيو ايم جيڪي انسانيت دشمن ڪارروايون ڪري رهي آهي، انهن کي ثبوتن سان دنيا جي آڏو آندو وڃي. ٻاهرين ملڪن ۾ موجود پاڪستاني سفارتخانن مٿان ذميواري عائد ڪرڻ گهرجي ته هو ايم ڪيو ايم جي بي بنياد ۽ گهڻ طرفي پرچار کي ثبوتن سان رد ڪن. ريڊيو، ٽي وي، وڊيو فلمن، اشاعتي سلسلن ۽ اخبارن ذريعي نه صرف ايم ڪيو ايم جي ملڪ دشمن ڪارواين کي منظر عام تي آندو وڃي، پر هُن پنهنجي منظم دهشتگرديءَ ذريعي سنڌين، پنجابين، پٺاڻن، بلوچن سميت اردو ڳالهائيندڙن سان جيڪي ڪيس ۽ ڪلور ڪيا آهن، تي کي به نروار ڪيو وڃي.

ايم ڪيو ايم هيل تائين پروپيگندا جي طوفان ذريعي نه صرف مجيل حقيقتن جي سڌي سنئين لتاڙ ڪئي آهي، پر انتهائي مهارت ۽ فنڪاري سان پاڻ کي مظلوم ثابت ڪرڻ ۾ به چڱي خاصي ڪاميابي حاصل ڪئي آهي. جيستائين ايم ڪيو ايم جي طوفاني پرچار جو توڙ نه ڪيو ويندو، تيستائين عالمي سطح تي حڪومت پاڻ کي نام نهاد انساني حقن جي لتاڙ واري هاءِ گهوڙا کان بچائي نه ٿي سگهي. انساني حقن جي عالمي ادارن جي مبصرن کي نه صرف اصلي صورتحال کان آگاهه ڪيو وڃي، پر کين هتي اچڻ جي دعوت ڏئي، انهن ماڻهن سان ملايو وڃي، جيڪي ايم ڪيو ايم جي دهشتگرديءَ جو شڪار ٿيا آهن. انهن علائقن جو دورو ڪرايو وڃي، جتي ايم ڪيو ايم متوازي حڪومت قائم ڪري ٽارچر سيل ٺاهيا، خانگي جيل جوڙيا، ماڻهن کي رڍن ۽ ٻڪرين وانگر ڪٺو. ماڻهن جي گهرن تي ناجائز قبضا ڪيا، واپارين، دڪاندارن ۽ ريڙهين وارن کان زبردستي ڀتا ۽ ڀنگ وصول ڪيا آهن. ان ڳالهه ۾ ذري برابر به شڪ نه آهي ته ايم ڪيو ايم ملڪ دشمن ۽ دهشتگرد تنظيم آهي، پر ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته ان جي اصلي ڇهري کان ملڪ جي عوام سميت ڏيهه پرڏيهه جي ماڻهن کي انگن اکرن ۽ ثبوتن سان واقف ڪيو وڃي. ان سان گڏوگڏ اردو ڳالهائيندڙ آبادي جي اهڙي قيادت کي اڳيان آڻي عوام جا بنيادي مطالبا ۽ گهرون تسليم ڪيون وڃن، جيڪي ملڪي سالميت، سنڌ جي وحدت، امن ۽ ڀائيچاري ۾ پختو يقين رکندڙ هجن. ڇاڪاڻ ته جيستائين گهڻ طرفا اپاءُ نه ورتا ويندا، تيستائين ڪراچيءَ کي مڪمل امن، سُڪون ۽ خوشحالي نصيب ٿي نه ٿي سگهي.

(ڇپيل روزاني عوامي آواز ڪراچي، 5 سيپٽمبر 1995ع)

***

## بدامني ڦهلائيندڙن کي انعام ڏيڻ جو اعلان

سنڌ جي گاديءَ واري شهر ڪراچيءَ ۾ هڪ گروهه طرفان تشدد، لاقانونيت، ڪوڙي ۽ بي بنياد واويلا ۽ هاءِ گهوڙا نه صرف سنڌ پر وفاقي حڪومت جي پاليسين تي به اثر انداز ٿي رهي آهي. هڪ مخصوص گروهه جي بليڪ ميلنگ ۽ ڌماچوڪڙيءَ جو ڪو انصاف پريو نبيرو ڳولڻ بدران ڪين مختلف هيلن بهانن، لالچن ۽ رعايتن ذريعي رام ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي. ڪجهه ڏينهن اڳ ايم ڪيو ايم سان ڳالهيون ڪندڙ حڪومتي ٽيم جي نمائندي جناب اين ڊي خان فرمايو هو ته ڪراچيءَ جي نوجوانن مان بي روزگاري ختم ڪرڻ لاءِ ڪين 50 هزار ملازمتون ڏنيون وينديون. ان ئي اعلان کان اڳ سنڌي جي وڏي وزير سيد عبدالله شاهه، حيدرآباد ۾ هڪ تقريب کي خطاب ڪندي دهشتگرديءَ ۾ ملوث ماڻهن کي صلاح ڏني هئي ته هو هٿيار ڦٽا ڪري پيش پون ته ڪين ملازمتون ڏنيون وينديون. جڏهن ته وزيراعظم محترما بينظير ڀٽو ڪراچيءَ لاءِ اڳ ئي ڪيئي ارب روپين جي پيڪيج جو به اعلان ڪري چڪي آهي.

اسان حڪومت طرفان ڪراچيءَ جي ترقيءَ لاءِ پيڪيج ۽ هتان جي نوجوانن کي ملازمتون ڏيڻ واري اعلان تي ارها ناهيون. اسان جي هميشه کان اها خواهش ۽ گهر رهي آهي ته ڪراچيءَ سميت سڄي سنڌ، پر پورو پاڪستان ترقيءَ ۽ تعمير جون منزلون طئه ڪري، ملڪ جي ڪنڊ ڪڙڇ مان بي روزگاريءَ جو خاتمو آندو وڃي. ڪنهن به مخصوص گروهه بدران سڄي ملڪ جي عوام کي بنا ڪنهن مت ڀيد جي ترقيءَ ۽ خوشحاليءَ جا موقعا ميسر ٿيڻ گهرجن. خاص ڪري انهن علائقن تي وڌيڪ ڌيان ڏيڻ جي ضرورت آهي، جن کي ماضيءَ ۾ ڪن مخصوص بنيادن تي يا ته نظرانداز ڪيو ويو آهي يا وري هٿ وٺي ڪين تباهيءَ جي ڪنڌيءَ تي پهچايو ويو آهي.

هتي اسان اندرين سنڌ خاص ڪري ڪراچيءَ جي قديم رهواسين سان وقت بوقت ٿيل زيادتين، ارهه زوراين، ڪين زندگيءَ جي هر شعبي ۾ پوئتي ڌڪڻ، اجا به جيڪڏهن ائين چئجي ته سندن وجود ميسارڻ وارين سازشن ۽ مڪارين ڏانهن حڪمرانن جو ڌيان ڇڪائڻ جي ضرورت محسوس ڪيون ٿا. ڇاڪاڻ ته هتان جي قديم باشندن کي ان ڪري نظرانداز ڪيو ويو آهي، جو هو احتجاجن، هڙتالن، بليڪ ميلنگ ۽ هاءِ گهوڙا واري سياست کان پاسيرا رهيا آهن. جڏهن ته اسان جي ملڪ جي حڪمرانن، ڪامورن ۽ سياستدانن جو مزاج ئي ڪجهه ان قسم جو جڙيل آهي، جو جيستائين ڪين ڪنهن بهتر قدم کڻڻ جي لاءِ بدتر حالتن جي منهن

مقابل نہ ڪيو ويندو آهي، تيستائين هو پنهنجي فرض کان غافل رهندا آهن.

پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ ڪراچيءَ ۾ جيڪي بہ هائوسنگ اسڪيمون ٺهيون، تن سبب سنڌين جا گهٽ ۾ گهٽ 150 کن قديم ڳوٺ ۽ انهن جون زرعي زمينون والار هيٺ اچي ويون. قديم رهواسين کي شهري آباديءَ کان الڳ ٿلڳ رکڻ ۽ سنڌن شهري ڪردار کي ئي ختم ڪرڻ لاءِ مختلف هيلن بهانن سان ڪين ڳوٺ ڇڏائڻ ۽ لڏائڻ جو عمل جاري رهيو. جيڪو اڄ تائين ڪنهن نہ ڪنهن شڪل ۾ موجود آهي.

سنڌ جي گاديءَ واري شهر مان ورهاڱي کان پوءِ اٽڪل 500 سنڌي ميڊيم اسڪول مرڳو ختم ڪيا ويا يا وري اردو ميڊيم ۾ تبديل ڪيا ويا. جنهن ڪري هي شهر پنهنجن ئي ڌٽين ۽ مالڪن لاءِ ڏينهون ڏينهن اوپرو بڻجندو ويو. تان جو صورتحال اتي وڃي رسي جو هن شهر جا دعويدار ۽ مالڪ ئي ٻيا بڻجي ويا. جيڪي هاڻ اصل وارثن جي مستقبل بابت فيصلا ڪرڻ جا حقدار بڻجي ويٺا آهن.

ڪراچيءَ جي ماڻهن کي فيضياب ڪرڻ بابت جيڪي بہ اعلان ۽ اقرار ڪيا پيا وڃن ۽ شهر جي ترقيءَ ۽ تعمير لاءِ جيڪي پيڪيج جوڙيا ويا آهن، انهن بابت وضاحت ٿيڻ گهرجي ۽ عوام کي اعتماد ۾ ورتو وڃي، تہ ڇا اهي رعايتون ۽ فيضيابيون صرف هڪ خاص گروهہ لاءِ مخصوص هونديون يا انهن جي عمل ۾ اچڻ سان هن شهر ۾ صدين کان آباد ڳوٺن ۽ ان ۾ رهندڙ مسڪين ماڻهن جي قسمت ۾ بہ ڪا تبديلي ايندي. ڇاڪاڻ تہ هڙتالن، احتجاجن ۽ تشدد جي ڏنڊ ۾ ٿيندڙ اعلان هتان جي قديم باشندن جي دلين ۾ نون وسوسن ۽ انديشن کي جنم ڏئي رهيا آهن. ڪٿي ائين نہ ٿئي تہ بدامني ڦهلائيندڙن کي ان جي خاتمي جو تہ انعام ملي وڃي پر جيڪي ماڻهو بدامنيءَ جو ڪاچ بڻايا ويا آهن، تن کي صرف شرافت ۽ صبر جي توفيق ئي نصيب ٿئي. جيڪڏهن ان قسم جو ڪو بہ عمل موجوده دور يا ايندڙ مستقبل ۾ ورجايو ويو تہ اهو نہ صرف دهشتگرديءَ ۽ لاقانونيت ۾ ملوث ماڻهن جي حوصلي افزائي جو سبب بڻبو، پر ٻين پرامن ۽ شريف قسم جي ماڻهن کي بہ اها واٽ وٺڻ جي ترغيب ڏيڻ برابر ثابت ٿيندو. ڇاڪاڻ تہ جڏهن پنهنجو ننيڙي کان ننيڙو حق وٺڻ لاءِ بہ بندوق ڪڻڻ کان سواءِ ٻيو ڪو چارو نہ رهندو تہ پوءِ عام ماڻهو بس ۾ سيٽ حاصل ڪرڻ لاءِ بہ پستول ڪڍيو بيٺا هوندا.

اسان اڳ بہ چوندا آيا آهيون ۽ هاڻ بہ چئون ٿا تہ بي روزگاري صرف ڪراچيءَ جو مخصوص مسئلو ناهي. هيءُ نہ صرف سڄي سنڌ پر ذري گهٽ پوري ملڪ جو مسئلو آهي. ڪراچيءَ ۾ پوءِ بہ روزگار جا موقعا موجود آهن. خاص ڪري اردو ڳالهائيندڙ آبادي ملازمتن (خانگي توڙي سرڪاري)، واپار، هنر، ڪارخانيداريءَ ۾ اندروني سنڌ ۾ رهندڙ ماڻهن کان وڌيڪ اڳتي آهي. ڪراچيءَ ۾ تہ ماڻهن کي ٻہ ٻہ نوڪريون بہ آسانيءَ سان ملي وينديون آهن، پر سنڌ جي اندرين علائقن ۾ ماڻهو 1500 رپيا پگهار واري نوڪريءَ لاءِ بہ حيران ۽ پريشان هوندو آهي. هاڻي جيڪڏهن حڪومت هڪ مخصوص گروهہ جي پيچ ڏاهہ، هڙتالن ۽ بليڪ ميلنگ واري سياست جو شڪار ٿي سڀ ملازمتون ۽ ترقيءَ جا موقعا سنڌن مٿان گهورڻ گهري ٿي تہ اها ڳالهہ سڄي سنڌ جي عوام سان وڏي ناانصافي قرار ڏني ويندي. شرافت، حب الوطنيءَ، رواداريءَ ۽ امن پسنديءَ جو مظاهرو ڪندڙ ماڻهن جا حق جيڪڏهن هڙتالن ۽ تشدد جي ذوڙ هيٺان لٽجي ويا تہ ان سان

سنڌ ۾ وسيع پيماني تي اڪيلائي، محرومي ۽ ويڳاڻپ وارو احساس پيدا ٿي سگهي ٿو. جيڪو اڳتي هلي ملڪ جي سالميت ۽ استحڪام لاءِ سنگين صورتحال کي جنم ڏئي سگهي ٿو.

ان ڪري حڪومت کي دهشتگرديءَ ۽ لاقانونيت ختم ڪرڻ لاءِ وسيع تر آباديءَ جا حق ڪنهن بليڪ ميلر گروهه کي انعام طور ڏيڻ کان پاسو ڪرڻ گهرجي. ترقيءَ، تعمير ۽ ملازمتن جي ورڇ اهڙي بنياد تي ٿيڻ گهرجي، جنهن سان نه صرف ڪراچي پر سڄي سنڌ بنا ڪنهن مت ڀيد جي ضرورت پٽاندڙ هڪ جهڙا موقعا ماڻي سگهي. جتي لياقت آباد ۽ ناظم آباد کي اضافي سهوليتون ملن، اتي گهٽ ۾ گهٽ ڪاڇي ۽ ٿر جي ماڻهن کي به جيئڻ لاءِ بنيادي سهوليتون ته نصيب ٿي سگهن. ان سان گڏوگڏ ڪراچيءَ جي قديم باشندن جي مستقل بحاليءَ جا به بندوبست ٿيڻ گهرجن. سندن آبادين ۾ زندگيءَ جون سڀ بنيادي ضرورتون مهيا ٿيڻ گهرجن، ڪين روزگار ڪرڻ، ننڍيون ننڍيون صنعتون قائم ڪرڻ ۽ هنر سيکارڻ لاءِ خاص اپاءُ ورتا وڃن. ان سان گڏ ڪين پنهنجي مادري زبان سنڌيءَ ۾ پرائمري کان اعليٰ سطح تائين تعليم ڏيڻ جي سهوليت مهيا ڪئي وڃي. اعليٰ تعليمي ادارن ۾ سنڌي ٻوليءَ کي پنهنجي ڀرپور مڃتا ملڻ گهرجي. خاص ڪري اندرين سنڌ کان آيل سرڪاري ملازمن لاءِ ڪالونيون تعمير ڪري ڪين رهائش جي مستقل سهوليت مهيا ڪئي وڃي. ان سان نه صرف سنڌ جي گاديءَ واري شهر ۾ رهندڙ ديس ڌڻين ۾ محروميءَ واري احساس جو خاتمو ٿيندو پر هو به هتي رهندڙ ٻين ماڻهن سان ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي شهر جي تعمير ۽ ترقيءَ واري عمل ۾ شريڪ ٿي سگهندا.

دهشتگردن طرفان ڪوڙي ۽ بي بنياد واويلا جي اثاريل ڊوڙ ۾ سڄي سنڌ جي ماڻهن جا حق لٽجڻ نه گهرجن. بدامني ڦهلائيندڙن کي خوش ڪرڻ لاءِ انعامن جا اعلان ٿيڻ بدران بنا ڪنهن رياءَ جي انهن سيني ماڻهن ۽ علائقن سان انصاف ٿيڻ گهرجي، جن کي هيل تائين نظرانداز ڪيو ويو آهي. قومي وسيلن جي ورڇ کان اڳ اها جاچ ٿيڻ گهرجي ته هيل تائين ڪنهن پنهنجي حق کان به وڌيڪ رعايتون ماڻيون آهن ۽ ڪنهن کي صرف جيئڻ جو به حق نه ملي سگهيو آهي. ان لاءِ اعليٰ عدالتون موجود آهن. اچا ڪارا پڌرا ٿيڻ کان پوءِ ئي سيني ماڻهن کي انصاف ملي سگهي ٿو ۽ ساڻن ماضيءَ ۾ ٿيل زيادتين جو ازالو ڪري سگهجي ٿو. سنڌ ۾ مستقل امن لاءِ اهو ئي فارمولو سيني ماڻهن لاءِ قابل قبول ٿي سگهي ٿو. نه ته ٻي صورت ۾ بليڪ ميلنگ، دٻاءَ ۽ زور زبردستيءَ رستي رعايتون حاصل ڪرڻ جو سلسلو هڪ ڀيرو شروع ٿيو ته ان جي آڏو بند ٻڌڻ مشڪل بڻجي ويندو.

(ڇپيل روزاني عوامي آواز ڪراچي، 15 سيپٽمبر 1995ع)

★★★

## حڪومت – ايم ڪيو ايم ڳالهين ۾ تعطل: گهرو ويڙهه جي سازش

ايم ڪيو ايم حڪومت ڳالهيون ٻيهر رولڙي ۾ پئجي ويون آهن. ايم ڪيو ايم جي قيادت هن ڀيري ٻه ٻن دهشتگردن جي مارجي وڃڻ واري واقعي کي بنياد بنائيندي، حڪومت سان احتجاج طور ڳالهيون معطل ڪرڻ جو اعلان ڪيو آهي. ڳالهين ۾ ان تعطل سان ئي ڪراچيءَ جي رڳن ۾ دڪندڙ ٽاندن ٻيهر دونهون ڇڏڻ شروع ڪيو آهي. هڙتالن، ڦيٽا جام ۽ ننڍي وڏي دهشتگردي وارا هٿيار مڏا ٿيڻ ڪانپوءِ هن ڀيري ايم ڪيو ايم جي ڳالهين واري ٽيم جي سربراهه اجمل دهلوي ”گهرو ويڙهه“ ٿيڻ، ٻي معنيٰ ۾ شروع ڪرائڻ جو دڙڪو ڏنو آهي.

شهري نسل پرست تنظيم ڪراچيءَ ۾ امن جي قيام متعلق ڪيتري سنجيده آهي ۽ هن جي عوام سان ڪيتري خير خواهي رهي آهي. ان بابت هاڻ ڪنهن به شڪ جي گنجائش نه رهي آهي. هر هفتي ڪونه ڪو بهانو بڻائي رستن تي لاش ڪيرايا وڃن ٿا. گاڏيون ساڙيون وڃن ٿيون. زهريلا بيان ڏئي امن پسند ۽ قانون جي حڪمراني ۾ يقين رکندڙ ماڻهن کي مشتعل ڪرڻ جو ڪوبه موقعو هٿان نه ٿو وڃايو وڃي. ان سڀ ڪجهه ڪرڻ ڪانپوءِ به پاڻ کي مظلوم، بي قصور، محتاج قرار ڏيڻ لاءِ طوفاني واويلا ختم ٿيڻ جو نانءُ ئي نه ٿي وٺي. ٻيو ته ڇڏيو پر هن سڄي ڌماچوڪڙي ۾ پاڻ کي حق تي هئڻ، پنهنجي پوزيشن بهتر بنائڻ لاءِ ڳالهين جي ميز تي به موجودگي برقرار رکي پئي وڃي. جيئن دنيا کي اهو تاثر ڏنو وڃي ته هو ويچارا شريف، الله لوڪ، سڀ جي ڀلي وارا ۽ سرچاءَ لاءِ عالمي جمهوي اصول موجب ”ڳالهين“ ۾ يقين رکندڙ آهن. ان حڪمت عملي اختيار ڪرڻ تي ايم ڪيو ايم جي قيادت کي بنا ڪنهن هٻڪ جي داد ملڻ گهرجي. ڇاڪاڻ ته حڪومت به سندس ان حڪمت عملي جو توڙ ڪڍي نه سگهي آهي.

پلاءِ هي ڪا مذاق جي ڳالهه آهي، جو اوهان ڳالهين جي ميز تي به موجود هجو ۽ اوهان جون آڱريون ڪلاشنڪوف جي ٽرگر تي به هجن. ان سان گڏوگڏ نشرياتي ۽ اشاعتي ذريعن تي به اهڙو ڪنٽرول موجود هجي جو هو توهان جي ڪوڙ کي به سچ ثابت ڪرڻ لاءِ ڪمپيوٽر ۽ ڪلڪيوليٽر کڻيو حساب ڪتاب ڪندا وتن. حڪومت جا وزير، ڪامورا ڪڙا پنهنجي ڪل بچائڻ ۾ پورا هجن، روز وضاحتون ۽ معذرتون ڇپجنديون رهن. پوءِ به ڪاٽيارا اوهان نه پر حڪومت وارا ئي هجن.

ڪالهوڪي ڳالهه آهي ته ايم ڪيو ايم جي ڳالهين واري ٽيم جي سربراهه اجمل دهلوي ڳالهيون شروع

ٽيڻ ڪان اڳ چيو هو تہ جيڪڏهن اسان جا مطالبا پورا نہ ڪيا ويا تہ پوءِ غير ملڪي مداخلت ٿي سگهي ٿي. ملڪ جي وحدت خطري ۾ پئجي سگهي ٿي. پر ان جو حڪومتي ڌر ڪوبہ نوٽيس نہ ورتو. ائين محسوس ڪيو ويو تہ اهي ڌمڪيون مملڪت خدا داد پاڪستان ۾ ان جي هڪ صوبي سنڌ کي نہ پر سمنڊ پار ڪنهن بيواهي ملڪ يا رياست کي ڏنيون ويون هيون. امن جي خواهشمند عوام پوءِ بہ اعتراض نہ ڪيو ۽ ڳالهين جي جاري رهڻ کي بهتر عمل قرار ڏئي اهو زهريلو ڍڪ پيري ورتو. پر معاملو اتي بہ ختم نہ ٿيو، امن لاءِ هلندڙ ڳالهين دوران هر هفتي نہ صرف هڙتال ٿيندي رهي، پر جڏهن بہ حڪومت تي دٻاءُ وجهڻ جي ضرورت محسوس ڪئي وئي تہ هر روز جاري رهندڙ قتل عام کي وڌيڪ وسيع ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي. سنڌين پنجابين ۽ پٺاڻن کي ٻڌي جي حساب سان ماري نہ صرف حڪومت تي دٻاءُ وڌايو ويو پر تشدد کي "گهرو ويڙهہ" طرف ڌڪڻ جي سازش ڪئي وئي.

ڳالهين دوران ايم ڪيو ايم جي قيادت جو جيڪو بہ رويو سامهون آيو، تنهن مان اها ڳالهہ پڌري ٿي بيٺي تہ هو ڪنهن بہ طرح دليل جي بنياد تي ڏي وٺ ڪرڻ نہ ٿا چاهين. هو ڳالهين کي صرف پنهنجي پوزيشن بهتر بنائڻ ۽ پنهنجي دهشتگرد ونگ کي بچائڻ جو هڪ ذريعو سمجهن ٿا. جنهن ڪري ڳالهيون ڪنهن بہ نتيجي طرف وڌي نہ سگهيون آهن. هونئن بہ هڪ ڳالهہ عالمي طور تي مڃيل آهي تہ جڏهن بہ ڪن تڪراري ڌرين ۾ ڳالهين جو عمل شروع ٿيندو آهي تہ تحريڪن، احتجاجن، پيچ ڌاهہ ۽ خونريزي واري عمل کي اول پنجو ڏنو ويندو آهي. ان ئي شرط هيٺ ڳالهيون شروع ٿينديون آهن، پر هتي تہ ان جي بلڪل ابتڙ عمل پيو ٿئي. جنهن ڪري عوام اهو پڇڻ جو حق رکي ٿو تہ آخرڪار انهن بي نتيجا ڳالهين شروع ڪرڻ ۽ انهن کي جاري رکڻ جو ڪهڙو جواز آهي.

هڪ طرف ملڪ خلاف عالمي سطح تي گلا ۽ خواري جي پنڊي ٻاري وئي آهي، مختلف ملڪن ۾ پاڪستان، ان جي فوج، عدالتن ۽ سول انتظاميا خلاف بي بنياد پرچار ۽ مظاهرا ڪيا پيا وڃن. ٻئي طرف گڏيل قومن جي اداري، آمريڪا، چين، افغانستان سميت هڪ هڪ پاڪستان دشمن پاڙيسري ملڪ کي اڻ سڌي طرح مداخلت ڪرڻ جا نياپا موڪليا پيا وڃن. مٿان وري دهشتگردي ذريعي ڪراچي ۾ رهندڙ اصل ديس ڌڻين سنڌين، پنجابين، پٺاڻن ۽ بلوچن جو منظم قتل عام ڪري معاملي کي گهرو ويڙهہ ڏانهن ڌڪيو پيو وڃي.

هن سڄي صورتحال ۾ حڪومتي ڌر طرفان صرف انتظامي اپاءَ اختيار ڪرڻ يا ڳالهين کي منٿ ميڙ ذريعي جاري رکڻ عوام لاءِ ڪنهن بہ قسم جو آٿت ۽ ڏڍ ثابت نہ ٿو ٿئي. رٽائرڊ جنرل نصير الله بابر بہ پاڻ آزمائي چڪو آهي، اين ڊي خان پنهنجي ٽيم سميت عقل ۽ دليل جا سڀ گهوڙا ڊوڙائي ٿڪجي پيو آهي. هاڻ ٻڌايو وڃي تہ آخرڪار هن مصيبت مان عوام جي جند ڪيئن ڇٽندي؟ جيڪڏهن عوام کي ان جو سربستو ۽ اطمينان جوڳو جواب نہ مليو تہ پوءِ خدا نہ ڪري جو مسٽر اجمل دهلويءَ جو گڏريل ڏينهن وارو دڙڪو سچ ثابت ٿي پوي. چاڪاڻ تہ عوام ڪيستائين پاڻ کي ايئن بي يارو مددگار حالت ۾ ڏسڻ ۽ رهڻ جو جوکم برداشت ڪندو. پوءِ چا هڪ منظم دهشتگردي کي منهن ڏيڻ لاءِ عوام دفاعي ڪارروائي ڏانهن مائل نہ

ٿيندو! اسان انتهائي ڏک ۽ افسوس سان اها ڳالهه ڪرڻ گهرون ٿا ته ڪراچي ۾ دهشتگردي ڪندڙن، پرامن سنڌين، بلوچن، پنجابين ۽ پٺاڻن لاءِ ان ڪانسواءِ ٻي ڪا به واٽ نه ڇڏي آهي ته هو به پنهنجي ”خالص بچاءَ“ لاءِ اهو ڪجهه ڪن، جيڪو هيل تائين هنن برداشت ڪيو آهي. پوءِ صورتحال اها وڃي بيهندي جو هر ماڻهو چيله سان پسٽول ٻڌي گهمندو وتندو. بس ۾ سيٽ حاصل ڪرڻ لاءِ به هٿيار جو سهارو حاصل ڪرڻو پوندو. ماڻهو سڀ ڪم ڪار ڇڏي وتندا انهن عملن جي ذميوار ماڻهن کي ڳوليندا، جن کين هٿيار کڻڻ تي مجبور ڪيو آهي. پوءِ پاڻ ته بيروت، سرائيوو ۽ ڪابل کي به مات ڏئي ڇڏينداسين.

پر ڇا ان سان اجمل دهلويءَ جو سنڌ ورهائڻ وارو خواب پورو ٿي ويندو؟ يا ڪراچيءَ جي اردو ڳالهائيندڙ عوام جون نام نهاد مصيبتون ۽ مشڪلاتون ختم ٿي وينديون؟ اسان سمجهون ٿا ته ائين نه ٿيندو، ان گهرو ويڙهه مان وڏ ڪان وڏ نقصان اردو ڳالهائيندڙن جو ئي ٿيندو. هنن جا مسئلا حل ٿيڻ بدران نه صرف تمام گهٽا وڌندا پر هو پاڻ کي مڪمل اڪيلو ڪري چوطرف پنهنجن مخالفن جي تعداد ۾ اضافو آڻي ڇڏيندا. جيڪي تعداد ۽ طاقت جي لحاظ کان هر صورت ۾ ڪانئن وڌيڪ آهن. ان ڪري ايم ڪيو ايم جيڪڏهن واقعي پنهنجي اردو ڳالهائيندڙ ووٽرن جي خيرخواهه آهي ته ان کي پنهنجن مطالبن ميرائڻ لاءِ معاملي کي گهرو ويڙهه ڪرائڻ طرف ڌڪڻ بدران سياسي واٽ اختيار ڪرڻ گهرجي. ڇاڪاڻ ته ان سان نه صرف سنڌن ئي ووٽرن کي نقصان رسڻ جو انديشو آهي، پر خود ملڪ ۾ جمهوريت ۽ جمهوري ادارن جو وجود به داءَ تي لڳي سگهي ٿو. جنهن سان ڪنهن جو به فائدو نه ٿيندو. عوام دشمن قوتون اهڙي طرح پنهنجا من پسند مفاد حاصل ڪرڻ جو موقعو ته هٿ ڪري وٺنديون، پر ان سان هر نسلي ۽ لساني ڌر سان واسطو رکندڙ عوام سُک ۽ سانت کان محروم ٿي ويندو. ان ڪري حڪومت سميت مخالف ڌر ۽ ٻين مڙني ملڪ ۽ سنڌ جي گهڻ گهرين پارٽين، تنظيمن ۽ انفرادي ڪردار رکندڙ ذرين ۽ شخصيتن فرض عائد ٿو ٿئي ته هو ايم ڪيو ايم طرفان گهرو ويڙهه ڪرائڻ جي سازش کي ڪچيءَ ۾ ئي نه صرف اگهاڙو ڪن پر ان کي ناڪام بنائڻ لاءِ گس ۽ طريقا ڳولي لهن. ڇاڪاڻ ته هي صرف سنڌ جو معاملو ناهي، پر ان سان پاڪستان جي قسمت به لاڳاپيل آهي. خدا نه ڪري ته ملڪ جا دشمن عوام کي ويڙهائڻ ۽ نه ڪٽندڙ تشدد کي جنم ڏيڻ ۾ ڪامياب بنجي وڃن.

(ڇپيل، روزاني عوامي آواز، 1 آڪٽوبر 1995ع)

***

# اکين ۾ قيد تي ويل شهر جي ڪهاڻي

ڪراچي، جيڪو اڄ ڪالهه ”شهر خموشان“ طور ڏاڍي اهميت ماڻي چڪو آهي. ان جا ڏينهن ۽ راتيون هر گذرندڙ گهڙيءَ سان وڌيڪ اذيت ناڪ بڻجنديون پيون وڃن. شهر ڪي دوزخ جون امڙيون بچائيندڙ آرام ۾ آهن. حڪمران به چون ٿا ته روشنين واري اڪوٽي شهر جون رونقون موٽي رهيون آهن. حالتون ڪجهه قدر سڌريون آهن ۽ انهن جي بهتري جي اجا به اميد موجود آهي. پر منهنجي شهر جا ماڻهو ايڏا ته گهايل آهن، جو هنن ڪي سڪڻا آسرا به سيني ۾ بڙڇيون بڻجي رتورت ڪري رهيا آهن. ماڻهو هن آزاريندڙ صورتحال جا ايڏا ته هيراڪ بڻجي ويا آهن، جو جنهن ڏينهن ڪا خوفناڪ خبر ذهنن سان نه ٽڪرائبي آهي يا جنهن هفتي هڪ به ڏينهن ڪاروبار بند نه ٿيندو آهي ته ويچارا ماڻهو! اپاڻڪا بڻجي پوندا آهن. ننڍڙي واقعي تي به دڪانن جا شٽر هيٺ ٿيڻ شروع ٿيندا آهن ۽ رستن تان سواريون غائب ٿيڻ لڳنديون آهن. هن ڀڪندڙ ۽ ڇهڪندڙ شهر جا ماڻهو ايترا ته ماٺ ٿي ويا آهن، جو رستي هلندي يا گاڏين ۾ سفر ڪندي هڪ ٻئي سان ڪنهن مسئلي تي بحث ڪرڻ ته ڇا، پر سيٽ حاصل ڪرڻ لاءِ به اشارن جو سهارو وٺندا آهن. ائين لڳندو آهي ته ڪنهن پيئڻ بلا سندن ساهه ڦوڪي ڇڏيو هجي ۽ بي جان بت روبوٽ وانگر چرپر ڪندا رهندا هجن. ماٺ جي هن ننگر ۾ جيڪڏهن ڪا شيءِ چرپر ۾ هوندي آهي ته اها صرف بندوق جي نالي ئي هوندي آهي. جيڪا پنهنجي آواز سان هن شهر جي زندگي جي علامت بڻجي وئي آهي.

مان ڪراچيءَ جو شهري آهيان، مان پنجابي به آهيان، سنڌي به آهيان، مون کي پٺاڻ، بلوچ ۽ اردو ڳالهائيندڙ به سڏيندا آهن. منهنجي ڪهاڻي ايڏي گهٽي پراڻي به ڪانهي. چار پنج سال اڳ جي ڳالهه آهي. جو منهنجي جسم کي ٽڪر ٽڪر ڪيو ويو. واري واري سان هر ٽڪر کي ڦٽڪايو ويو، چچريو ۽ ڇيچلايو ويو. ڪڏهن مون کي پنجابي سمجهي ماريو ويو، ڪڏهن سنڌي سمجهي ڪُٺو ويو. ڪڏهن پٺاڻ ۽ بلوچ قرار ڏئي لتن هيٺان لتاڙيو ويو. مون کي ڳيا ڳيا ڪرڻ لاءِ اهڙي ته ڪاتي استعمال ڪئي وئي جو ان کي ڳنڍڻ ۽ ڳاڪڻ لاءِ ڪو سرجن ئي پيدا نه ٿيو آهي. مان ٽڪر ٽڪر ٿيل شهري پنهنجو ئي لاش ڪلهن تي کڻي پنهنجي سڃاڻپ تلاش ڪندو رهيس. پر ڪوبه مون کي پنهنجي سڃاڻپ واپس ڏياري نه سگهيو. منهنجي ڳيا ڳيا ٿيل لاش جا ٽڪرا بورين ۾ بند ڪري سنڌ جي ڀهراڙين ۽ پنجاب جي ڪيتن ڏانهن روانو ڪيا ويا. رت ٿيلهين ۾ پيري سرحد ۽ بلوچستان روانو ڪيو ويو. پر منهنجو روح هن شهر جي

گھٽين ۾ پنهنجي سڃاڻپ حاصل ڪرڻ لاءِ ڀٽڪندو رهيو.

منهنجو روح ايڏو ته خوفزده ٿي ويو آهي. جو بس ۾ سيٽ تي ويٺل ماڻهوءَ جي پاسو بدلائڻ تي به ڇرڪي پوي ٿو. ان جي هٿ ۾ خنجر، ٿي ٽي پستول يا هينڊ بم تلاش ڪري ٿو. پر نااميد ٿيڻ کان پوءِ پنهنجي سفر جي ساٿيءَ جي اکين ۾ به خوف کي ليئا پائيندو ڏسي شرمسار ٿي وڃي ٿو. هو مون کان خوفزده آهي ۽ مان هن جي وجود کان ڊنل آهيان.....! هو بس ۾ چڙهن ٿا، هنن جي هٿن ۾ خنجر ۽ ٿي ٽي پستول آهن. جيئرا جاڳندا ماڻهو سراپجي وڃن ٿا، ڪو ڪنهن ڏانهن نه ٿو نهاري، سڀ خاموش آهن. هر ڪو پنهنجي واري جو منتظر آهي. بت بڻجي ويل ماڻهن جا کيسا خالي ۽ ٻانهون ڀُسيون ٿي وڃن ٿيون. هو هليا وڃن ٿا. ماڻهو ماٺ آهن. زندگي روان دوان نظر پئي اچي. چاڪاڻ ته هي ڪراچيءَ جي قديم وستي لياري آهي. جنهن کي هن شهر جي ماءُ به چيو ويندو آهي.

منهنجو زخميل روح لياقت آباد ۽ ناظم آباد جي شاهي رستن تي سفر ڪري رهيو آهي. بسن ۾ ويٺل، ڪارن ۽ ٽيڪسين ۾ ڊوڙندڙ ۽ ساهه منجهايو پيادل هلندڙ پنهنجن ئي پاڇن کان ڊنل آهن. ڪير ڪنهن کي نه ٿو سڃاڻي، ڪير ڪنهن سان ڳالهائڻ لاءِ تيار ناهي. ڪليل ۽ ڪشادين فٽ پاٿن وارو علائقو پنهنجن ئي ماڻهن جو ويري بڻجي ويو آهي. اڌ رات تائين روشن رهندڙ بازارون شام ٿيندي ئي ويران ٿيڻ لڳن ٿيون. ماڻهو ڊوڙندي ڊوڙندي گهرن اندر بند ٿي رهيا آهن. گهٽيون واسينگ بڻجي کائڻ اچن ٿيون. ماڻهو گهرن اندر بند هوندي به رنڊڻي ۾ گلاس ڪرڻ سان سراپجي وڃن ٿا. گولين جي ٺڪائن تي اکيون ڦٽرائجي وڃن ٿيون. اوچتو منهنجي بس آڏو پيلي ٽيڪسي بيهي ٿي. چار ڄڻا ڪلاشنڪوفون تاڻي بس ۾ ڏوڪي پون ٿا. سنڌي اٿي بيهن، ٻيا ويهي رهن...... نه نه پنجابي ۽ بلوچ به اٿي بيهن. ڪوڙ ڳالهائيندڙ کي موت جي ننڊ سمهاري ڇڏيندا سين. ٽي ڄڻا ڪنيجي وڃن ٿا. منهنجو بي چين روح انهن جي اکين ۾ نهاري ٿو. شڪليون به ساڳيون آهن، اکين جي چمڪ ۾ به ڪو فرق نظر نه ٿو اچي. ماڻهن جا ساهه مٺ ۾ آهن. هر ڪو پنهنجي دل جي ڌڙڪن کان به خوفزده ٿي ويو آهي. بس ۾ باقي بچي ويل ماڻهن جي منهن تي نه ته ڪاوڙ ۽ ڪروڌ نظر ٿو اچي نه وري شرمساري کان ڪنڌ ئي جهڪن ٿا، جذبن ۽ احساسن کان عاري ماڻهو سفر جاري رکن ٿا. هي پاڙ کي مهذب ۽ باشعور سڏائيندڙ ترقي يافته ماڻهن جو علائقو آهي.

ڪجي گرائونڊ پرسان ڀٽڪندڙ روحن جو ميڙ متل آهي. منهنجو روح به اُن ميڙ ۾ شامل ٿي وڃي ٿو. رات جو پويون پهر آهي. روحن جي هن ميڙ ۾ ڪجهه نون مهمانن جو اضافو ٿيڻو آهي. ٺڪاءَ ٿين ٿا. اونداهيءَ جو سينو چيريندڙ گوليون آسمان ڏانهن اڏام ڪن ٿيون. ٻه ٽي ڪارون گرائونڊ جي ڀر واري گهٽي ۾ بيهن ٿيون. اکين تي پٽيون ٻڌل ۽ هٿ پويان جڪڙيل بي ساها ماڻهو لاٿا وڃن ٿا. اسان جا روح نون ايندڙ مهمانن جو استقبال ڪن ٿا. نون مهمانن کي اسان جي قافلي ڏانهن روانو ڪرڻ کان اڳ هڪ ڪوٺي ۾ جمع ڪيو وڃي ٿو. ڪوٺيءَ جي پٽين تي رت جا نشان لڳل آهن ڇت ۾ ڦاسي ڏيڻ جا رسا لڙڪي رهيا آهن. پٽين ۾ ڪل هٽي ماڻهن کي جانورن وانگر ٻڌڻ جا بندوبست ٿيل آهن. نوان مهمان به ساڳي طرح جڪڙيا وڃن ٿا. هن جو هٿ وڍيو پيو وڃي. هڪ بليڪ ٽائيگر رڙ ڪري ٿو هي پنجابي آهي، هڪ هڪ عضوو ڪري وڍيوس پوءِ ڇيخون

آسمان ڏانهن بلند ٿين ٿيون. فضا سوڳوار بڻجي وڃي ٿي. هر عضوي ڪٽجڻ تي چنبا ماتم ڪرڻ لڳي ٿو. تارن جي اکين مان لڙڪ وهي هلن ٿا. اسان نئين مهمان جي آجيان جي تيارين ۾ آهيون. هڪ ڄٽي کي ڦاسي ڏني وڃي ٿي، ڪنڌ ۾ ڦاهو وجهڻ کان اڳ سندس ننهن ڇڪي ڪڍيا وڃن ٿا. عضوا ڀڳا وڃن ٿا. عرش اوچنگارون ڏئي روئي پوي ٿو. ثابت ۽ ٽڪرا ٽڪرا ٿيل لاش بنگلاديش جي سٽيءَ ۾ نهيل ٻورين ۾ بند ڪري ڪجي گرائونڊ جي ڪليل پٽ ۽ ترقي يافته ۽ باشعور ماڻهن جي وستي گلبهار ۽ لياقت آباد جي رستن تي اڇلايا وڃن ٿا. اسان پنهنجي قافلي ۾ شامل ٿيندڙ نون مهمانن جي منهن ۾ نهاريون ٿا. هو نه پنجابي لڳن ٿا، نه سندن چهري تي سنڌي، بلوچ يا پٺاڻ جو لفظ اُڪريل آهي. هو سڀ اشرف المخلوقات انسان ئي نظر اچي رهيا آهن.

اسان جا پٽڪيل روح انبوهه جي شڪل ۾ رستن تي نڪري پون ٿا. هيسيل، هراسيل، چرڪيل ماڻهو ايڏا ته بي خبر بڻجي ويا آهن، جو هو پنهنجي ئي عزيزن ۽ دوستن کي نه ٿا سڃاڻين. هو اوچتو پرسان موٽر سائيڪل يا ڪار بيهڻ تي به چرڪي پگهر ۾ وهنجي وڃن ٿا. ڦٽاڪي يا ٽائر ڦاٽڻ جو آواز تي به سندن ساهه لُڪي ۾ اٽڪي پوي ٿو. اسان جا پٽڪيل روح ايڊي سينٽر ٽاور آڏو قطار ٺاهي بيٺا آهن. جتي اسان جي قافلي ۾ شامل ٿيندڙ وڏيڪ 15 ماڻهن جو آڌر ڀاءُ ڪرڻو آهي. سرائيڪي ديس جي منڙن ماڻهن، با با بُلي شاهه جي وارثن کي گلي لڳائڻو آهي. اسان جا ويڳاڻا روح لاش ڪٽي ايندڙ، انهن کي گاڏين مان لاهيندڙ ۽ ميڙاڪا ڪري ڏسندڙ ماڻهن جي اکين ۾ جهاتي پائن ٿا. اڙي، هي ڌوڻ وانگر ساهه ڪٽندڙ ماڻهن جون اکيون ته هڪ هنڌ بيهجي ويون آهن. جيئرن جاڳندن ماڻهن جو ڏيک ڏيندڙن جا ساهه ته پرواز ٿي چڪا آهن. هي ته هڪ ٻئي کان اهو به پڇي نه ٿا سگهن ته هنن کي ڪنهن ماريو آهي. هنن پورهيو ڪندڙ پيرن اگهاڙن جو ڏوهه ڪهڙو هو. هي ماڻهو صرف لاش ڍوئيندڙ ۽ قبرون کوٽيندڙ ڇو بڻجي ويا آهن؟ اسان جا اٻاڻڪا بڻجي ويل روح هڪ ٻئي کان اکين ئي اکين ۾ سوال ڪن ٿا. اوچتو اسان جي وچ ۾ 6 سالن جي معصوم ٻالڪ جو روح اچي ڦهڪو ڪري ٿو. جنهن کي اغوا ڪرڻ ڪانپوءِ تشدد ڪري سندس ئي شلوار سان ڦاهو ڏئي ماريو ويو آهي. سندس بي جان جسم کي 10 رپين جي ٻوري ۾ بند ڪرڻ بدران پکين ۽ جانورن جي کاڄ ٿيڻ لاءِ قبرستان ۾ اڇلايو ويو آهي. هي 6 سالن جو ٻالڪ منهنجو پٽ آهي، هڪ روح زور سان زمين تي ڪرندي رڙ ڪري ٿو. هي ٻالڪ منهنجي جگر جو ٽڪرو آهي. فضا مان آواز بلند ٿئي ٿو. اسان سڀ پنهنجي ئي جگر جي ٽڪري کي ڪلهن تي کڻي سندس قاتل تلاش ڪرڻ لاءِ نڪري پئون ٿا.

(ڇپيل روزاني عوامي اواز ڪراچي 7 نومبر 1995ع)

★★★

## سنڌ اندر وهندڙ رت ۾ فرق

سنڌ جي گاديءَ واري شهر ڪراچيءَ ۾ گذريل ڪجهه مهينن اندر اهڙو ڪو سياڳو ڏينهن مشڪل ملندو، جنهن ڏينهن ڪي پنج ڏهه ماڻهو نه ماريا ويا هجن. هاڻ ته بي گناهه شهرين جي موت جون خبرون پنهنجي اهميت به وڃائي ويٺيون آهن. ڪنهن وڏي واقعي ڪان سواءِ ڪو ماڻهو اُن ڏهن موتن واري خبر کي پڙهڻ لائق به نه سمجهندو آهي. انهن خبرن جي اهميت، هيبت ۽ خوفناڪي صرف انهن ماڻهن لاءِ باقي رهجي وئي آهي، جن جا ڪونڌر پٽ، للهنگ پائر ۽ جيون ساٿي وات ويندي ماريا ويندا آهن. اُهي بدنصيب ئي اسپتالن جي مڙده خانن ۽ ايڌي جي سرد خانن جا چڪر ڪاٽيندا آهن، جن جا جگر جا ٽڪرا گهر نه پهچندا آهن.

هي صورتحال صرف هن بدنصيب شهر ۾ موجود ڪانهي، پر ان ڪان ٿوري جهڪي ۽ بدليل انداز ۾ منهنجي واهڻن ۽ وستين ۾ به ساڳين وحشتن سان موجود آهي. اتي به ڌاڙيلن هٿان عام شهري ماريا ويندا آهن. پوليس وارا ڌاڙيلن جي گولين جو ڪاج بڻجندا آهن. عام شهري ڌاڙيلن ۽ پوليس جي ٻٽي ڏاڍ ۽ ڌهڪاءَ جو شڪار ٿيندا آهن. اهي وارداتون هر روز نه ته هفتي وار ضرور پيون ورجائبيون آهن. ڪٽي عام شهري ته ڪٽي وري پوليس وارا پنهنجن پونئيرن کي جدائي جو درد ڏئي ويندا آهن. پريا پاڳيا گهر اجڙي ويندا آهن. خاندان بي سهارا بڻجي ويندا آهن. رت ڪٽي گهٽو، ڪٽي ٿورو، وهندو ضرور رهندو آهي. پر منهنجي ديس ۾ وهندڙ رت ۾ ساڳيو رنگ ۽ خوشبوءَ هجڻ جي باوجود ڏاڍو فرق اچي ويو آهي. ساڳيا منهن مهاندا رکندڙ شهرين جي موت ڪان پوءِ انهن تي افسوس ڪرڻ جا انداز بدلجي ويا آهن. ڏهاڳ جا ڏکَ سهندڙ ونين، وڇوڙي جا عذاب پوڳيندڙ مائرن، پائرن، پينرن کي دلداري ڏيڻ ۽ سندن ڏک گهٽائڻ جا طريقا تبديل ٿي ويا آهن. شايد گولي جي ٻوليءَ ۾ ڪو فرق اچي ويو آهي يا وري ان کي هلائيندڙ هٿن جي چرپر ۾ ڪا تبديلي آهي، نه ته رت ڪٽي به وهي، ڪيئن به وهي، ڪير به وهائي، ان متعلق راءِ ۽ عمل ۾ فرق ڏاڍو عجيب ۽ اچرج جوڳو نظر اچي ٿو.

منهنجي وطن جي "شهر خموشان" ۾ دهشتگردن هٿان ماريل ماڻهن ۾ به فرق ڪيو وڃي ٿو. هيءُ عام شهري جو لاش آهي، هيءُ پوليس واري جو ميت آهي، هيءُ پوليس آفيسر جو مڙهه آهي. سڀني سان الڳ الڳ ورتاءُ ڪرڻو آهي. سندن وارثن ۾ به سنڌو وڇهڻو آهي. ڪنهن جي لاش کي سرڪاري اعزاز سان ڪٽائي وڃجي، ڪنهن کي ايڌي جي ايمبولينس جي حوالي ڪجي، ڪنهن کي ڏکويل، ڦريل ۽ لٽيل پيرين اگهاڙن

وارثن جي جهولي ۾ وجهجي، کھڙي متاثر خاندان کي امداد ڏيڻ لاءِ 5 لک ڏجن، ڪنهن کي 2 لک ملڻ گهرجن، ڪنهن جي نصيب ۾ هڪ لک جو چيڪ لکي ڇڏجي. اهو سڀ ڪجهه، جنهن کي ماڻهوءَ جي مان ۽ مرتبي ۾ فرق سان پيٽ ڪجي يا ڏکويل خاندانن جي چچريل دلين تي لوڻ ٻرڪڻ جو نالو ڏجي. منهنجا پنهنجا، منهنجي عوام جا چونڊيل حڪمران ڪري رهيا آهن.

قصو صرف اتي دنگ نه ٿو ٿئي. منهنجي ڀهراڙين ۾، ڳوٺن ۽ واهڻن ۾، سڪرنڊ ۽ لاڙڪاڻي ۾ ڌاڙيلن هٿان موت جي منهن ۾ ويندڙن لاءِ ته ڪو دعا جا سڪٽا هٿ کڻڻ لاءِ به تيار ڪونهي. ڪو ايڏي به ڪونهي جو ڪفن جا 3 وال ڪپڙو ئي ڏئي. متاثر خاندانن جي مالي مدد ڪرڻ ته ڇا پر ڪو سندن مٿي تي هٿ رکڻ وارو به ڪونهي. ماڻهو ماريا وڃن ٿا، گهر اجڙي وڃن ٿا. خاندانن جو تاڃي پيٽو تباهه ٿي وڃي ٿو. پر ماريندڙ هٿن ۾ فرق هجڻ ڪري ساڻن اهو ورتاءُ نه ٿو ڪيو وڃي، جيڪو منهنجي سنڌ جي گادي واري شهر ۾ ٿي رهيو آهي. حڪمرانن طرفان ٻهراڙين ۾ ڌاڙيلن ۽ ڦورن هٿان موت جي منهن ۾ ويندڙن لاءِ ڪو به معاوضو ڏيڻ جو فيصلو نه ٿو ٿئي. ڇاڪاڻ ته ڌاڙيل ۽ ڳوٺاڻا حڪومت جو مسئلو ناهن. هو قومي مسئلي واري زمري ۾ نه ٿا اچن. هي سڀ ڪجهه هنن جو پنهنجو خالص اندروني معاملو آهي. جنهن سان سرڪار کي ڪوبه سروڪار ڪونهي.

عام ماڻهن کي ته ڇڏيو پر پوليس جا سپاهه، جيڪي ڌاڙيلن سان مقابلن ۾ ماريا وڃن ٿا. تن جي اهميت ساڳي عهدي جي باوجود ڪراچيءَ ۾ قتل ٿيندڙ جوانن جيتري نه ٿي جڙي. هنن لاءِ ساڳيا اعزاز ۽ معاوضا ڏيڻ لاءِ قانون جي آڏو ڪاردار تارون اچي وڃن ٿيون. جن کي اورانگهڻ سان اسان جا اصول ۽ قاعدا قانون زخمي ٿيڻ جو انديشو آهي. هڪ هنڌ قومي سلامتيءَ جو سوال آهي، ٻئي هنڌ رڳو ننڍي پئماني تي بدامنيءَ جو مسئلو آهي. ان ڪري ماريندڙ هٿن ۽ مارجندڙ جيئرن جاڳندن ماڻهن ۾ فرق ڪرڻ لازمي آهي. ان تي اعتراض ڪندڙ ڪنهن به طرح ملڪ جي استحڪام، امن امان ۽ ترقيءَ جا سڄڻ ٿي نه ٿا سگهن، ڇاڪاڻ ته هو سنڌ ۾ وهندڙ رت ۾ فرق ڪرڻ کان قاصر آهن.

شل ايئن نه ٿئي جو ماڻهو مرڻ کان اڳ مرڻ واري جاءِ ۽ مارڻ واري هٿ متعلق اڳواٽ فيصلو ڪرڻ تي مجبور ٿي پون.

(ڇپيل، روزاني عوامي آواز ڪراچي، 21 نومبر 1995)

★★★

# سنڌي ۽ اردو ڳالهائيندڙن ۾ پنهنجائپ وڌڻ گهرجي

سنڌ ۾ رهندڙ هڪ لساني گروهه ڪجهه ڏينهن کان سنڌي ٻولي خلاف خاموش جنگ شروع ڪري ڏني آهي، سنڌي ٻولي جي بنيادي حقن کان انحراف ڪيو پيو وڃي، هونئن ته پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ سنڌي ٻولي کي اهي حق نه ڏنا ويا جيڪي برطانوي قبضي دوران به ان کي ميسر هيا، برطانوي دور ۾ سنڌي سنڌ جي واحد سرڪاري زبان هئي، جيڪا هر قسم جي سرڪاري لکپڙهه، تعليمي ادارن سميت هرهنڌ رائج هئي. سنڌ ۾ برطانوي گوري سميت هر مقرر ٿيندڙ آفيسر لاءِ اهو لازم قرار ڏنل هو ته هو سنڌي ٻولي سکي ۽ اهڙو امتحان پاس ڪري. پر بعد ۾ پاڪستان ٺهڻ بعد انهن قانونن جي انحرافي ڪئي وئي. سنڌ جي شهرن مان سنڌي ٻوليءَ کي هڪ سازش هيٺ نيڪالي ڏني وئي. پهريان ته اردوءَ کي پاڪستان جي واحد قومي ٻولي قرار ڏنو ويو. بعد ۾ بنگالين طرفان سخت احتجاج بعد بنگاليءَ کي به پاڪستان جي قومي ٻولي قرار ڏنو ويو. جڏهن ته اولهه پاڪستان جي اصلوڪين قومن سنڌين، پنجابين، پٺاڻن ۽ بلوچن جي ٻولين کي قومي ٻولي جو درجو نه ڏنو ويو.

پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ ڀارت کان لڏي آيل لساني گروهه، اڌ صدي کان به وڌو عرصو گذرڻ باوجود سنڌ ۾ پنهنجي الڳ سڃاڻپ برقرار رکڻ تي نه فقط بضد آهي پر هو ثقافتي ۽ لساني شاونزم جو شڪار ٿيندي هتان جي قديم ۽ اصلي رهواسين ۽ انهن جي قومي وجود مٿان حاوي ٿيڻ جي ڪوشش ۾ مصروف آهي. هو پنهنجي هندستاني ٻولي اردو کي ترقي ڏيارڻ جي نالي تي ٻين پاڪستان جي قومي ٻولين جي وجود کي منڌيئڙو ڏيڻ جي حد تائين وڃڻ لاءِ تيار تي وڃي ٿو. خود ان ئي ثقافتي گروهه جي اثر رسوخ هيٺ هتان جون اصلي وطني ٻوليون پنجابي، سنڌي، بلوچي، پشتو ۽ سرائڪي پنهنجي اها منزل نه ماڻي سگهيون آهن، يا اها ترقي نه ڪري سگهيون آهن، جيڪو سندن حق آهي.

اڄ جڏهن سنڌ ۾ سنڌي ۽ اردو ڳالهائيندڙن منجهه ويجهڙائپ وڌي رهي آهي، ان وقت ٻيهر ٻولي واري مسئلي کي ڪڙو ڪري سنڌ منجهه محبتن جي ماحول کي تيلي ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي. 1972ع ۾ جڏهن سنڌ اسيمبلي ۾ ٻوليءَ وارو بل آندو ويو هو ته ان وقت شهيد ذوالفقار علي ڀٽي جي حڪومت پنهنجين ڪمزورين سبب اردو ڳالهائيندڙ ڪامورا شاهيءَ جي اثر ۽ رسوخ هيٺ سنڌي ٻوليءَ کي نه فقط پاڪستان جي

قومي ٻوليءَ جو درجو نہ ڏياريو پر سنڌ کي بہ ٻن ٻولين وارو صوبو قرار ڏنو ويو. هي نفرتن جي باهہ ان وقت کان شروع ٿيل آهي. جنهن وقت سنڌ اسيمبلي جي واضح اڪثريت سنڌي ٻوليءَ کي سنڌ جي واحد سرڪاري زبان قرار ڏيڻ جو ٺهراءُ منظور ڪيو هو تہ ان تي ان ئي وقت عمل ڪرايو وڃي ها، پر مرڪزي حڪومت سنڌ اسيمبلي جي ٺهراءُ تي عمل ڪرائڻ بدران سنڌ کي ٻن ٻولين يعني سنڌي ۽ اردو ٻولي وارو صوبو قرار ڏياري سنڌ جي قومي تشخص کي هاڃو رسايو، جنهن جو اڄ بہ اسان ڪيتو لوڙي رهيا آهيون.

هن وقت تاريخ جي تسلسل هيٺ سنڌ جو قومي تشخص اجاگر ٿي رهيو آهي، ننڍيون ننڍيون ثقافتي اقليتون سنڌي قوم منجهہ تاريخي ضرورت هيٺ ضم ٿي رهيون آهن. اهو عمل ڏگهي تاريخي تسلسل جو نتيجو آهي. ڇاڪاڻ تہ جڏهن بہ قومن جي تشڪيل ٿيندو آهي تہ ننڍا ننڍا ثقافتي ۽ لساني گروهہ ان خطي جي وڏي ثقافتي گروهہ يا قوميت ۾ ضم ٿيڻ شروع ٿيندا آهن. ان ئي تسلسل هيٺ پاڪستان ٺهڻ کان اڳ يا پوءِ جيڪي بہ غير سنڌي لساني گروهہ سنڌ ۾ آباد ٿيا، اهي وقت گذرڻ سان هن قوم منجهہ ضم ٿيڻ لڳا ۽ ان جي ٻوليءَ ۽ ڪلچر کي قبول ڪري ورتو. جن ۾ خاص ڪري بلوچ نسل ۽ بعد ۾ پنجابي برادري اهڙا ثقافتي گروهہ يا اقليتون هيون، جيڪي سنڌي قوم منجهہ تيزي سان ضم ٿيڻ لڳيون ۽ اهو عمل اڄ بہ جاري آهي. جڏهن تہ گذريل ڪجهہ صدين اندر هتي جيڪي فاتح گروهہ آيا سي بہ وقت گذرڻ سان سنڌي قوم جو حصو ٿي ويا. جن ۾ ارغون، ترخان، پٺاڻ ۽ ايراني اهم جاءِ والارين ٿا. پٺاڻ دراني، مغل ۽ ان قسم جون ٻيون برادريون اڄ بہ ائين ئي سنڌي قوم جو اڻ ٽٽ حصو آهن، جئين سيد، رند، مگسي ۽ ٻيون برادريون سنڌ جي قومي وجود سان سلهاڙيل آهن.

هاڻي جڏهن سنڌ ۾ سنڌي قوم جو تشخص تاريخي تسلسل هيٺ سگهارو ۽ جٽادار ٿي رهيو آهي تہ ان کي هر سطح تي نہ فقط تسليم ڪيو وڃي پر ان عمل کي وڌيڪ هٿي ڏني وڃي.

هاڻ جڏهن هڪ لساني گروپ 1972ع واري سنڌي ٻولي ايڪٽ کي ٻيهر بحث هيٺ آڻڻ جي ڳالهہ ڪئي آهي، تہ ان وقت اسان سنڌ واسي پنهنجو پراڻو جائز مطالبو دهرائيندي حڪومت کان گهر ٿا ڪريون تہ آئين جي ٻولين واري ايڪٽ ۾ ترميم ڪري سنڌي ٻولي کي قومي ۽ سنڌ جي واحد سرڪاري زبان جو درجو ڏنو وڃي ۽ ان کي سرڪاري سطح تي اهي مڙئي سهولتون ڏنيون وڃن، جن جي اها اهل آهي. ڇو جو حڪومت ڪيتري وقت کان هڪ مخصوص طبقي جي غلط ۽ گمراهہ ڪن پروپيگنڊا جي اثر هيٺ اچي سنڌي ٻوليءَ جي جائز حقن ۽ گهرن کي نظر انداز ڪندي رهي آهي، جڏهن تہ سنڌي پاڪستان جي واحد ترقي يافتہ ۽ شاهوڪار زبان آهي، جيڪا پاڪستان جو 4 ڪروڙ عوام ڳالهائي ۽ سمجهي سگهي ٿو. جيڪا سنڌ جي 80 سيڪڙو عوام جي زبان آهي، ٻيو تہ ٺهيو پر 1973ع جي آئين هيٺ سنڌي ٻولي کي جيڪي حق مليل هئا، سي بہ حڪومت هڪ مخصوص اقليت کي خوش ڪرڻ لاءِ نہ ڏنا آهن ۽ هميشہ ان کي نظرانداز ڪرڻ واري پاليسي تي عمل ڪيو آهي.

حقيقت ۾ سنڌي ٻولي، ايترا حق پنهنجي ڌرتيءَ تي بہ نہ ماڻي سگهي آهي، جيترا ڪيس سنڌس اهميت ۽ افاديت تسليم ڪندي ٻاهر پرڏيهہ ۾ مليا آهن. دنيا جي انصاف پسند ملڪن سنڌي ٻوليءَ جي قدر ۽ قيمت

ڪي تسليم ڪندي، سنڌي ماڻهن جي جذبن ۽ امنگن جو احترام ڪندي سنڌي ٻوليءَ کي بهتر سهوليتون ڏنيون آهن. اسان جي پاڙيسري ملڪ هندستان جتي صرف 50 کان 60 لک سنڌي رهندڙ آهن، اتي سنڌي ٻوليءَ کي هندستان جي قديم ٻولي تسليم ڪيو ويو آهي. (هندستان ۾ سنڌي سميت 16 قومي ٻوليون قرار ڏنل آهن.) بمبئي، نئين دهلي ۽ ڪڇ ڀڄ جي ريڊئي ۽ ٽي وي تان جهجهي انداز ۾ سنڌي پروگرام ايندا آهن. اتي سنڌي ميڊيم اسڪولن، ڪاليجن ۽ يونيورسٽين ۾ سنڌي ٻوليءَ جا ڌار شعبا قائم ڪيل آهن.

هندستان ته ڇڏيو پر انڊونيشيا، هانگ ڪانگ، ملايا، سنگاپور ۽ ٿائيلينڊ ۾ سنڌي پروگرام ريڊيو ۽ ٽي وي تان پيش ڪيا ويندا آهن ۽ انهن ملڪن ۾ سنڌي ٻارڙن لاءِ سرڪاري سطح تي پنهنجي مادري ٻوليءَ ۾ تعليم وٺڻ لاءِ اسڪول کليل آهن. پر ٻئي طرف سنڌي ٻوليءَ کي پنهنجي ماتر ڀومي (جنم ڀونءِ) ۾ سرڪاري ريڊيو ۽ ٽي وي تي جائز حصو نه ٿو ملي. ڪراچي، سنڌ جي گاديءَ واري شهر ۾ سنڌي اسڪول ۽ ڪاليج ناهن، زندگيءَ جي هر شعبي مان سنڌي ٻوليءَ کي نيڪالي ڏني پئي وڃي. اخبارن، رسالن، ۽ ڪتابن مٿان عتاب نازل آهي. سنڌي ٻوليءَ جي واڌاري لاءِ ٿيندڙ هر ڪوشش کي مشڪوڪ نظرن سان ڏٺو وڃي ٿو.

ٺيڪ ته ائين ڪهڙو هو ته سنڌ ۾ ريڊيو ۽ ٽي وي توڙي ٻين سرڪاري توڙي خانگي نشري ۽ اشاعتي ادارن ۾ سنڌيءَ جو 90 سيڪڙو عمل دخل هجي ها ۽ پنجاب جتي 3 لک سنڌي ڳالهائيندڙ، بلوچستان جتي 8 لک سنڌي ڳالهائيندڙ رهن ٿا، اتي سنڌي ۾ تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ مرڪزي سرڪار تناسب جي حساب سان سنڌي ميڊيم تعليمي ادارا کولي ها ۽ اتي جي نشرياتي ۽ اشاعتي ادارن ۾ سنڌي ٻوليءَ کي تناسب جي حساب سان جڳهه ملڻ گهرجي ها. جڏهن ته دنيا جي ڪن ملڪن ۾ جتي هزارن ۽ سون جي تعداد ۾ سنڌي رهن ٿا، اتي به انهن کي پنهنجي مادري ٻوليءَ ۾ تعليم پرائڻ ۽ پنهنجي ٻولي ۾ ريڊيو ۽ ٽي وي تان پروگرام ڏسڻ ۽ ٻڌڻ جو موقعو ملي ٿو. آل انڊيا ريڊيو جي هڪ معلوماتي پروگرام موجب دنيا جي 78 ملڪن ۾ سنڌي زبان جا پروگرام ريڊيو ۽ ٽي وي تان نشر ٿين ٿا.

ان صورت ۾ اسان پڇڻ گهرون ٿا ته جتي 4 ڪروڙ سنڌي ڳالهائيندڙ آهن ۽ جيڪو ديس سنڌي ٻوليءَ جو وطن آهي، اتي سنڌي زبان سان اها به اڪيائي ڇو ٿي ڪئي وڃي؟

سنڌي زبان سان تعصب رکندڙ ڌرين کي ماضيءَ مان سبق پرائڻ گهرجي ۽ کين هاڻ پنهنجي مستقبل تي ويچار ڪندي پرامن ۽ عزت واري ان فيصلي کي قبول ڪرڻ گهرجي ته سنڌي ٻوليءَ جو سنڌ پيدائشي وطن آهي ۽ هوءَ ئي هن وطن جي واحد نمائنده ٻولي آهي. هنن کي ڪڙي منهن به سنڌ جي واحد لساني ۽ ثقافتي حيثيت کي تسليم ڪرڻو پوندو. سنڌي ٻوليءَ جون پاڙون هن ڌرتيءَ جي پاتال ۾ کتل آهن ۽ جيڪا به ڌر ان کي اکيڙڻ جي ڪوشش ڪندي سا پاڻ نقصان هيٺ ايندي. پاڻ هتان جي اصل وارث ٻوليءَ سان ٽڪراءَ جو شڪار ٿي تباهه ۽ برباد ٿي ويندي. ڇو جو سنڌي ٻولي هزارين سالن کان هتي ٻاهران ايندڙ قومن جي زبانن سان منهان منهن ٿيندي ۽ ڌارين قومن جي ثقافتي ۽ لساني شاونزم جو مقابلو ڪندي، هن منزل تي پهتي آهي. جتي ڪيس ڪا به طاقت نه مٽائي سگهي ٿي ۽ نه نظرانداز ڪري سگهي ٿي.

اسان سنڌ جا 90 سيڪڙو سنڌي ڳالهائيندڙ ۽ سمجهندڙ سرڪار کان گهر ٿا ڪريون ته:

- سنڌي ٻوليءَ کي پاڪستان جي قومي ۽ سنڌ جي واحد صوبائي زبان تسليم ڪيو وڃي ۽ ان کي سرڪاري سطح تي ترقي وٺرائي مختلف سطحن تي رائج ڪيو وڃي.
- سنڌ جي ريڊيو ۽ ٽي وي اسٽيشنن تان 90 سيڪڙو ۽ باقي صوبن مان تناسب مطابق سنڌي پروگرام ڏنا وڃن. ريلوي اسٽيشنن، روڊن، شهرن ۽ ڳوٺن، آفيسن ۽ ٻين سرڪاري عمارتن جا نالا سنڌيءَ ۾ لکرايا وڃن. سرڪاري آفيسن ۾ سنڌي کي لکپڙهه جو ذريعو بڻايو وڃي.
- سنڌ جي گاديءَ واري شهر ڪراچيءَ ۾ سنڌي ميڊيم تعليمي ادارا کوليا وڃن ۽ مقابلي جي امتحانن لاءِ سنڌيءَ کي تسليم ڪيو وڃي.
- سنڌي ڪتابن، رسالن ۽ اخبارن کي اشتهارن ۽ پني جي ڪوٽا پوري ڏني وڃي. سرڪاري ادارن ۾ انهن جي دستيابي کي يقيني بنايو وڃي. سنڌي اديبن ۽ صحافين کي ملڪ جي ٻين اديبن ۽ صحافين جيترا حق ڏنا وڃن.
- سنڌي ٻوليءَ جي ترقيءَ لاءِ سرڪاري سطح تي ادارا ۽ لائبرريون کوليون وڃن ۽ اڳ ڪليل ادارن کي ترقي وٺرائي وڃي.

✶✶✶

# بھارين جي لڏپلاڻ ۾ غير فطري جوڙجڪ جي بقا جو سوال

مسلم ليگ حڪومت، هن پيري ۾ پنهنجي گذريل دور وانگر بهارين کي پاڪستان گهرائڻ لاءِ جاکوڙ شروع ڪري ڏني آهي. ان سلسلي ۾ بهارين جي آبادڪاريءَ لاءِ ڪجهه اسلامي ملڪن، اسان جي مان واري حڪومت جي امداد ڪئي آهي. ميان نواز شريف جي حڪومت نه صرف بهارين کي بنگلاديش مان لڏائي پاڪستان آڻڻ گهري ٿي پر کين روزگار مهيا ڪرڻ لاءِ به اڳوات بندوبست ڪيا پيا وڃن. جيئن هو هن پياري ملڪ ۾ اچي نه صرف ان جا باقاعدي شهري بڻجي وڃن، پر هو خداداد مملڪت پاڪستان جي تعمير ۽ ترقيءَ ۾ به امداد طور ملندڙ رقم تي حصيدار بڻجي وڃن. بهارين کي گهرائڻ، رهائش فراهم ڪرڻ ۽ کين روزگار مهيا ڪرڻ جو هڪ اهڙي ملڪ طرفان اعلان ڪيو ويو آهي، جنهن جا خود لکين شهري اڄهي ۾ روزگار کان محروم آهن. جنهن سبب هتي نه صرف سياسي ۽ معاشي چڪتاڻ عروج تي پهچي چڪي آهي، پر سماجي اڻ تڻ به بغاوت وارو رُخ وٺي رهي آهي. ماڻهو روزگار نه هئڻ سبب سپ آسرا لاهي خودڪشي ڪرڻ طرف مائل ٿي رهيا آهن. جيڪو ملڪ ۽ حڪومت پنهنجي عوام کي رهائش ۽ روزگار فراهم ڪرڻ کان لاچار آهي، پاڻ پرڏيهي قرض ڪٽي ملڪ جو چرخو هلائي رهي آهي، اها درياهه دليءَ جو مظاهرو ڪري 6 لک بهارين کي گهرائڻ جا انوکا اعلان ڪري رهي آهي. حڪومت جي ان قدم جي سنڌ جي رهواسين کي چڙي ڪري به ملڪ جي مڙني ساڃهه وند ماڻهن طرفان حمايت ڪرڻ يا ان فيصلي کي دانشمندانو قرار ڏيڻ ضرور حيرت جوڳو هجڻ گهرجي.

پاڪستان ۾ اڳ ئي لکين غير ملڪي پناهگير موجود آهن. خاص ڪري سنڌ ۾ 25 کان 30 لک غير قانوني پرڏيهي هتان جي معيشت کي ڊانواڊول ڪيو ويٺا آهن. مثان وري حڪومت جي پرڏيهي وزير جناب گوهر ايوب خان چيو آهي ته بهارين کي سنڌ ۾ به آباد ڪيو ويندو. سنڌ جي ماڻهن سان پاڪستان جي قيام کان وٺي جيڪا ويڌن رهي آهي، ان يقينن سنڌن هن ملڪ ۾ رهڻ تان ارواح ڪٽو ڪري وڌو آهي. ڇاڪاڻ ته سنڌ واسين گذريل 50 سالن ۾ جيڪا به گهر يا مطالبو ڪيو آهي، ان جو سدائين ابتڙ جواب ڏنو ويو آهي.

هتان جي ماڻهن جڏهن غير قانوني پرڏيهين جي واپسيءَ جو مطالبو ڪيو تہ ان جي بدلي ۾ سندن قسمت ۾ افغان پناهگيرن جا ڪٽڪ بہ اچي ڪڙڪيا. هاڻي وري حڪومت ديناداستي بهارين کي سنڌ ۾ آباد ڪرڻ جا اعلان ڪري رهي آهي. جيڪڏهن اجا بہ ڪا ڪثر رهجي وئي تہ هندستان مان بہ مسلمانن کي لڏائي يا غير قانوني سرحد پار ڪرائي هتي اچي آباد ڪيو ويندو. جيئن سنڌ جي ماڻهن يعني اصل ديس ڌڻين سنڌين کي اقليت ۾ آڻي پنهنجي ئي ڌرتيءَ تي وارثيءَ واري حق کان محروم ڪيو وڃي. هي صورتحال ڪا تازو پيدا ٿيل نہ آهي، پر پاڪستان ٺهڻ واري ڏينهن کان بنا ڪنهن معاهدي جي هندستان مان لکين مهاجر لڏائي سنڌ ۾ آباد ڪيا ويا، پوءِ وري ون يونٽ ٺهڻ کان پوءِ پنجابين، پٺاڻن ۽ ڪشميرين جا لکين خاندان آڻي هن ڌرتيءَ تي ورسايا ويا. اڄ بہ اتر ۽ اولهہ کان سنڌ تي ماڻهن جي يلغار بدستور جاري آهي.

مسلم ليگ حڪومت پنهنجي اڳئين دور ۾ بہ بهارين کي بنگلاديش مان گهرائي پنجاب ۾ آباد ڪيو هو، پر پوءِ سنڌ واسين جو اهو موقف سچ ثابت ٿيو تہ اهي سڀ بهاري لڏپلاڻ ڪري اچي سنڌ ۾ آباد ٿيا. هن وقت پنجاب جي علائقي ميان چنو ۾ بهارين لاءِ ٺهرايل گهر يا تہ خالي ٿي چڪا آهن يا وري انهن تي پسگردائيءَ جي ماڻهن پنهنجا ديرا ڄمايا آهن. مسلم ليگ پنهنجي اڳئين حڪومت ۾ تہ بهارين کي سنڌ ۾ آباد نہ ڪرڻ جو يقين ڏياريو هو پر هيل تہ ان سڪٽي دلاسي جي بہ ضرورت محسوس نہ پئي ڪئي وڃي. چاڪاڻ تہ هاڻي کين الله جي مهربانيءَ ۽ پنهنجن جي ڪرم نوازين سبب وڏو مينڊيٽ ملي چڪو آهي. تنهن ڪري هو هاڻ پاڻ کي ننڍين صوبن تہ ٺهيو پر خود پاڪستان ڏانهن بہ جوابده نہ ٿا سمجهن. اهو ئي سبب آهي جو صوبن کي اعتماد ۾ وٺڻ کان سواءِ فيصلا ڪري سندن مٿان مڙهيا پيا وڃن. مسلم ليگ جي حڪومت پنهنجي هڪ اتحادي ايم ڪيو ايم کي خوش ڪرڻ لاءِ ايترو اڳتي وڃڻ لاءِ تيار آهي جو پلي ان پيشقدميءَ سان ملڪ جا بنياد ئي لڏي وڃن. آخرڪار سنڌ سان هي هيڏيون وڏيون دشمنيون ۽ ارهہ زورايون ڪهڙو رنگ ڏيکارينديون ۽ انهن جو دنگ ڪٿي ٿيندو!

هاڻوڪي حڪومت پنهنجي وجود ۾ اچڻ کان پوءِ گذريل 10 مهينن اندر جيڪي فيصلا ڪيا آهن، انهن مان ڪنهن بہ طرح ملڪ ۾ ٻڌيءَ ۽ ڀائيچاري، صوبن وچ ۾ ڀائپيءَ وارن لاڳاپن جي بوءِ نہ ٿي اچي. هر فيصلو وڇوٽيون وڌائي رهيو آهي. هر قدم ملڪ جي مجموعي مفادن لاءِ ڪارو وار ثابت ٿي رهيو آهي. هڪ طرف ترقيءَ ۽ تعمير جا اعلان ٿين ٿا تہ ٻئي طرف سنڌ ۾ ڪيٽي بندر رٿا ختم ڪئي وڃي ٿي. هڪ طرف پنجاب ۾ موٽر وي جي ٻنهي پاسن کان صنعتڪاريءَ جون خوشخبريون ٻڌايون پيون وڃن تہ ٻئي طرف سنڌ جي نواب شاهہ، لاڙڪاڻي ۽ دادو ضلعن ۾ صنعتي علائقن جو خاتمو آندو وڃي ٿو. ڪراچي، حيدرآباد، ڪوٽڙي ۽ سکر جي صنعتي علائقن مان ڪارخانا ۽ فيڪٽريون پنجاب منتقل ڪيون وڃن ٿيون. هڪ پاسي بجليءَ جو بحران ختم ڪرڻ لاءِ حڪمت عملي جوڙي وڃي ٿي تہ ٻئي طرف سنڌ ۾ نون ٺهندڙ پراجيڪٽن لاکڙا پاور پراجيڪٽ ۽ ٿر مان نڪرندڙ ڪوئلي تي بجلي گهر جوڙڻ وارن منصوبن تي ڪم بند ڪرڻ جا حڪم نامہ جاري ٿين ٿا. آخرڪار سنڌ جا ماڻهو حڪومت جي اهڙن قدمن ۽ ڪارروائين کي ڪهڙو نالو ڏين. ڇا هو اهو سمجهڻ ۽ تصور ڪرڻ ۾ حق بجانب نہ هوندا تہ پنجاب جي نمائندگي ڪندڙ حڪومت اصل ۾ سنڌ

تان لادعويٰ ٿي وئي آهي ۽ هو سنڌ کي پاڪستان جو حصو نہ ٿي سمجهي يا ان کي اهو درجو ڏيڻ لاءِ تيار نہ آهي. اصل ۾ هيءُ حڪمران تہ گوري انگريز کان بہ گوءِ کٽي ويا آهن. انگريز بہ جنهن ملڪ ۽ قوم کي پنهنجي قبضي ۾ ڪندا هئا تہ اُتي ڦرلٽ ڪرڻ باوجود ترقياتي منصوبن جو بہ ڄار وڇائيندا هئا. ان جو واضح مثال برصغير ۾ ريلوي جي رٿابندي ڪرڻ آهي. انگريزن بہ پنهنجي مفتوح ڪالونين ۾ ترقياتي ڪم ڪرايا، اتان جي مقامي زبانن کي ترقي ڏياري. ٻيو تہ هنن ڪنهن قوم کي اقليت ۾ بدلائڻ لاءِ اتي غير قانوني پرڏيهين جي آبادڪاري جهڙو جُرم نہ ڪيو. پر هيءُ تہ انهن آقائن کان بہ اُتر لهڻن. ڇا هي سڀ ڪجهہ هڪ صوبي کي ڪنداٽتو ڪري ويڙهي کان ڌار ڪرڻ يا ڪيس مجبورن پاڻ کان ڇني پلو آجا ڪرڻ واري سلسلي جي ڪڙي تہ نہ آهي. ڇاڪاڻ تہ 50 سالن ۾ سنڌ سان جيڪي بہ مهربانيون ڪيون ويون آهن، اهي ڪنهن بہ طرح پائيپيءَ ۽ برادريءَ وارن اصولن سان ٺهڪندڙ نہ آهن.

جيڪڏهن پنجاب جي نمائنده حڪومت کي واقع ايترا جڄها وسيلا موجود آهن تہ پوءِ ڪيس ان خير واري ڪم جي شروعات سنڌ ۾ رهندڙ پنجابين، افغانين، ڪشميرين، برمين، بنگالين کان ڪرڻ گهرجي. پنجاب جا پٽ آباد ڪرڻ لاءِ ۽ اُتي افرادي قوت جي کوٽ کي ختم ڪرڻ لاءِ هتان پنهنجن پيارن کي لڏائي وڃي اُتي آباد ڪرڻ گهرجي. ڪين اُتي گهر بہ موجود ڪري ڏنا وڃن ۽ روزگار سان بہ لڳايو وڃي. آخرڪار هي سڀ مهربانيون سنڌ سان ڇو پيون ڪيون وڃن. هوئنن بہ نيڪ ڪم جي شروعات هميشہ پنهنجي گهر کان ڪرڻ گهرجي. اصل ۾ ماڻهن کي لڏپلاڻ ڪرائڻ واري پراڻي شوق جو ئي پورائو ڪرڻو آهي تہ پوءِ سنڌ ۾ رهندڙ پنجابين کي لڏائي پنهنجي ديس ۾ آباد ڪيو وڃي. هو پنهنجن سان ملندا ۽ ساڻن گڏ رهندا تہ حڪومت کي مدو پورو ڪرڻ جون بہ دعائون ڏيندا ۽ خود پاڪستان جو مستقبل بہ محفوظ رهجي ويندو. آخرڪار حڪومت ايڏي وڏي چڱائي ڪرڻ کان ڇو ٿي غافل رهي.

اسان ملڪ جي حقيقي خيرخواهن آڏو سنڌ جو ڪيس رکندي کين گذارش ٿا ڪريون تہ ٻيلي ملڪ کي 50 سال ٿي ويا آهن ۽ هو هاڻي پنهنجي بالغپڻي جي عمر مان مٿي چڙهي آيو آهي، آخرڪار اوهان کي بالغ ٿيڻ ۾ ڪيترو وقت لڳندو. ڇاڪاڻ تہ ملڪ جي نام نهاد حامين ۽ خيرخواهن جي نابالغيءَ سبب ملڪ اڳ ئي ٻہ ٽڪر ٿي چڪو آهي. هاڻي ڇا هو ان ٽوڙ ڦوڙ واري عمل کي واڌ ويجهہ ڏئي ٻن جي انگ کي چار واري انگ تائين پهچائڻ گهرن ٿا.

هڪ طرف سنڌ سميت سڄي ملڪ ۾ غير قانوني پرڏيهين جون لوڏون لٿل آهن، تہ ٻئي طرف بهارين لاءِ پني فنڊ ڪٺي ڪرڻ وارو عمل احمقپڻي کان وڌيڪ ڪجهہ بہ نظر نہ ٿو اچي. جيڪڏهن پاڪستان ۾ رهندڙ مڙني ماڻهن کي حق ڏيڻا آهن تہ پوءِ اهڙا احمقپڻي وارا فيصلا ڪرڻ بدران سنڌ سميت سڄي ملڪ ۾ رهندڙ غير قانوني پرڏيهين کي نيڪالي ڏيڻ لاءِ اُپاءَ وٺڻ گهرجن. بهارين، برمين، بنگالين، هندستانين، افغانين وغيره کي پنهنجن پنهنجن ملڪن ڏانهن موڪلڻ جو بندوبست ڪرڻ گهرجي. ان نيڪ ڪم لاءِ جيڪڏهن پرڏيهہ کان پنڊو بہ پئجي وڃي تہ ان ۾ ظاهري طور شرم اچڻ جهڙي ڪا بہ ڳالهہ موجود ناهي. باقي جيستائين بهارين جي لڏپلاڻ جو سوال آهي، تہ پوءِ هو نہ تہ هتي موجود ڇئني صوبن سان ڪو واسطو رکن ٿا نہ

وري هنن جو باقي بچيل پاڪستان سان ڪو واسطو ۽ رشتو موجود آهي. هو هن وقت بنگلاديش جا شهري آهن، پر جيڪڏهن ڪين اتي ڪو مزو نہ ٿو اچي تہ پوءِ ڪين پنهنجي اصل وطن بهار (هندستان) ڏانهن ئي واپسيءَ جو سفر ڪرڻ گهرجي. چاڪاڻ تہ غير فطري طور جڙيل ملڪن يا وفاق جي بقا جي ڪهڙي ضمانت آهي ۽ ڪين آخر ڪيستائين اهڙي لڏپلاڻ مان روز بروز گذرڻو پوندو.

(چيپيل روزاني عوامي آواز ڪراچي، 10 جنوري 1998ع)

★★★

# مهاجرن جي لڏپلاڻي ذهنيت کي کو ٽاڪو لڳڻ گهرجي

اردو ڳالهائيندڙ مهاجرن جي لڏپلاڻي ذهنيت کي کو ٽاڪو لڳندو نظر ئي نٿو اچي. هو هر چوٿين پنجين سال پنهنجي ان ذهنيت ۽ ڪراهت ڀري سوچ جو اظهار ڪرڻ جي ٻاڙ ضرور پوري ڪندا آهن. تازو مهاجرن جي نمائنده جماعت متحده قومي موومينٽ پنهنجي پاران پياري پاڪستان جي ٻيڙي تارڻ لاءِ 21 نقاطي ايجنڊا جو اعلان ڪيو آهي، جنهن موجب هنن نه صرف بنگلاديش ۾ رهندڙ بهارين کي پنهنجي هرج خرچ تي پاڪستان گهرائڻ جي ڳالهه ڪئي آهي پر ملڪ ۾ ڏهن کن نوان صوبا جوڙڻ جو به مطالبو ڪيو آهي. هنن جو ڏهن کن نون صوبن پٺيان اصل ۾ مقصد اردو ڳالهائيندڙ مخلوق لاءِ ڪو آڪيرو جوڙڻ ئي آهي. پر هنن انهي ڪار خير ۾ بروهين ۽ مڪرانين سميت ننڍڙن ننڍڙن نسلي ۽ قبائلي گروهن کي به الڳ قوميت جو درجو ڏئي سندن لاءِ الڳ وطنن يا خطن جي گهر ڪئي آهي. هتي بحث اهو ناهي ته بروهي ۽ مڪراني ڪو الڳ قوميت آهن يا نه ۽ نه وري معاملو اهو آهي ته اهڙن ننڍڙن نسلي ۽ برادري سطح جي گروهن پاڻ پنهنجي لاءِ اهڙي گهر ڪئي آهي. پر اصل ۾ مهاجرن کي پنهنجو گناهه لڪائڻ لاءِ ان سڄي ڏوهاري عمل ۾ ٻين به مسڪين ۽ ڳگدام ماڻهن کي شريڪ ڪرڻ جي شوق کنيو بيٺو آهي. ملڪ اندر جيڪو تبديلين جون نئون طوفان اٿيو آهي ۽ نئين ۽ سگهاري حيثيت رکندڙ ذر ملڪ مان بدعنوانين، اقربا پروري، معاشي بدحالي ۽ ننڍن صوبن سان ٿيل زيادتين جي ازالي جي ايجنڊا هٿ ۾ کنئي آهي ته ان سڄي ڏمچر مان متحده قومي موومينٽ پنهنجا ڪين جهڙا مفاد ماڻڻ لاءِ سرگرم ٿي وئي آهي. بحرانن جي پئداوار جماعت خود موجوده گهوٽالي مان پنهنجو جياپو ڳولڻ لاءِ نون رستن جي متلاشي آهي. متحده جي قيادت اصل ۾ ته موجوده قيادت سان خير خواهي ۽ ملڪ سان محبت جي دعويٰ جي بنياد تي جيڪا ايجنڊا پيش ڪئي آهي، سا ملڪ سان خير خواهي بدران ان کي وڌيڪ ڏچن ۽ گهرو ويڙهه ۾ مبتلا ڪرڻ جي سازش آهي. هو نه صرف سنڌ کي پنهنجن نفرتن جو ٻارڻ بڻائڻ گهرن ٿا پر خود بلوچستان ۾ به تڪرارن جو ٻي بنياد ٻج ڇٽڻ گهرن ٿا. هنن کي نه ته بروهين ۽ مڪرانين سميت ڪنهن ٻئي نسلي يا قبائلي گروهه سان ڪا همدردي آهي ۽ نه وري پاڪستان

لاءِ ئي سندن دل ۾ ڪو درد موجود آهي. اصل ۾ هو گڏريل وڏي عرصي کان سنڌ ۽ بلوچستان جي ساموندي پٽي تي هڪ الڳ وطن يا رياست جوڙي اتي پنهنجي نوعيت جو هڪ ٻيو اسرائيل جوڙڻ واري ايجنڊا تي ڪاربند آهن. ان لاءِ ضروري آهي تہ بلوچن ۾ نفرتن ۽ تڪرارن جا ٻج ڇٽي ان ساموندي پٽي ۾ سندن حيثيت ۽ طاقت کي ڪمزور ڪيو وڃي. جيئن اڳتي هلي ان سڄي ساري علائقي تي پنهنجي حاڪميت جا بنياد پختا ڪري سگهجن. متحده جي هي ايجنڊا اصل ۾ پاڪستان کي بحرانن مان نيڪالي ڏيڻ بدران ان کي وڌيڪ گهوٽالن جي ور چاڙهي ڪمزور ڪري ايندڙ مستقبل ۾ ان کان ساموندي پٽي الڳ ڪرڻ جي هڪ خوفناڪ سازش آهي.

هن وقت جڏهن متحده قومي موومينٽ پنهنجي اگهاڙي ۽ جارح شڪل ۾ سيني جي سامهون اچي چڪي آهي تہ ان وقت ان جي ليپا پوچي ڪندڙ انهن سنڌي قومپرست گروهن کي پنهنجا قبلا درست ڪرڻ گهرجن. جيڪي متحده ۽ سندس قائد تان گهوروُن گهورڻ لاءِ ڪو بہ موقعو هٿان نہ وڃائيندا هئا. متحده کي پنهنجي جيءَ ۾ جايون ڏيندڙ قومپرستن کي پنهنجي ناتجربيڪاري ۽ انڌي عشق جو احتساب ڪرڻ کپي. اسان جي ساٿين جو ان وقت عقل ۽ فهم ڪيڏانهن ويندو آهي. جڏهن هو پنهنجن ئي گهڻ گهرن جي ڏنل صلاحن کي لتاڙي ڪانئن ڪناره ڪشي اختيار ڪري پنهنجو اتحادي اهڙي گروهہ کي بڻائيندا آهن. جنهن جو وجود ئي مڪاري ۽ منافقت تي بيٺل هوندو آهي. متحده جون ڪجهہ ئي مهينا اڳ سنڌ لاءِ سر گهورڻ جون دعوائون ۽ سنڌين سان پنهنجو وجود منسلڪ ڪرڻ جون خاطريون سنڌ جي اصل ديس ڌڻين سان تاريخي دغابازي ۽ فريب ڪانسواءِ ڪجهہ بہ نہ هيون. هن ٽولي اهي ويساهہ گهاتيون ڪو پهريون ڀيرو نہ ڪيون آهن پر هنن کي جڏهن بہ اهڙو موقعو مليو آهي تہ هنن ان ئي وڻ کي ڪٽڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، جنهن جي ٽارين تي سندن بہ آکيرا جڙيل آهن.

متحده جي پائي صاحبن کي آخر ڪير سمجهائي تہ اوهان فطري يا بين القوامي ڪهڙن قانونن ۽ اصولن هيٺ پنهنجي لاءِ الڳ قوميت ۽ الڳ وطن جي گهر ڪري رهيا آهيو. جڏهن توهان پاڻ اهو تسليم ڪيو ٿا تہ مڪراني ۽ بروهي بلوچ قوم جو حصو ناهن تہ پوءِ جنهن ٽولي کي اوهان مهاجر قوميت جو نالو ڏيو ٿا. ان جي الڳ وحدت جا اوهان وٽ ڪهڙا پيمانا آهن. ڇا ڪراچي سميت سنڌ جي ٻين ننڍن وڏن شهرن ۾ رهندڙ ڪڇين، ڪاٺواڙين، خواجن، گجراتين، راجستانين کي اوهان پنهنجي ان نام نهاد مهاجر قوميت جو حصو سمجهيو ٿا. انهن جون ٻوليون، ثقافتون ۽ نسلي ويجهڙائپ اوهان جي ٽولي بدران سنڌ ۽ سنڌين سان وڌيڪ ويجهي ۽ پڪي پختي آهي. هو تہ اصل ۾ آڳاٽي سنڌ جو حصو رهيا آهن. هنن کي ڪهڙي قانون ۽ اصول هيٺ مهاجر ٽولي جو حصو بڻائي پنهنجي عددي اڪثريت جي دعويٰ ڪئي پئي وڃي.

اڄ جڏهن نئين قيادت ملڪ کي آئيني بحران مان ڪيڻ لاءِ ڏگ ۽ واٽون تلاش ڪري رهي آهي، مرڪز ۽ صوبن وچ ۾ اختيارين جي منصفاڻي ورڇ لاءِ حڪمت عمليون جوڙڻ جون ڳالهيون ڪيون پيون وڃن. ان وقت متحده طرفان هي اچرج ۾ وجهڻ جهڙي ايجنڊا اصل ۾ ملڪ ۾ امن امان جي صورتحال پيدا ڪرڻ جي هڪ خوفناڪ منصوبابندي آهي. هو پاڪستان کان پنهنجا وير پاڙڻ لاءِ ان کي گهرو ويڙهہ ۾

مبتلا ڪرڻ جي سازش سٽي رهيا آهن. پاڪستان اڄ جن چئن قومن جي ڍانچي تي بيٺل آهي، انهن قومن کي نہ صرف پنهنجا صدين کان الڳ وطن آهن، پر پنهنجا علحده تهذيبي ۽ تاريخي وجود آهن. جيڪي ڪنهن بہ آئيني ترميمن جا محتاج ناهن. قومون ۽ انهن جا وطن نہ تہ ڪاغذن جي ٽڪرن تي جڙندا آهن ۽ نہ وري انهن کي ڪنهن آئيني حڪم نامن هيٺ تهس نهس ڪري سگهجي ٿو. ان ڪري ڪنهن بہ ٽولي طرفان سنڌ ۽ بلوچستان جي تاريخي وحدتن سان هٿ چراند اصل ۾ هن ملڪ سان وڏي بدخواهي ۽ دشمنيءَ کان سواءِ ٻيو ڪجھ بہ نہ هوندي. اهڙي ڪنهن بہ عمل جي ملڪ جو ڪو بہ ساجھ وند ماڻهو حمايت نٿو ڪري سگهي. خود موجوده فوجي قيادت کي ملڪ ۾ تڪرارن ۽ فسادن جو ڪارڻ بڻجندڙ قوتن جي لڏ پلاڻي ذهنيت کي ڪو سنڌائتو ڏاڪو هٽڻ گهرجي.

(چيپيل روزاني سچ ڪراچي، 16 نومبر 1999ع)

★★★

# ضلعي حڪومتون ۽ اختيارن جي ورڇ

سنڌ ۾ هڪ ٽوٽڪو مشهور آهي ته هڪ ماڻهو قبرستان ۾ وڃي تازن دفن ٿيل ميتن جا ڪفن لاهي ايندو هو، جنهن سبب سڄي علائقي ۾ ان خلاف نفرت ۽ ڌڪار موجود هئي. هو جڏهن مرڻ ڪنڌي تي پهتو ته پنهنجي پٽ کي گهرائي چيائين ته ابا منهنجي مئي کان پوءِ تون اهڙو ڪم ڪجانءِ، جيئن ماڻهو مون کي چڱو چون. سو جڏهن ڪفن چور مري ويو ته سندس وفات بعد هن جي فرزند به ساڳيو ڌنڌو اختيار ڪيو. پر هُن ان ۾ اها واڌ ڪئي جو نه صرف مردن جا ڪفن لاهڻ لڳو، پر سندن ڪن به ڪٽي ايندو هو. جڏهن ماڻهن اهي وارداتون ڏٺيون ته هو چوڻ لڳا ته هن کان ته سندس مرحوم والد ڏاڍو چڱو هو، اُهو ته صرف ڪفن لاهيندو هو، ڪن ته نه ڪٽيندو هو! سو ان ڳالهه وانگر پياري پاڪستان جي موجوده حڪومت به سڌارن ۽ رائيٽ سائيزنگ سميت اختيارن جي ورڇ جي نالي تي جيڪي ڪم شروع ڪيا آهن، تن جي آڏو اڳوٽي وزيراعظم نواز شريف جا قدم ۽ ڪرتوت ته ڏاڍا معصوم ٻڄجي وڃن ٿا. اڳوٽي حڪومت تي وڏي ۾ وڏو الزام اهو هو ته هن صوبن کي آئين ۾ مليل خودمختياري تي راتاهو ڏيڻ شروع ڪيو هو. خاص ڪري ننڍن صوبن کي مضبوط مرڪز يعني ۾ پنجاب جو دست نگر ڪرڻ لاءِ ڳري مينڊيٽ جي حوالي سان اهڙا آئيني ۽ قانوني قدم کنيا ويا، جنهن سبب ننڍن صوبن جي رهي کهي سياسي ۽ مالي خودمختياري به پنهنجي انت تي رسي وڃي ها. ان سلسلي ۾ سينيٽ کي باءِ پاس ڪري قانون سازي ڪرڻ ۽ ننڍن صوبن جي وسيلن تي مختلف بهانن سان قبضا ڪرڻ جو هڪ نه ڪٽندڙ سلسلو شروع ڪيو ويو. نواز شريف حڪومت جي پهرين ڏينهن کان ننڍن صوبن خاص ڪري سنڌ ۾ ترقياتي عمل بند ڪيا ويا. سنڌ ۾ ڪيٽي بندر جي رٿا، ٿر جي ڪوئلي تي بجلي جي رٿا، نواب شاهه، لاڙڪاڻي ۽ دادو ۾ صنعتي علائقا قائم ڪرڻ وارا منصوبا هڪ ئي ڌڪ سان ختم ڪيا ويا. آدمشماريءَ جا پنجاب پسند نتيجا ڏئي سنڌ جي اڪثريت تسليم ڪرڻ کان انڪار ڪيو ويو. ڪالاباغ ڊيم جي مئل گهوڙي ۾ ٻيهر ساهه وجهڻ جي ناڪام ڪوشش ڪئي وئي، سنڌ کان سپر هاءِ وي جي آمدني ڦرڻ لاءِ ڪراچي حيدرآباد موٽروي جي ٽيڪس وصولي ۽ تعمير جو ٺيڪو فوجي فائونڊيشن حوالي ڪرڻ جو اعلان ڪيو ويو. مطلب ته صوبن کي مڪمل اپاهج ڪرڻ جي ڪوبه موقعو نه ڇڏيو ويو.

نواز شريف حڪومت جي خاتمي بعد جڏهن جنرل پرويز مشرف جي سربراهيءَ ۾ فوج اقتدار جون واڳون سنڀاليون تہ چيف ايگزيڪيوٽو پنهنجي پڌري ڪيل پهرين ايجنڊا ۾ ان ڳالهہ جو شدمد سان ذڪر ڪيو تہ ماضي ۾ صوبن سان زيادتيون ڪيون ويون آهن، ڪين بي اختيار ڪري اختيارن جي مرڪزيت قائم ڪري ملڪ جي سالميت کي ڇيهو رسائڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي. جنهن ڪري نئين حڪومت وفاق ۽ صوبن وچ ۾ لاڳاپن جو نئين سر جائزو وٺي ماضيءَ ۾ ٿيل ناانصافين جو تدارڪ ڪندي. صوبن کي وڌ کان وڌ بااختيار ۽ مالي طور مستحڪم بنايو ويندو. فوجي حڪومت جي اها ايجنڊا اهڙي هئي، جنهن جي سڄي ملڪ ۽ خاص ڪري ننڍين قومن جي عوام منجهہ اها اميد پيدا ڪئي تہ هاڻي مضبوط مرڪز ۽ ملڪي سالميت جي خوبصورت نعري هيٺ وڌيڪ بيداد نہ ٿيندو. پر بعد ۾ اختيارن جي ورڇ جي نالي تي ضلعي حڪومتن جي قيام جو اعلان ڪيو ويو. ان نئين اختياراتي جوڙجڪ کي ايتري تہ تشهير ڏئي وئي آهي جو ان هڻ وٺ مان اهو تاثر زور وٺندو پيو وڃي تہ ڄڻ نواز شريف حڪومت جو تختو ئي فقط ان ڪري اونڌو ڪيو ويو هو، جيئن ضلعي حڪومتون قائم ڪري سگهجن. احتساب سميت اقتدار چونڊيل نمائندن حوالي ڪرڻ واري مامري کي بہ هن نئين ايجنڊا جي ڏُنڊ ۾ لڪايو ويو آهي. هاڻي صوبن سان انصاف بابت ڪنهن ايجنڊا جو نہ ذڪر نڪري ٿو ۽ نہ وري ساڻن ماضيءَ ۾ ڪيل زيادتين بابت ئي ڪا مثبت پيش رفت نظر اچي ٿي. تازو حڪمرانن جي بيانن رستي عوام کي اهي تلقينون ٿيڻ لڳيون آهن تہ هاڻي ڪين صوبائيت پرستي مان نڪرڻو پوندو. هاڻي تہ حڪومت جي ويجهن ذريعن کان اهي خبرون بہ اچڻ لڳيون آهن تہ حڪمرانن جي اصل ايجنڊا ضلعي حڪومتن کان بہ ڪا ٻي آهي. جنهن مطابق پنجاب ۽ سنڌ کي ٽن ٽن حصن ۾ ورهائڻ لاءِ انتهائي خاموشيءَ سان رٿابندي ڪئي پئي وڃي. ان ڏس ۾ تازو قومي سلامتي ڪائونسل صوبائي حڪومتن کان مشورا بہ طلب ڪيا آهن. ان فارمولي هيٺ سنڌ کي سکر، حيدرآباد ۽ ڪراچي ڊويزنن ۾ ورهائي، ڊويزنن کي الڳ صوبن جو درجو ڏنو ويندو. جن جا گورنر ۽ اسيمبليون بہ الڳ هونديون. ڪراچي ڊويزن واري صوبي ۾ بلوچستان جي ساموندي پٽي سميت ٺٽي جون ساموندي حدون بہ شامل ڪري ان کي وفاق جي انتظام هيٺ رکيو ويندو.

موجوده حڪمرانن جي نئين منصوبي کان پوءِ اها ڳالهہ ثابت ٿي چڪي آهي تہ هي حڪمران اصل ۾ هڪ خطرناڪ ايجنڊا تي ڪم ڪري رهيا آهن، جنهن جو انت آخرڪار ملڪ کي مضبوط ۽ مستحڪم ڪرڻ بدران ويتر تڪرارن ۽ وڏي ويڙهہ جي ور چاڙهي ڇڏيندو. ملڪ ۽ خاص ڪري سنڌ جا ڪجهہ مخصوص حلقا ڪافي وقت کان اهو رينگٽ رچائيندا رهيا آهن تہ پاڪستان ۾ وڌيڪ صوبا جوڙيا وڃن. ڪي 36 صوبن قائم ڪرڻ جي صلاح ڏيندا رهيا آهن، تہ ڪي وري 12 صوبن تي ڳٽ ڏيو بيٺا آهن. ان سلسلي ۾ مهاجر نسلي تنظيمون ڪجهہ وڌيڪ اڳڀريون رهيون آهن. جڏهن موجوده حڪومت اقتدار سنڀاليو هو تہ ڪجهہ ئي ڏينهن بعد متحده (مهاجر) قومي موومينٽ جي اڳواڻن پريس ڪانفرنس ڪري سنڌ ۾ مهاجرن لاءِ الڳ صوبي جي گهر ڪئي هئي. خود مهاجر قومي موومينٽ (آفاق گروپ) گهڻي وقت کان ان منصوبي تي هوم ورڪ ڪرڻ ۾ مصروف آهي. مهاجر گروپن کي ان مطالبي جي حمايت ۾ اڳوڻي فوجي جرنيل اسلم بيگ جي

ٻہ حمايت حاصل رهي آهي. جيڪڏهن موجوده حڪومت جي جوڙجڪ تي ٻہ نظر وجهجي تہ ان ۾ ٻہ هن وقت ملڪ تي مهاجر حاڪميت جو مڪمل قبضو نظر اچي ٿو. وفاقي ڪابينا، قومي سلامتي ڪائونسل ۽ نام نهاد ٿنڪ ٽينڪ ۾ چونڊي چونڊي مهاجر ڪامورا شاهي، سرمائيدارن ۽ دانشورن کي اڳتي آندو ويو آهي. بيروڪريسيءَ ۾ ٻہ اڻ محسوس ڪندڙ طريقي سان مهاجر آفيسرن کي اهم پوسٽن تي مقرر ڪري سنڌي ڳالهائيندڙن کي ڪنڊائتو ڪيو پيو وڃي. حڪومت جي انهن عملن کي جيڪڏهن نون صوبن قائم ڪرڻ واري فارمولي سان جوڙيو وڃي تہ ڳالهہ پڌري پٽ تي بيهي ٿي تہ موجوده حڪمران نہ تہ ملڪ کي بدعنوان ڪلچر ۽ اقتصادي بدحاليءَ مان نجات ڏيارڻ گهرن ٿا ۽ نہ وري هو صوبن کي اختيار ڏيڻ ۾ مخلص آهن. هي تہ صوبائي خودمختياريءَ جي آڙ ۾ صوبن جي وجود کي ئي مليواميٽ ڪرڻ گهرن ٿا.

جيڪڏهن نون صوبن واري ڳالهہ کي پاسيرو رکي صرف ضلعي حڪومتن جوڙڻ واري منصوبي جو ئي ڇيد ڪجي تہ ان سان بند بوتل مان جيڪو جن نڪرندو، سو سڄي ملڪ جي وحدت کي پنهنجي لپيٽ ۾ آڻي ڇڏيندو. حڪمران هر وقت عوام کي اهو باور ڪرائڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهن تہ سندن سيني مسئلن جو حل فقط ئي فقط ضلعي حڪومتون قائم ڪرڻ ۾ آهي. ائين ٿيڻ سان اصل ملڪ جو نقشو ئي بدلجي ويندو. هتي ايڏي تہ خوشحالي ايندي جو عوام ماضيءَ جي مڙني تلخين ۽ بي واجبين کي هڪ خواب وانگر وساري ويهي رهندو. آخر عوام کي اهو ٻہ ٻڌايو وڃي تہ ضلعي حڪومتون ڪهڙو جادوئي ڏيئو هونديون، جو ان جي روشن ٿيڻ سان ملڪ مان ٻاٽ اونداهيءَ جو خاتمو اچي ويندو ۽ هر طرف نسورو نُور ئي نُور هوندو.

اسان سمجهون ٿا تہ ضلعي حڪومتون اصل ۾ صوبن کي وڌيڪ بي اختيار ڪرڻ ۽ مرڪز کي وڌيڪ مضبوط ڪرڻ جي هڪ ڪوشش آهي. ڇاڪاڻ تہ انهن ضلعي حڪومتن جو انتظام سڌو سنئون مرڪز جي هٿ وس هوندو. مرڪز ئي کين فنڊ ۽ رقمون مهيا ڪندو. جيڪي وفاق جي ئي مرضيءَ سان خرچ ڪيون وينديون. جنهن بعد صوبائي حڪومتن جو وجود بي معنيٰ بڻجي ويندو. صوبا وڌيڪ بي اثر ۽ بي اختيار بڻجي ويندا. ان ڪري هي سڄي ايجنڊا اصل ۾ ملڪ کي ٻيهر ون يونٽ طرف وٺي وڃڻ جي خوفناڪ سازش کان سواءَ ٻيو ڪجهہ نہ آهي. هي ون يونٽ جو اڻ اعلانيل عمل آهي. جيڪڏهن ضلعي حڪومتون پنهنجو پاڻ الڳ الڳ ٽيڪس مڙهين، انهن مان ڪجهہ حصو مرڪز کي ڏين، پنهنجي پنهنجي نوعيت جون ترقياتي رٿائون شروع ڪن تہ پوءِ صوبائي حڪومتن جو ڪهڙو ڪارج هوندو؟ ان ڪري هن قدم جي انتها لازمي طور صوبن جي الڳ وجود جو خاتمو هوندو.

حڪمران هڪ طرف فرمائين ٿا تہ صوبن کي مالي محتاجيءَ مان ڪڏي پاڻ پيرو بڻايو ويندو، پر ضلعي حڪومتن سان اهو عمل ڪهڙي طرح تڪميل تي رسي سگهي ٿو. ان جو ڪو ٻہ فارمولو عوام آڏو پڌرو نہ پيو ڪيو وڃي. هن وقت جڏهن مرڪز صوبن کي ئي صحيح نموني حق ۽ سندن حصي پٽاندڙ فنڊ نہ ٿو ڏئي، سو ڪهڙي طرح هر ضلعي کي فنڊ ڏيڻ ۽ انهن جي صحيح ورهاست کي يقيني بڻائي سگهندو. ملڪ جي موجوده جوڙجڪ موجب سڀ کان وڌيڪ ضلعا پنجاب ۾ آهن، ان ڪري لازمي طور اتي ئي وڌيڪ رقمون

مهيا ڪيون وينديون. جنهن سان ٻين ضلعن مان حاصل ٿيندڙ ٽيڪس ۽ ٻي آمدني مان مرڪز ڪي ملندڙ حصو بہ پنجاب ۾ ئي خرچ ٿيندو. جنهن سان ننڍين صوبن کي هن وقت جيڪو ٿورو گهڻو حصو ملي ٿو، بعد ۾ هو ان کان بہ محروم ٿي ويندا. جيڪڏهن ضلعن کي پنهنجي حدن ۾ ايندڙ ٽيڪس پاڻ وصول ڪرڻ جو مڪمل اختيار ڏنو ويو تہ پوءِ سنڌ ۾ ڪراچي بندرگاهہ ۽ ڪارخانن وغيره مان ملندڙ ٽيڪس وصوليءَ مان سڄو ملڪ تہ شاهوڪار ٿي ويندو پر بدين، ٺٽي ۽ دادو جا ماڻهو ”ڪنهن در ڏيندا دانهڙي“ وارو معاملو ٿي ويندو. جنهن سبب ضلعا صوبن ڏانهن جوابده هجڻ بدران سڌو سنئون مرڪز جا محتاج ٿي پوندا. حڪمران ضلعي حڪومتن جي نالي تي جيڪا منصوبابندي ڪري ڪري رهيا آهن، ان رستي هو اڳتي هلي صوبائي حقن ۽ اختيارن وارو معاملو هميشہ لاءِ دٻائڻ يا پس منظر ۾ موڪلڻ گهرن ٿا. ڇاڪاڻ تہ اهڙي جوڙجڪ بعد هر ضلعو صرف انفرادي طور پنهنجي لاءِ ئي مرڪز کان ٻين جي حصي مان ڪجهہ وڌيڪ ٽڪر حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ۾ رڌل رهندو. ان سان نہ رڳو مرڪز کي وڌيڪ سگهارو ۽ مضبوط ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي. پر صوبن جي الڳ قومي وجودن، حقن، تاريخ، ثقافت ۽ ٻوليءَ کي بہ ملياميٽ ڪيو ويندو.

حڪمران آخرڪار اهو ڇو ٿا وساري ويهن تہ پاڪستان ۾ صوبا ڪنهن انتظامي جوڙجڪ جو نالو نہ پر اهي الڳ تاريخي وطن ۽ حقيقتون آهن. انهن جو پاڪستان ٺهڻ کان بہ اڳ الڳ ملڪن جي صورت ۾ وجود هيو. هو صدين کان الڳ تاريخ، ٻولي، ثقافت ۽ جاگرافيائي بنيادن تي قومي وحدتون رهيا آهن، ان ڪري قومي وحدتن سان انتظامي جوڙجڪ جا نالي تي هٿ چراند ڪنهن بہ طرح ملڪ جي مفاد وٽان نہ هوندي. ان ڪري پاڪستان ۾ صوبا ڪي انتظامي ضلعا يا تعلقا ناهن، جن ۾ آبادي وڌي وڃڻ ڪري سنڌن انتظام هلائڻ لاءِ کين وڌيڪ حصن ۾ ورهايو وڃي. جيڪڏهن اهو فارمولو صوبن سان لاڳو ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي تہ اهو قصو اتي ختم نہ ٿيندو، پر ڪي مٿي ڦريا اڳتي هلي ملڪ جي بہ انتظامي ورهاست تي وڃي دنگ نہ ڪن.

اسان کي اها ڳالهہ سمجهہ ۾ نہ ٿي اچي تہ آخرڪار موجوده حڪومت مسئلن جو پينڊورا باڪس کولڻ جي ڪوشش ڇو پئي ڪري. هن کي صرف ملڪ ۾ نين چونڊن رستي ملڪ جون واڳون چونڊيل نمائندن حوالي ڪرڻ واري ايجندا تي ئي ڪم ڪرڻ گهرجي. آخر هڪ غير نمائنده حڪومت کي اهو مينڊيٽ ڪنهن ڏنو آهي، جو هو ملڪ جي قسمت سان هٿ چراند ڪري. جيڪڏهن ضلعي حڪومتن يا ڊويزنل سطح تي نون صوبن جوڙڻ جي پل ڪئي وئي تہ تڪرارن جو اهڙو تہ سلسلو شروع ٿيندو، جنهن کي منهن ڏيڻ جي ملائڪن کي بہ طاقت نہ هوندي. اڄ تائين ملڪ ۾ اها دانهن ٿيندي رهي آهي تہ هن يا هُن صوبي کي گهٽ حصو يا پٽي يا اختيار ڏنا پيا وڃن. پر صوبن اندر ڪڏهن بہ ضلعن مان اها دانهن نہ ٿي آهي تہ نواب شاهہ کي گهٽ حصو ڏنو پيو وڃي ۽ سانگهڙ دادو وارا نانصافي ڪري رهيا آهن. پر نئين فارمولي سان تضاد گهٽجڻ بدران ويتر وڌي ويندا. مرڪز ۽ صوبن وچ ۾ هلندڙ جنگ ضلعن ۽ ڊويزنن تائين ڦهلجي ويندي.

جيڪڏهن موجوده حڪومت کي اختيارن جي ورهاست جو ايترو ئي شوق آهي تہ پوءِ ان جي ﷽ وفاق کان صوبن کي اختيار ڏيڻ سان ڪئي وڃي، جيڪو لڳ ڀڳ ملڪ جي اڪثريتي آباديءَ ۽ ٽن ننڍين صوبن جو گڏيل مطالبو رهيو آهي. اصل ۾ ٿيڻ تہ ائين کپي تہ صوبن کي نہ رڳو سياسي پر

مالي خودمختياري بہ ڏني وڃي. انهن کي ٽيڪس لاڳو ڪرڻ، وصولي ۽ خرچ ڪرڻ جا اختيار ڏنا وڃن. معدني وسيلن تي صوبن جي مالڪي تسليم ڪئي وڃي. وفاقي کاتن، ڪارپوريشن ۾ چئني صوبن کي برابري جي بنياد تي ملازمتون ۽ ٻيا موقعا فراهم ڪيا وڃن. ساڳي طرح فوج ۽ رينجرز سميت ٻين وفاقي فورسن ۾ بہ برابر جو ساڳيو فارمولو برقرار رکيو وڃي. ڇاڪاڻ تہ وفاق چئني صوبن جو نمائنده ادارو آهي. اتي آبادي بدران برابري جي بنياد تي نمائندگي هجڻ گهرجي. جيئن ڪنهن بہ صوبي سان صرف آبادي جي گهٽ وڌائي سبب ناانصافي ٿي نہ سگهي. هن وقت حالت اها آهي جو ٽي صوبا جيڪڏهن هڪ ڳالھ تي متفق بہ ٿين تہ بہ پنجاب جي قومي اسيمبليءَ ۾ اڪثريت سبب پنهنجي ڳالھ مڃائي نہ ٿا سگهن. ان ڪري سياڻي ڪمزور ضلعا ڪهڙي طرح اسلام آباد کان پنهنجا حق حاصل ڪري سگهندا. لاڙڪاڻي جو مسئلو ڪراچي بدران اسلام آباد مان ڪيئن حل ٿي سگهندو. ان ڪري دانشمنديءَ جي تقاضا اها آهي تہ موجوده حڪمرانن کي آئيني معاملن سان ڇيڙڇاڙ ڪرڻ بدران ملڪ ۾ نيون چونڊون ڪرائي اقتدار چونڊيل نمائندن جي حوالي ڪرڻ گهرجي. جيڪڏهن پيندوار باڪس کولڻ جي ڪوشش ڪئي وئي تہ پوءِ حڪمرانن کي مسئلن ۽ مشڪلاتن جي چار ۾ ڦاسي ناڪامين کان سواءِ ٻيو ڪجھ بہ پلئہ نہ پوندو. ملڪ بہ وڌيڪ قومي تڪرارن ۽ تضادن جي ور چڙهي ويندو.

(ڇپيل روزاني سچ ڪراچي، 2 مارچ 2000ع)

٭٭٭

# سنڌ ۾ ٻوليءَ وارو تڪرار:
# پيرا ڪنهن ڏانهن وڃن ٿا

سنڌي ٻوليءَ جي آئيني، قانوني ۽ اخلاقي حقن جي حوالي سان پيدا ٿيل بحران اڃا ماٺو نہ ٿيو آهي. اٿلندو هن معاملي ٻين ڪيترن ئي سوالن ۽ انديشن کي جنم ڏنو آهي. ٻوليءَ واري مامري بعد ڪلي پيل پينڊورا باڪس مان نوان نوان خطرا ۽ خوفناڪيون نڪري نروار ٿيون آهن. اصل ۾ هن بحران وقت کان اڳ انهن چهرن کي بي نقاب ڪري وڌو آهي، جيڪي سنڌ سان محبتن جا نقاب اوڍيو چالاڪيون ۽ چالبازيون ڪرڻ ۾ مصروف هئا. سنڌ جي ڪهڙي نموني پينگ ڪئي پئي وئي، ادارن کي ڪيئن تباهہ ۽ برباد ڪيو پئي ويو، اهي سڀ ڳالهيون سنڌ جي ساڃهہ وندن کان لڪل تہ نہ هيون، پر شاطر ماڻهن ۽ ٽولن هر مڪاريءَ ۽ منافقيءَ کي سنڌ سان محبتن واري غلاف ۾ ويڙهي پيش پئي ڪيو. جنهن ڪري ڪيترائي معصوم ماڻهو سنڌن چالاڪين ۽ چالبازين کي سمجهي نہ سگهيا ۽ فقط نعرن ۽ اعلانن جي اٽندڙ ڌوڙ ۾ حقيقتون لٽجي ويون.

سنڌ ۾ پيدا ٿيل تازي بحران ڪجهہ شين کي وڌيڪ واضح ۽ چٽو ڪري لوڪ جي اڳيان آندو آهي. ان ۾ پهرين شيءَ اها آهي تہ هن بدنصيب خطي تي هڪ ئي وقت 2 حڪمرانيون موجود آهن. هڪ طرف وڏي وزير ارباب رحيم جي لولي لنگڙي حڪومت پنهنجن مڙني ڪمزورين ۽ قباحتن سان گڏ پساهہ پئي کٽي تہ ٻئي طرف گورنر عشرت العباد جي نگرانيءَ هيٺ حڪمران ڌر جي اتحادي جماعت ايم ڪيو ايم جي متبادل پر انتهائي طاقتور ترين حڪومت موجود آهي. ظاهري طور تي تہ سنڌ اسيمبلي موجود آهي پر ان جو وجود نہ هجڻ جهڙو ڏيک ڏئي رهيو آهي. سنڌ حڪومت ۾ شامل اتحادي جماعت ايم ڪيو ايم جا وزير ۽ صلاحڪار، وڏي وزير ۽ اسيمبليءَ ڏانهن جوابده نہ آهن. پر هنن لاءِ هر حڪم ۽ پاليسي نائين زيرو ۽ گورنر هائوس کان اچي ٿي. اهو ئي سبب آهي جو سنڌ مڪمل طور تي هڪ خوفناڪ انتظامي بحران جي ور چڙهي وئي آهي. انتظامي ڪاتن جا عملدار ان پريشانيءَ ۾ مبتلا آهن تہ ڪنهن جو حڪم مڃجي ۽ ڪنهن جي حڪم کي نظرانداز ڪجي.

شايد موجوده دور ۾ سنڌ ئي اهڙو بدنصيب صوبو آهي، جتي هڪ ئي وقت ٻہ اٿارٽيون موجود آهن. امن امان، ترقياتي رٿائن ۽ ٻين اهم معاملن بابت فيصلا سنڌ ڪابينا جي اجلاس ۾ ٿيڻ بدران گورنر هائوس ۾ ٿيندڙ گڏجاڻين ۾ ڪيا پيا وڃن. وڏي وزير جي موجودگيءَ ۾ مختلف ڪاتن کي پنهنجا ڪم سرانجام ڏيڻ يا

پاليسيون جوڙڻ لاءِ گورنر هائوس کان سدا حڪم جاري ڪيا پيا وڃن. جنهن جو تازو مثال سنڌي ٻولي بابت گورنر جا تعليم کاتي جي اختيارن کي ڏنل حڪم آهن. جنهن ۾ گورنر عشرت العباد هڪ انتهائي حساس معاملي تي سنڌ جي وڏي وزير سان مشورو ڪرڻ بدران يا پنهنجي يا پنهنجي پارٽي جي خواهش کي سنڌ ڪابينا آڏو آڻڻ بدران سدا حڪم جاري ڪري سنڌ ۾ پيدا ٿيل محبتن ۽ پنهنجائپ واري ماحول کي تيلي ڏئي ڇڏي.

گورنر عشرت العباد، تعليم واري وزارت کي سڌو سنئون حڪم جاري ڪيا ته يارهين ڪلاس ۾ اردو ڳالهائيندڙ شاگرد کي آسان سنڌي جو مضمون نه پڙهايو وڃي. هن جي انهن حڪمن جي اڳياڙي ۽ پڇاڙي کي ڏسڻ کان سواءِ تعليم کاتي اهڙو نوٽيفيڪيشن جاري ڪري ڇڻ ته پنيور کي باهه ڏئي ڇڏي. تعيلم کاتي جي وزارت ڪنهن اڻ ڄاڻ ۽ اڌ پڙهيل وزير جي حوالي ٿيل نه آهي، جو هن ٻولي جهڙي معاملي کي لالو کيت جي دڪانداري سمجهندي اُڪلائي ڇڏي هجي. پر سنڌ جي تعليم کاتي جي وزارت پاڻ کي انتهائي اهم دانشور ۽ تعليم ماهر سڌرائيندڙ ميڊم حميده کهڙو جي حوالي ٿيل آهي. پر هن ان معاملي کي انتهائي سطحي ورتو. ٿيڻ ته ائين گهربو هو ته جڏهن گورنر هائوس مان 11 ڪلاس مان آسان سنڌي ٻولي جي مضمون نه پڙهائڻ بابت حڪم جاري ڪيو ويو هو ته، تعليم واري وزير کي گورنر جي حڪم تي اهڙو نوٽيفيڪيشن جاري ڪرڻ نه گهربو هو. پر اهو معاملو سنڌ جي وڏي وزير جي آڏو آڻڻ گهرجي ها، هن مامري تي سنڌ ڪابينا جي اجلاس ۾ بحث ٿيڻ گهرجي ها ته ڇا گورنر کي اهڙا حڪم جاري ڪرڻ جو اختيار حاصل آهي؟ پر حميده کهڙو، وڏي وزير، ڪابينا ۽ اسيمبليءَ جي موجود هوندي هڪ فرد جي حڪمن کي اکين تي رکي نوٽيفڪيشن جاري ڪري پاڻ کي شاهه کان وڌيڪ شاهه جو وفادار هجڻ جو ثبوت فراهم ڪيو. حميده کهڙو آئيني ۽ قانوني طرح گورنر نه پر وڏي وزير ڏانهن جوابده هئي. پر هن خبر ناهي ته پاڻ کي ڪنهن جو وفادار قرار ڏيندي، اهڙو عمل ڪري پنهنجي والد مرحوم محمد ايوب کهڙي جي تاريخ جو ورجاءُ ڪيو. جنهن به پنهنجي وڏ وزارت پڪي ڪرڻ لاءِ ونيونٽ جهڙو غلامي جو طوق سنڌ جي ڪنڌ ۾ وڌو هو.

سنڌ ۾ پيدا ڪيل بحران جا پيرا نه فقط گورنر هائوس ۽ تعليم واري وزير حميده کهڙو جي در ڏانهن وڃن ٿا. پر خود سنڌ جي وڏي وزير ارباب رحيم جي معاملن کان لاتعلقي پڻ سنڌ ۾ ڪاوڙ ۽ ڪروڌ کي جنم ڏئي رهي آهي. خود سنڌ جو وڏو وزير ارباب رحيم ٻوليءَ واري معاملي تي پنهنجن حڪمن تي عمل نه ڪرائي سگهيو آهي. سنڌ جي وڏي وزير جي حڪمن باوجود تعليم کاتي طرفان گورنر هائوس جي حڪم تي جاري ڪيل نوٽيفيڪيشن کي رد ڪرڻ جو نوٽيفيڪيشن جاري نه ڪرڻ ان ڳالهه جو ڏس ڏئي ٿو ته وڏو وزير پنهنجي حڪمراني واري حق وڃائي ويٺو آهي. مختلف کاتن جا وزير ۽ ڪامورا وڏي وزير جي حڪمن بدران گورنر هائوس کي اهميت ڏئي رهيا آهن. شايد هو ان ڳالهه ۾ حق بجانب به هجن ته سنڌن ملازمتون ۽ عزتون جن جي هٿ وس آهن، انهن کي راضي رکڻ ۾ ئي سنڌن خيروعافيت آهي.

متحده قومي موومينٽ ٻوليءَ واري معاملي تي جيڪو مؤقف اختيار ڪيو آهي، اهو انتهائي افسوسناڪ آهي. جنهن مهاجر قومي موومينٽ کي متحده ۾ تبديل ڪيو ويو ۽ متحده جي اڳواڻ الطاف

حسين اهي اعلان ۽ اقرار ڪيا تہ هاڻي ايم ڪيو ايم، هڪ لساني سطح جي تنظيم نہ آهي. پر اها ملڪ جي قومي سياسي ڌارا ۾ شامل ٿي رهي آهي. تہ اها اميد پيدا ٿي هئي تہ هاڻي سنڌ مان نفرتن جو خاتمو ٿيندو، ڀائيچاري واري فضا قائم ٿيندي. اڳتي هلي متحده جي قائد الطاف حسين نہ فقط سنڌي ڳالهائيندڙن سان وڌيڪ پنهنجائپ پيدا ڪرڻ لاءِ اڳڀرائي جي دعويٰ ڪئي پر ايم ڪيو ايم جي سڄي سنڌ ۾ خاص ڪري سنڌي ڳالهائيندڙن منجھ تنظيم ڪاري ڪرڻ شروع ڪئي. جنهن سان اها اميد ويتر پختي ٿي تہ اردو ڳالهائيندڙ آبادي ماضيءَ جي غلطين مان سبق پرائيندي، هاڻي هتان جي اصل ڌرتي ڌڻين سان رلي ملي رهڻ چاهي ٿي. اردو آبادي ۽ سندن ليڊرشپ سنڌ جي ٻولي، تهذيب، ثقافت، آئيني ۽ قانوني حقن جي حوالي سان سنڌي ڳالهائيندڙن سان گڏ ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي بيهڻ گهري ٿي. پر اهي اعلان، واعدا ۽ اقرار فقط دل وندرائڻ يا سنڌي ماڻهن کي بيوقوف بنائڻ جي هڪ چال هئي. ڇاڪاڻ تہ جيڪو الطاف حسين ۽ ان جي پارٽي سنڌي ٻولي سکڻ لاءِ اردو آبادين ۾ اسڪول کولڻ جي حد تائين اڳتي وڌڻ جي دعويٰ ڪري رهي هئي، سا فقط 11 ڪلاس ۾ اردو ڳالهائيندڙ شاگردن کي آسان سنڌي پڙهائڻ واري عمل کي بہ برداشت ڪرڻ لاءِ تيار نہ ٿي رهي آهي. ايم ڪيو ايم، خاص ڪري موجوده حڪومت دوران جيڪا طاقت ۽ قوت حاصل ڪئي آهي ۽ اقتدار جي ايوانن ۾ رسائي حاصل ڪئي آهي، اهڙو موقعو ڪيس اڳ نصيب نہ ٿيو آهي، تنهن تہ ائين گهربو هو تہ ايم ڪيو ايم هن ئي وقت دوران سنڌ سان وفاداري ۽ محبت جو ثبوت ڏيندي اهڙا عمل ڪري ها، جنهن سان اردو ۽ سنڌي ڳالهائيندڙن منجھ ويجهڙائپ وڌيڪ سگهاري ٿئي ها. پر ايم ڪيو ايم جو موجوده دؤر ۾ ڪالاباغ ڊيم، ٻولي، روزگار ۽ شهري حڪومتن جي حوالي سان جيڪي ڪردار سامهون آيو آهي، تنهن سندس ارادن کي پڌرو ڪري ڇڏيو آهي. هڪ طرف ايم ڪيو ايم پاڻ کي لساني بدران قومي سطح جي سياسي پارٽي قرار ڏئي رهي آهي ۽ پنهنجن صفن ۾ سنڌي ڳالهائيندڙن کي شامل پئي ڪري، ٻئي طرف ان جو عمل ۽ ڪردار سنڌ سان سڄاڻپ جي حوالي سان سوال جو نشان بڻجي رهيو آهي.

موجوده حڪومت ۾ سنڌ ۾ جنهن سطح تي ڪرپشن وڌي آهي. ان جو ماضيءَ ۾ مثال نہ ٿو ملي. ايم ڪيو ايم جيڪا پاڻ کي ڪرپشن جي حوالي سان پاڪ ۽ شفاف قرار ڏيندي هئي، تنهن جي وزيرن ۽ صلاحڪارن پنهنجن کاتن ۾ جيڪي ڪرپشن جا مثال قائم ڪيا آهن تن جو ماضي ۾ مثال نہ ٿو ملي. خاص ڪري صحت کاتي ۾ ڪرپشن جي بنياد تي متحده جي سربراهہ الطاف حسين جي سهري فيصل ملڪ کي هٽايو ويو ۽ کاتي جي ڪامورن ۽ اڳوڻي صلاحڪار خلاف جاچ جو اعلان ڪيو ويو. پر اها جاچ بہ سرد خاني حوالي ٿي وئي. نہ فقط ايم ڪيو ايم پر ٻين جماعتن ۽ مسلم ليگ (ق) سان واسطو رکندڙ وزيرن بہ پنهنجي حال سارو ڪثر نہ ڇڏي آهي. اها ٻي ڳالهہ آهي تہ ڪين ڪرپشن ڪرڻ ۽ ان کي لڪائڻ جا اهي گُر هٿ نہ اچي سگهيا آهن، جيڪي متحده جي وزيرن ۽ صلاحڪارن وٽ موجود آهن. ڪرپشن ان سطح تي پهتي آهي جو خود امداد ڏيندڙ عالمي ادارن اهڙيون شڪايتون قومي سطح جي قيادت ۽ خود ايوان صدر تائين پهچايون آهن.

سنڌ ۾ بدانتظامي ۽ بحران ڏينهون ڏينهن وڌي رهيو آهي. سنڌ حڪومت جو وجود سواليہ نشان

بڻجندو پيو وڃي. بدامني، اغوا، قتل، ڌاڙا، اقليتن سان ناانصافين، روزگار جي ذريعن تي قبضا، پڌائن ٿا ته سنڌ ننڌڻڪي بڻجي چڪي آهي. ڌرتي ڌڻين جو ساهه ٻوساٽڻ لاءِ روز نوان حڪم ۽ فيصلا صادر ڪيا پيا وڃن. هڪ ٻئي پويان مصيبتون ۽ مشڪلاتون سنڌ جو پيڇو ڪري رهيون آهن. عوام ننڌڻڪو ۽ بي يارو مددگار بڻيل آهي. بيوسيءَ ۽ لاچاريءَ واري ڪيفيت ماڻهن کي ٻي واهه نه سجهندي پاڻ کي ماري هن قباحت ڀرئي سماج کان ڌار ٿيڻ تي اُتساهي رهي آهي.

هن سڄي صورتحال ۾ سنڌ جي ساڃهه وندن کي پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻ کپي. پنهنجن انائن کان پاسيرو ٿي اهڙي گڏيل عمل جي رٿابندي ڪرڻ کپي، جيئن سنڌ کي چورن جي وات مان ڇڏائي سگهجي. هاڻي فقط سڪتا اعلان، مذمتون ۽ مطالبا درد جي دوا بڻجي نه ٿا سگهن. ڇاڪاڻ ته اسان جيستائين سندرا ساهينداسين، ان وقت تائين ڌرتي پيرن هيٺيان کسڪي چڪي هوندي.

(چپيل، روزاني سوڀ ڪراچي، 31 آڪٽوبر 2005ع)

★★★

# رڪ سنڌي جو تعارف

سنڌ جو مشهور ليکڪ رڪ سنڌي 5 آگسٽ 1961ع تي تعلقي ڪنڊياري ضلع نواب شاهه جي ڳوٺ حامد اڄڻ ۾ پيدا ٿيو. پاڻ سنڌ يونيورسٽي مان گريجوئيشن ڪرڻ بعد صحافت جو پيشو اختيار ڪيو. پاڻ روزاني سنڌ سجاڳ جي ايڊيٽر ۽ روزاني جاڳو ڪراچي جي ايڊيٽر ۽ پبلشر طور خدمتون سرانجام ڏنيون. جڏهن ته روزاني عوامي آواز ڪراچي، روزاني سچ ڪراچي، روزاني سوڀ ڪراچي، روزاني تعمير سنڌ ڪراچي، روزاني سنڌ حيدرآباد ۾ نيوز ايڊيٽر ۽ اسسٽنٽ ايڊيٽر طور خدمتون سرانجام ڏنيون. پاڻ مختلف صحافتي تنظيمن ۾ شامل رهيو آهي.

رڪ سنڌي سنڌ جي حقن خاطر مختلف قومپرست ۽ ترقي پسند تنظيمن ۾ به سرگرم ڪردار ادا ڪندو رهيو آهي. هو گذريل 20 سالن کان ادب، سياست ۽ صحافت سان لاڳاپيل هجڻ سميت ڪيترن ئي ڪتابن جو خالق رهيو آهي. جن ۾ ڪيترائي ڪتاب شايع ٿيل آهن. جڏهن ته سندس سوين مقالا ۽ مضمون مختلف اخبارن ۽ رسالن ۾ شايع ٿيندا رهيا آهن. رڪ سنڌي جي شايع ٿيل ڪتابن ۾ "قومون ۽ قومي تحريڪ آزادي"، "ٽوڙي ڦاٽڪ جو سانحو"، "سنڌي قوم جو مقدمو"، "سنڌ جي سياسي صورتحال"، "سنڌ آزادي ۽ انقلاب"، "تاريخ جي لاٽ"، "قاضي فيض محمد"، "سنڌ جي قومي تحريڪ ۽ سنڌين جو اتحاد"، "اڄ جي سنڌ ۽ "سنڌو سپيتا جي اوسر" ڪتاب ڳڻائي سگهجن ٿا.

رڪ سنڌي ڪيترائي ڪتاب ترجمو ڪري سنڌي ٻوليءَ جي جهوليءَ ۾ وڌا آهن. جن ۾ بينظير ڀٽو جو ڪتاب "پاڪستان طوفان جي گهيري ۾" به هڪ آهي. جڏهن ته ڪيئي ڪتاب مرتب به ڪيا آهن. جن ۾ "باباءِ سنڌ ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي"، "سنڌي ٻولي رت رتولي" ۽ ٻيا شامل آهن.

# رڪ سنڌيءَ جا ٻيا ڪتاب

1. سنڌو سڀيتا جي اوسر
2. سنڌ جي قومي تحريڪ ۽ سنڌين جو اتحاد
3. اڄ جي سنڌ
4. تاريخ جي لاٽ
5. قاضي فيض محمد
6. قومون ۽ قومي تحريڪ آزادي
7. ٺوڙي ڦاٽڪ جو سانحو
8. سنڌي قوم جو مقدمو
9. سنڌ جي سياسي صورتحال
10. سنڌ آزادي ۽ انقلاب

نوٽ: ڊائون لوڊ ڪرڻ لاءِ ڪتاب جي مٿان ڪلڪ ڪريو